ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) سومر 27 اپريل 2026ع 09 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (252)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايراني پرڏيهي وزير ٻيهر اسلام آباد پهچي ويو، پاڪستاني قيادت سان ملاقات، آمريڪا سان ڳالهين بابت غور ويچار

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي مسقط کان اسلام آباد پهتو، تهران مان ايراني وفد ب پاڪستان پهچي ويو، فيلڊ مارشل فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان اهم ملاقات

پاڪستاني قيادت سان ملاقات ۾ علائقي ۾ موجوده سيڪيورٽي صورتحال، ايران-آمريڪا تڪرار ۽ امن ۽ استحڪام لاءِ جاري سفارتي ڪوششن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن پاران خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڳالهين سميت ڳنڊيل معاملن، دفاعي تعاون ۽ تڪرار گهٽائڻ جي امڪانن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو

خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ناگزير آهن. پاڪستان خطي ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکندو: پاڪستاني قيادت جو عزم

اسلام آباد (م د) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي هڪ ڀيرو ٻيهر اسلام آباد پهچي ويو. عباس عراقچي مسقط کان اسلام آباد پهتو آهي جڏهن ته ڳالهين لاءِ تهران مان ايراني وفد ب پاڪستان پهتو آهي. اسلام آباد ۾ ايراني پرڏيهي وزير جي فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ احمد خان سان پيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

لاهور هاءِ ڪورٽ جو جسٽس اسجد جاويد گهرال 29 اپريل تي رٽائر ٿيندو

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ جو سينئر ترين جج جسٽس شجاعت علي خان جي تازي رٽائرمينٽ ڪان پوءِ وڌيڪ 3
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران وائيٽ هائوس ۾ تقريب دوران فائرنگ جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق وائيٽ هائوس ۾ صحافين جي اعزاز ۾ ڪيل
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

نيپرا کي 25 ڪلوواٽ کان گهٽ سولر صارفين لاءِ فيس ختم ڪرڻ جي هدايت

وفاقي وزير سردار اويس احمد لغاري جي هدايتن تي پاور ڊويزن کي اهڙي هدايت ڪئي

25 ڪلوواٽ يا ان کان گهٽ نظام لاءِ نيپرا کان لائسنس جي ضرورت نہ هئڻ لاءِ نظرثاني جو چيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان دهشتگردي خلاف وڏهہ ڪندي قربانيون ڏنيون، ڀارت دهشتگردي کي هٿي ڏئي پيو: عطا الله تارڙ

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج هر جارحيت جو موثر جواب ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي

هڪ سال اڳ وزيراعظم شهباز شريف پهلگام واقعي بعد ڀارت کي عالمي سطح تي بي نقاب ڪيو هو

فتنہ الهندستان بي ايل اي ۽ فتنہ الخوارج ٽي ٽي پي جهڙين ٽرين جا پيرا ڀارت سان ملن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي تہ پهلگام واقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف ڀارت کي عالمي سطح تي بي نقاب ڪيو پاڪستان ڀارتي بليم گيم جو پرپور
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاالله تارڙ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان امن عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ سفارتي سرگرميون برقرار رکيون: سردار مسعود خان

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ شروعاتي ڳالهين کان پوءِ ب پاڪستان پوري طرح متحرڪ رهيو

فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم علائقائي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ خطي جي اهم ڳاڙي ملڪن جا دورا پڻ ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي آمريڪا، چين ۽ گڏيل قومن ۾ اڳوڻي سفير سردار مسعود خان چيو آهي تہ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي جي چيئرمينز شهر کي ڪچري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي: سعديہ جاويد

ڪراچي جو امير منعم ظفر پين تي تنقيد کان اڳ پنهنجن 9 ٽائونز جي ڪارڪردگي ڏسي

يونيورسٽي روڊ تي احتجاج رڳو فوٽو سيشن آهي، عوام جي خدمت ناهي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي پريس ڪانفرنس تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ جماعت اسلامي سياست بدران رڳو
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين جا گڏيل منصوبا انفرا اسٽرڪچر ۽ صنعتي ترقي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا: صدر زرداري

چين جي صوبي حنان جي شهر چانگشا ۾ صدر آصف زرداري ساني هيوي انڊسٽري جو دورو ڪيو

انجنيئرنگ، تعميراتي مشينري شعبي ۾ تعاون، ٽيڪنالاجي منتقلي ۽ سيڙپڪاري جي امڪانن جو جائزو ورتو

ڪمپني چيئرمين تانگ شيوگو جدت، ڊجيٽلائيزيشن ۽ عالمي حصداري لاءِ پنهنجي جي عزم کي اجاگر ڪيو

چانگشا (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري چين جي صوبي حنان جي شهر چانگشا ۾ ساني هيوي انڊسٽري جو دورو ڪيو ڪالهہ ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر مملڪت
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

چانگشا: صدر آصف علي زرداري ساني هيوي انڊسٽريل ڪامپليڪس جو دورو ڪري رهيو آهي، ٻي طرف ڪيس هنان ني گروپ پاران بريفنگ ڏني پئي وڃي جڏهن تہ هنان صوبي جو گورنر صدر زرداري جو آڌرڀاءُ ڪري رهيو آهي

وطن جي حفاظت لاءِ پاڪ فضائيہ دشمن کي سخت جواب ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهي: دفاعي ماهر

حق جي ويڙهہ ۾ پاڪ فضائيہ جرئت ۽ بهادري جي نئين تاريخ لکي جنهن جي دهشت پوري دنيا محسوس ڪئي

ويڙهہ کان اڳ پاڪ فضائيہ ٽي ڏينهن پرپور آپريشنل جنگي مشقن "ضرب حيدري" جي شروعات ڪئي

پاڪ فضائيہ دشمن جي جنگي جهازن کي فضا ۾ تباهہ ڪري وطن جي دفاع جي تاريخ ۾ هڪ سونهري باب جو اضافو ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وطن جي دفاع واري جذبي سان ڀرپور پاڪ فضائيہ دشمن
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ورثي سان سچايا رهن ٿا: سانا

لنڊن ۾ عالمي سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ڪاميابي سان منعقد، مختلف ملڪن مان سنڌي تنظيمن جي شرڪت

اسان جو مقصد دانشورن، نوجوانن ۽ ڪميونٽي اڳواڻن ۾ اتحاد قائم ڪرڻ آهي: ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو

لنڊن (اي پي پي) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) طرفان لنڊن برطانيہ ۾ هڪ اهم عالمي سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ڪاميابي سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان سنڌي تنظيمن، وڏي انگ ۾ پيشيوراڻن ماڻهن، دانشورن ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري پاران ڪي پي ٽي ٽرمينلز تي اسٽوريج رليف جو اعلان

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (ڪي پي ٽي) ٽرمينلز تي 25 کان 50سيڪڙو تائين اسٽوريج چارجز ۾ رعايت جو اعلان ڪندي چيو آهي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ڪراچي يونيورسٽي روڊ جي تعمير ۾ دير تي شهرين کان معافي گهري ورتي

بي آر ٽي ريڊ لائين لاٽ ٽو جي مين ڪوريڊور جو ڊيڊلائن ٻيهر جاري ڪيو ويندو: مراد علي شاهه

مڪسڊ ٽريڪ تقريبن 12 ڪلوميٽر ڊگهو آهي، اميد آهي اها لين ٽن مهينن اندر مڪمل ٿي ويندي

عوام جون اميدون سنڌ حڪومت سان جڙيل آهن، ڪم کي تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه يونيورسٽي روڊ جي تعمير ۾ دير تي شهرين کان معافي ورتي ۽ چيو تہ 3 مهينن اندر مڪسڊ ٽريفڪ لين بحال ڪئي ويندي هن
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم پي اي راشد شاهه راشدي غلام مرتضيٰ جتوئي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سان مختلف شخصيتن جي ملاقات، سندس پيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

لاهور (اي پي پي) پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان سان مختلف سياسي ۽ حڪومتي شخصيتن اسپيڪر هائوس ۾ ملاقاتون ڪيون ۽ سندس پيءُ ۽ مملڪتي وزير ملڪ رشيد احمد خان جي پاڇائيءَ جي لاڏاڻي تي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد ۾ ايم اين اي مير اعجاز جکراڻي جو پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

زيد حسين جکراڻي جو مڙهہ ايمبولينس ذريعي جيڪب آباد پهچايو ويو، جنازي نماز ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت

بلاول ڀٽو زرداري، اياز صادق خورشيد، مراد علي شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، شير محمد مغيري پاران ڏک جو اظهار

ڊاڪٽر سهراب سرڪي، اورنگزيب پنهور، طاهر حسين کوسو، سردار صدام حسين ٻرڙو ۽ ٻين ۽ ٻين پڻ ڏک جو اظهار ڪيو

جيڪب آباد(ع ر) ايم اين اي مير اعجاز جکراڻي جو نوجوان پٽ فوت، جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت،لوڪن ۽ سڏڪن سان مٽي ماءُ حوالي،پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو وزيراعلي سنڌ ۽ ٻين
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: ايم اين اي اعجاز جکراڻي جو پنهنجي مرحوم پٽ سان ورتل يادگار فوٽو

صدر آصف علي زرداري پاران اعجاز جکراڻي جي پٽ جي وفات تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ اعجاز جکراڻي جي نوجوان پٽ زيد جکراڻي جي وفات تي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد پاران اعجاز جکراڻي جي پٽ جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڏک جي هن گهڙي ۾ مان اعجاز جکراڻي ۽ سندس خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهيان

الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سوڳوارن کي صبر عطا ڪري، آمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي ايم اين اي ۽ عبرت گروپ جي سرواڻ قاضي اسد عابد قومي اسيمبلي جي ميمبر مير اعجاز
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخواهہ جي گورنر پاران اعجاز جکراڻي جي پٽ جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخواهہ جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، قومي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي جي چونڊ، سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي جي چونڊ ٿي گذري جنهن
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مسيحي برادري پاران امن جي تقريب کي فادر جميل البرٽ خطاب ڪري رهيو آهي

وائيٽ هائوس ۾ تقريب دوران آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي فائرنگ، اهلڪارن ڪيس بچائي ورتو، حملو ڪندڙ گرفتار

واشنگٽن هلٽن ۾ صحافين جي ايسوسيئيشن جي سالياني ڊنر تقريب دوران اوچتو زوردار فائرنگ شروع ٿي وئي، جنهن سبب تقريب ۾ موجود ماڻهو خوف وچان ميزن هيٺان لڪي ويا

سيڪيورٽي اهلڪارن فوري طور صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ خاتون اول سميت نائب صدر جي ڊي وينس، ڪابينا ميمبر ۽ اهم شخصيتن کي گهيرو ڪري کين فوري طور محفوظ هنڌ منتقل ڪيو

سيڪيورٽي اهلڪارن شڪي حملي آور کي حراست ۾ ورتي ڇڏيو گرفتار ڪيل 31 ورهين جو شڪي حملي آور ڪيليفورنيا رياست جو رهواسي آهي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

تقريب جي اندروني ويڊيوز جاري ڪئي وئي حملي دوران شرڪت ڪندڙ سمورا ماڻهو حفاظتي قدمن تحت هيٺ جهڪي ويا، صدر کان پوءِ اهم شخصيتن کي حفاظت سان ڪڍيو ويو

مون کي مارڻ جي هڪ ٻي ڪوشش ڪئي وئي، واقعي جو ايران جنگ سان واسطو ناهي، شڪي شخص وٽ ڪيترائي هٿيار هئا، سيڪريٽ سروس تڪڙي ۽ بهادري سان ڪارروائي ڪئي آهي: ٽرمپ

اهلڪارن وقت سر ڪارروائي ڪري ماڻهن جون حياتيون بچايون، اسان کي پنهنجا اختلاف ختم ڪرڻا پوندا، اسان پنهنجون تقريبون ختم نہ ڪنداسين، 30 ڏينهن ۾ ان کان وڏي تقريب ٿيندي: پريس ڪانفرنس

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي موجودگي ۾ وائيٽ هائوس ڪريسپانڊنٽس ايسوسيئيشن ڊنر دوران فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ صدر ٽرمپ محفوظ رهيو جڏهن تہ حملو ڪندڙ کي گرفتار ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب وائيٽ هائوس جي صحافين جي ايسوسيئيشن جي سالياني ڊنر تقريب دوران اوچتو فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن: آمريڪي صدر ٽرمپ جي اعزازي تقريب ۾ فائرنگ دوران ڪيس گارڊ محفوظ هنڌ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن

صدر زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاران وائيٽ هائوس ۾ فائرنگ جي مذمت

افسوسناڪ واقعو دهشتگردي جي هڪ ڳنڊي صورت آهي، سخت مذمت ڪريون ٿا

شڪر آهي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ خاتون اول واقعي ۾ محفوظ رهيا، سندن سلامتي لاءِ شڪرگذار آهيون: بيان

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف وائيٽ هائوس ڪريسپانڊنٽس ڊنر ۾ فائرنگ جي واقعي جي شديد مذمت ڪندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ لاءِ نيڪ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سعودي ۾ اقامہ، ليبر ۽ سرحدي قانونن جون ڀڃڪڙيون، 12 هزار 192 پرڏيهي گرفتار

هڪ هفتي دوران 17 هزار 368 پرڏيهين کي سندن ملڪ واپس موڪليو ويو آهي: پرڏيهي ميڊيا

سفر، رهائش، روزگار ۽ پناهہ ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ماروٽ 22 ماڻهن کي ب حراست ۾ ورتو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامہ ليبر ۽ سرحدي قانونن جون وڌيڪ 12 هزار 192 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون آهن جڏهن تہ 17 هزار 368 پرڏيهين کي سندن ملڪ واپس موڪليو ويو
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پيٽرول قيمتن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ عالمي تڪرارن جو حل ضروري آهي: علي پرويز ملڪ

ڀارت جي قيمتن کي مستحڪم رکڻ ۽ مارڪيٽ ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

معاشي تباهہ جو شڪار ڀارت جهڙن ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جي صورتحال بهتر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم بابت وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ پيٽرول جي قيمتن ۾ مستقل طور ضابطي ۾ رکڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي، پاڪستان عالمي تڪرارن جو حل ڪيڻ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

يورپي يونين اسان جي ڪمپنين ۽ ماڻهن کي پابندين جي لسٽ مان خارج ڪري: چين

سلامتي ڪائونسل جي منظوري کان سواءِ لاڳو ڪيل هڪ طرفو پابندين جي سختي سان مخالف ڪريون ٿا

يورپي يونين جو اهو قدم چين ۽ يورپ جي اڳواڻن وچ ۾ طئي ٿيل اتفاق راءِ جي ابتڙ آهي

بيجنگ (اي پي پي) چين يورپي يونين جي پابندين تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي پنهنجي ڪمپنين کي لسٽ مان ڪيڻ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب يورپي يونين پاران روس خلاف پابندين جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ بار ڪائونسل ۾ "وال آف پيس اينڊ صوفي ازم" جو افتتاح ڪيو ويو

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، صوفي ازم انسانيت، برداشت ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو: گهرو وزير

"وال آف پيس اينڊ صوفي ازم" جو قيام رواداري ۽ ڀائيچاري جي روشن علامت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بار ڪائونسل ۾ "وال آف پيس اينڊ صوفي ازم" جو افتتاح ڪيو ويو جنهن سان امن جي پيغام کي نئين جهت ملي آهي. افتتاح وزيرداخلہ ۽ قانون سنڌ ضياءُ الحسن لنجار ڪيو. ان
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: بچاءُ وارو وفاقي وزير خواجہ آصف ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

مالي ۾ فوجي مرڪز ۽ سيڪيورٽي اثاثن تي حملا، بچاءُ وارو وزير مارجي ويو

تخت گاهہ باماڪو پرسان فوجي شهر ڪيٽي ۾ ساديو ڪامارا جي گهر تي ب حملو ڪيو ويو

هڪ ئي وقت ملڪ جي مختلف حصن ۾ حملا ٿيا، بچاءُ وارو وزير مارجڻ جي تصديق ڪئي وئي

اختيارين واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي سيڪيورٽي فورسز کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي: ميڊيا

باماڪو (م د) مالي جو بچاءُ وارو وزير ساديو ڪامارا حملي ۾ مارجي ويو آهي واقعو سڄي ملڪ ۾ فوجي ٺاڪن تي ٿيندڙ گڏيل حملن دوران پيش آيو. پرڏيهي ميڊيا موجب تخت گاهہ باماڪو پرسان
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نئين دهلي ايئرپورٽ تي سوئس جهاز جي انجڻ ۾ باهہ لڳي وئي، 6 ڄڻا زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي گادي واري شهر نئين دهلي ۾ اندرا گانڌي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي صدر سيد يوسف رضا گيلاني پاران وائيٽ هائوس ۾ فائرنگ جي واقعي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي صدر سيد يوسف رضا گيلاني وائيٽ هائوس جي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ملڪيتن جي شعور جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ملڪيتن جي شعور جو عالمي ڏينهن آچر 26 اپريل تي ملهايو ويو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي صدر يوسف رضا گيلاني اولڊ راوينز ايسوسيئيشن جي تقريب کي خطاب ڪندي

جي سي يونيورسٽي عظيم علمي، ثقافتي ۽ تاريخي روايتن جي امين درسگاهہ آهي: يوسف رضا گيلاني

دنيا تيزي سان بدلجي رهي آهي اسان کي عالمي گهرجن مطابق پاڻ کي هر اهڙي ڪرڻو پوندو

گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي جي شاگردي وارن ڏينهن جون يادون اڄ ب منهنجي دل ۾ تازيون آهن

لاهور (اي پي پي) وفاقي صدر مملڪت سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي تہ گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي لاهور عظيم
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي غيرقانوني قدم سان پاڪستان کي پاڻي جي ڪٽ کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو: آبي ماهر

سنڌ طاس معاهدي جي معطلي واري غيرقانوني قدم سان زراعت جي شعبي تي ناڪاري اثر پوڻ جو خدشو آهي

پاڪستان لاءِ اهو معاهدو ڪا رعايت نہ پر معاهدي تحت ئي اسان 3 درياهہ ڀارت کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو

ڀارت پاڻي جي وهڪري بابت آگاهہ نٿو ڪري تہ ان سان پاڪستان جي منصوبابندي متاثر ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) آبي ماهرن چيو آهي تہ سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جي غيرقانوني ڀارتي قدم سان پاڪستان کي مستقبل ۾ پاڻي جي ڪٽ کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو ۽ زراعت جي شعبي تي بہ ناڪاري اثر پوڻ جو خدشو آهي اڳوڻي انڊس واٽر ڪمشنر جماعت علي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بن ٽرالرن ۽ رڪشا ۾ ٽڪر سبب نينگري فوت، ب عورتون ۽ نوجوان زخمي

سائيٽ ايريا بن ٽرالرن جي وچ ۾ رڪشو اچڻ سبب 10 سالن جي صبيحہ فوت ٿي وئي

حادثي ۾ 30 سالن جي جميلا جميلا 35 سالن جو حسين ۽ 16 سالن جي طيبہ زخمي، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سائيٽ ايريا جي حبيب بينڪ چورنگي ويجهو افسوسناڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ٺل پرسان مسافر ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

مبارڪپور شهر ۾ تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ پرويز علي زخمي ٿي پيو، اسپتال نئيندي رستي ۾ فوت

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، شهرين ڪوچ ۽ ڊرائيور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد(ع ر) ٺل پرسان مبارڪ پور شهر ۾ تيز رفتار مسافر ڪوچ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار پرويز علي مستوئي سخت زخمي ٿي پيو ڪجهہ دير بعد زخمي پرويز علي مستوئي تي زخمن جي سٽ نہ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

گورنر نهال هاشمي سان ميان محمد سومرو جي ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان اڳوڻي گورنر سنڌ ميان محمد سومرو گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ميان محمد سومرو گورنر سنڌ کي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي سان اڳوڻو وفاقي صدر محمد ميان سومرو ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ جوابدار مڙس فائرنگ ڪري پنهنجي نوجوان زال کي قتل ڪري ڇڏيو

ڪورنگي مهراڻ ٽائون ۾ جوابدار ذوالفقار گهرو جهيڙي دوران پنهنجي زال مٿان فائرنگ ڪئي

گوليون لڳڻ سبب 18سالن جي عورت صنم قتل ٿي وئي، واقعي بعد جوابدار فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪورنگي صنعتي ايريا ٿاڻي جي علائقي ڪورنگي مهراڻ ٽائون سيڪٽر 6 ڊي هزارا چوڪ جي ويجهو گهر اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ 18سالن جي عورت قتل ٿي وئي آهي واقعي جو اطلاع ملندي پوليس پهچي ويئي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پل تان ڪرڻ سبب پيرسن فوت، هڪ شخص جو گندي نالي مان لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ لاش ملڻ سميت 2 ڄڻا فوت، شاهراهہ ڀٽو روڊ کان ميمڻ گوٺ ويندي پل تان هيٺ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 68 سالن جو پيرسن عبدالرحمان ولد محمد عثمان فوت ٿي ويو ٻئي ياسي گڏاپ سٽي پوليس ٿاڻي جي علائقي سپر هاءِ وي جميل ميمڻ ڪالوني ٽريل اي ڪيٽل فارم جي ويجهو ۾ هڪ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سماجي تنظيم پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

وفاقي صدر جي پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات، سندس پيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

لاهور (اي پي پي) وفاقي صدر مملڪت سيد يوسف رضا گيلاني گڏريل ڏينهن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ويزن 2030ع جون سرگرميون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون: رپورٽ

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ويزن 2030ع جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلا 3 ڦورو مارجي ويا ۽ ٻہ ڌوهاري گرفتار

لياقت آباد ۽ نيو ڪراچي علائقن ۾ شهرين کان ڦرلٽ دوران پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ مقابلا ٿيا

فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ٻہ ڦورو مارجي ويا، سندن قبضي مان هٿيار، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ آئي

انڊسٽريل ايريا ۾ اسٽريٽ ڪرمنلز ۽ منشيات فروشن سان مقابلي دوران ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ضلعي سينٽرل جي لياقت آباد ۽ نيو ڪراچي علائقن ۾ پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ ٿيل مبينا مقابلي ۾ ٻہ ڦورو مارجي ويا ۽ ٻہ گرفتار ڪيا ويا. ضلعي سينٽرل پوليس جي ترجمان موجب لياقت آباد پوليس ٿاڻي جي ڊاڪخانہ پل تي شاهين فورس ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث ملزمن جي وچ ۾
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

چيني بحريہ جو سلڪ روڊ آرڪ اسپتال جهاز مشن مڪمل ڪري وطن واپس پهچي ويو

بيجنگ (اي پي پي) چيني بحريہ جو سلڪ روڊ آرڪ اسپتال جهاز هارموني مشن-2025 ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ ڪان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٻہ ڏينهن اڳ پاڻي جي لائين ۾ ٻڏي ويل نوجوان جو لاش هٿ اچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سچل ٿاڻي جي حد غازي ڳوٺ ۾ ٻہ ڏينهن اڳ پاڻي جي لائين ۾ ڪري ٻڏي ويل هڪ نوجوان جو لاش ملي ويو ريسڪيو ديبل وڻ ديبل ٽو جي ترجمان موجب 12 سالن جو ڄاڻا جمعي ڏينهن پاڻي جي لائين ۾ ڪري پيو هو ريسڪيو آپريشن ٻن ڏينهن کان جاري هو آچر ڏينهن صبح چوڪري جو لاش سعدي ٽائون مان مليو متوفي جو لاش سرد
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ٺل پرسان موٽرسائيڪل ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي فائرنگ، هڪ قتل، ٻيو زخمي

شير واهہ وٽ هٿيارٻندن ظفر الله ڊول ۽ صلاح الدين ڊول کي روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني، گوليون لڳڻ سبب ظفر الله موقعي تي مارجي ويو

صلاح الدين گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

جيڪب آباد (ع ر) ٺل پرسان ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد شير واهہ وٽ 3 نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن پاران ظفر الله ڊول ۽ صلاح الدين ڊول کي روڪي موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هنن مزاحمت ڪئي تہ هٿيارٻندن انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ ٻن پوليس اهلڪارن سميت ٽي ڄڻا زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شرافي ڳوٺ پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ٻارن جي وچ ۾ جهيڙي سخت رخ اختيار ڪيو ڪجهہ ڪلاڪ اڳ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حڪومت ٻين ملڪن کي پاڪستان رستي ايران تائين سامان ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

واپار واري وزارت پاڪستان ذريعي سامان ٽرانزٽ آرڊر 2026 جو نوٽيفڪيشن ب جاري ڪري ڇڏيو

سامان جي چرپر لاءِ گوادر، پورٽ قاسم، لياري، اورماڙا، پسني ۽ گبد جا روٽ مقرر ڪيا ويا

خضدار، دالبندين، تفتان، گوادر ۽ تربت هوشاب، پنجگور، ناگ، بيسيمہ، ڪوئيٽا لڪ پاس جا رستا پڻ شامل

اسلام آباد (م د) پاڪستان ايران کي واپار ۾ سهولت ڏيڻ جو وڏو فيصلو ڪندي پاڪستان ذريعي ڪنهن ٽئين ملڪ لاءِ ايران کي واپار جي اجازت ڏئي ڇڏي واپار واري وزارت پاڪستان ذريعي سامان ٽرانزٽ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناالله ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

بقايا 1 هدايت

وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري جي هدايتن تي پاور ڊويزن نيپرا کي 25 ڪلو واٽ کان گهٽ سولر صارفين لاءِ فيس ختم ڪرڻ ۽ لائسنس جي ضرورت ته هٽائڻ لاءِ نظرثاني جو باضابطا چيو آهي، گڏريل ڏينهن توانائي وزارت پاران جاري بيان موجب پاور ڊويزن جي اداري اڳ به ان فيصلي جي اثرن کان نيپرا کي آگاهه ڪيو هو ۽ ان کي پراڻن ريگيوليشنز موجب ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي. 2015ع تي پراڻن ضابطن تحت 25 ڪلو واٽ يا ان کان گهٽ صلاحيت جي نظام لاءِ نيپرا کان لائسنس جي ضرورت نه هئي. ان سلسلي جي درخواستن تي سڌي ريٽ وريجينڊ ڪمپنين ذريعي بنا ڪنهن فيس جي پروسيس ڪيو ويندو هو جيڪا گهريلو صارفين لاءِ هڪ وڏي مالي ترغيب جو سبب هئي. جڏهن ته پروزيومر ريگيوليشنز ٽنڊن پلانٽس لاءِ به منظوري جو اختيار نيپرا کي ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اُنهن تي ريپبلڪيشن فيس به لاڳو ڪئي آهي. پاور ڊويزن ٻڌايو ته پرائيويٽ پاور اينڊ انفرا اسٽرڪچر بورڊ به ان تبديلي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هو ۽ نيپرا کان مطالبو ڪيو هو ته 25 ڪلو واٽ يا ان کان گهٽ جي نظامن لاءِ پراڻي منظوري واري نظام کي برقرار رکيو وڃي.

بقايا 2 گرفتار

ڪانپوءِ صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ خاتون اول کي فوري طور محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب تقريب واشنگٽن هلز ۾ جاري هئي ته اوچتو زوردار آواز ٻڌا ويا، جنهن تي اتي موجود ماڻهو خوف وچان ميزن هيٺان لڪي ويا، جڏهن ته سيڪيورٽي اهلڪار فوري طور صدر ٽرمپ کي گهيرو ڪري ٻاهر وٺي ويا. واقعي ڪانپوءِ اعليٰ اختيارين کي به فوري طور ٻاهر ڪڍيو ويو، جن ۾ آمريڪي خاتون اول، نائب صدر جي ڊي وينس، ڪابينا ميمبر ۽ ٻيا موجود هئا. سيڪيورٽي اهلڪارن شڪي حملي آور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته 31 ورهين جو شڪي حملي آور ڪيليفورنيا رياست جو رهواسي آهي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي موجودگي ۾ منعقد ٿيندڙ ساليانءِ وائيٽ هائوس صحافتي ڊنر تقريب مقامي وقت موجب ان وقت رد ڪئي وئي، جڏهن هوٽل ۾ فائرنگ جو واقعو پيش آيو. رپورٽن موجب صدر ٽرمپ کي هيڊ ٽيبل تان فوري طور تي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو جڏهن ته تقريب ۾ شريڪ سمورا ماڻهو محفوظ رهيا. تقريب جي انڊروني ويڊيوز ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته شرڪت ڪندڙ صدر جي ٽڪري وڃڻ دوران حفاظتي قدمن تحت جهُڪي ويا. رپورٽن موجب صدر ٽرمپ ۽ ٻين اهم شخصيتن کي حفاظت سان ڪڍيو ويو، جڏهن ته سيڪيورٽي ادارن هڪ شڪي شخص کي حراست ۾ ورتو آهي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. اهو پهريون موقعو هو ته صدر ٽرمپ صدر جي حيثيت سان ان تقريب ۾ شريڪ ٿيو ۽ هن کي خطاب به ڪرڻو هو. محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيل ٻين شخصيتن ۾ نمائندن واري ايوان جو اسپيڪر مائيڪ جانسن ۽ نائب صدر جي ڊي وينس به شامل هئا. صدر ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي پنهنجي بيان ۾ سيڪريٽ سروس جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪندي چيو ته انهن فوري ۽ بهادري سان ڪارروائي ڪئي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وائيٽ هائوس واقعي تي چيو آهي ته شڪي شخص 15 گز پري کان حملي جي ڪوشش ڪئي، لڳي ٿو ته هدف مان ٿي هيس، منهنجي خيال ۾ واقعي جو ايران جنگ سان واسطو ناهي. پريس ڪانفرنس ڪندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته شڪي شخص وٽ ڪيترائي هٿيار هئا، سيڪريٽ سروس تڪڙي ۽ بهادري سان ڪارروائي ڪئي، شڪي شخص سيڪيورٽي چيڪ پوائنٽ تي حملو ڪيو. هن چيو ته اهو انتهائي حيرت جوڳو لمحو هو ٽري ڪرڻ جا زوردار آواز ٻڌا، مان ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيس ته ڇا ٿيو، ميلانيا فوري طور چيو ته ٻرو آواز آهي. سندس موجب هڪ اهلڪار کي گولي لڳي پر بلٽ پروف جيڪيٽ سبب محفوظ رهيس اهو پهريون موقعو ناهي جو ريپبلڪنز تي حملو ٿيو هجي، اها مون کي مارڻ جي هڪ ٻي ڪوشش ڪئي ۽ ماضي ۾ به اهڙا واقعا پيش اچي چڪا آهن. ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اهلڪارن وقت سر ڪارروائي ڪري ماڻهن جون حياتيون بچايون، گرفتار شڪي شخص جو واسطو ڪيليفورنيا سان آهي، جلد معلوم ڪنداسين ته هو اڪيلو ٿي هو. آمريڪي صدر چيو ته اسان کي پنهنجا اختلاف ختم ڪرڻا پوندا، 30 ڏينهن ۾ ان کان وڏي تقريب ڪنداسين، اسان پنهنجون تقريبون ختم نه ڪنداسين. هن چيو ته واشنگٽن ۾ هڪ غير معمولي شام رهي، سيڪرٽ سروس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن شاندار ڪم ڪيو. صدر ٽرمپ چيو ته هن تقريب جاري رکڻ جي سفارش ڪئي هئي، جڏهن ته اسان مڪمل طور تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي هدايتن تي عمل ڪنداسين. وائيٽ هائوس ڪريسپانڊنٽس ايسوسيئيشن جي صدر ويجيا جيانگ شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته پروگرام بعد ۾ ڪنهن به وقت ٻيهر منعقد ڪيو ويندو.

بقايا 3 مذمت

خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ صدر ۽ وزيراعظم اطمينان جو اظهار ڪيو ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ خاتون اول واقعي ۾ محفوظ رهيا. اهو افسوسناڪ واقعو دهشتگردي جي هڪ گندي صورت آهي، جنهن جي جيترين به مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي. ٽرمپ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي سندس سلامتي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 4 گرفتار

آهي. پرڏيهي ميڊيا گهرو وزارت جي رپورٽ جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته 16 کان 22 اپريل 2026ع جي وچ ۾ مجموعي طور تي 6 هزار 606 ماڻهن کي اقامہ قانون، 3 هزار 510 کي غيرقانوني طور سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 2 هزار 76 کي پورهئي واري قانون جي ڀڃڪڙي تي حراست ۾ ورتو ويو آهي. غيرقانوني طور سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 454 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو اُنهن ۾ 67 سيڪڙو ايٿوپين، 32 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ آهن. ان کان علاوه وڌيڪ 50 اهڙن ماڻهن کي به پڪڙيو ويو آهي، جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سفر، رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 22 ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي.

بقايا 5 علي پرويز ملڪ

۾ ٻارڻ جي فراهمي محفوظ آهي، ان جي ابتڙ پارت ۾ شهرين کي پيٽرول پمپس تي ڊگهين قطارن ۽ ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پيو. هڪ ٽيليويزن چينل سان ڳالهائيندي علي پرويز ملڪ چيو ته ٻارڻ جي قيمتن کي مستحڪم رکڻ ۽ مارڪيٽ ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. هن زور ڀريو ته عالمي تڪرارن سبب معاشي دٻاءَ جو شڪار پارت جهڙن ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جي صورتحال بهتر آهي. هن وزيراعظم، فيلڊ مارشل ۽ نائب وزيراعظم جي قيادت کي ساراهيندي سندن فعال قدمن جي تعريف ڪئي ۽ توانائي جي تحفظ ۽ معاشي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۾ سندن ڪوششن کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو. وفاقي وزير اهو به واضح ڪيو ته پاڪستان جو آءِ ايم ايف سان هڪ معاهدو آهي جنهن جي پاسداري ضروري آهي ۽ خبردار ڪيو ته اُن تي عمل ۾ ناڪامي ملڪ جي معيشت لاءِ سنگين نتيجن جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هن اعتماد جو اظهار ڪيو ته حڪمت عملي ۾ تبديلين جن ۾ ڊيزل جي استعمال کي گهٽائي، ان کي پيٽرول ڏانهن منتقل ڪرڻ شامل آهي، ٻارڻ جي دستيابي کي بهتر بڻائڻ ۽ قيمتن کي اثرائتي انداز ۾ ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان ملڪ اندر تيل يا پيٽرول پيدا ناهي ڪندو ۽ پنهنجي توانائي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مڪمل طور آمدني واپار تي ڀاڙي ٿو هن چيو ته مستحڪم فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ قيمتن جو انتظام ڪرڻ اسٽريٽجڪ منصوبا بندي ۽ عالمي معاهدن جي پابندي جي گهرڙ ڪري ٿو. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن اوگرا جي جاري ڊجيٽلائيزيشن واري عمل ۽ پيٽروليم جي شعبي ۾ ڪارڪردگي ۽ شفافيت کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڌيڪ ڊي ريگيوليشن جي ضرورت تي روشني وڌي. وفاقي وزير زور ڀريو ته اهي سڌارا بهتر طرز حڪمراني ۽ ٻارڻ جي ورهاست جي نظام کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ انتهائي اهم آهن.

بقايا 6 چين

20هين دور ۾ چيني ڪمپنين کي شامل ڪرڻ تي چين جي واپار واري وزارت جي ترجمان شديد رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته اسان جو ملڪ ان قدم تي سخت عدم اطمينان ۽ ڀرپور مخالفت ڪري ٿو. ترجمان چيو ته چين ڪيترائي ڀيرا واضح ڪري چڪو آهي ته هو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي منظوري کان سواءِ لاڳو ڪيل هڪ طرفي پابندين جو سختي سان مخالف ۽ يورپي يونين جي چيني ادارن ۽ ماڻهن خلاف "ٻي جا دائره اختيار" کي لاڳو ڪرڻ کي رد ڪري ٿو هن چيو ته يورپي يونين جو اهو قدم چين ۽ يورپ جي اڳواڻن وچ ۾ ٺهي ٿيل اتفاق راءِ جي ابتڙ آهي ۽ ان سان ٻه طرفه اعتماد ۽ مجموعي لاڳاپن کي شديد نقصان پهچندو.

بقايا 7 افتتاح ڪيو

موقعي تي وزير داخله ۽ قانون ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سنڌ ڌرتي صوفي بزرگن ۽ امن جو گهوارو آهي، ۽ صوفين جو پيغام محبت معاشري ۾ پائيداري کي فروغ ڏئي ٿو. هن چيو ته "وال آف پيس اينڊ صوفي ازم" جو قيام رواداري ۽ پائيداري جي روشن علامت آهي، جڏهن ته صوفي تعليمات ئي معاشري ۾ حقيقي امن جي ضمانت آهن. سندس چوڻ هو ته سنڌ جي سڃاڻپ امن، محبت ۽ صوفياءَ جي پيغام سان آهي، ۽ هن قدم سان سنڌ بار ڪائونسل ۾ هڪ خوبصورت روايت جي شروعات ٿي آهي. ضياءُ الحسن لنجار وڌيڪ چيو ته صوفي ازم انسانيت، برداشت ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو جيڪو اڄ جي دور ۾ وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻ قربان ملاح اياز تنيو اشتياق ميمڻ سميت ٻين قانوني اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 8 مارجي ويو

فوجي شهر ڪيٽي ۾ ساديو ڪامارا جي گهر تي به حملو ڪيو ويو. جنهن جي هڪ ڏينهن ڪانپوءِ بچاءَ واري وزير جي مارجڻ جي خبر سامهون آئي. ميڊيا رپورٽن موجب هڪ ئي وقت ملڪ جي مختلف حصن ۾ حملا ويا، جن جو هدف فوجي مرڪز ۽ سيڪيورٽي اثاثا هئا پر انهن حملن جا مڪمل تفصيل ۽ مارجي ويلن جي انگ بابت سرڪاري سطح تي وڌيڪ ڇاڻ جاري ناهي ڪئي وئي. اختيارين واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي.

بقايا 9 زخمي

انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي گڏريل ڏينهن صبح جو سوبر سوئس انٽرنيشنل ايئرلائنز جي هڪ اڏام جي انجڻ ۾ باهه لڳڻ سبب ٽيڪ آف روڪيو ويو، حادثي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 6 مسافر زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا ايئرپورٽ اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو ته واقعي بعد جهاز ۾ سوار مسافرن کي فوري طور حفاظت سان ٻاهر ڪڍيو ويو. اختيارين مطابق نئين دهلي کان زيورخ ويندڙ اڏام کي مقامي وقت مطابق رات هڪ لڳي 8 منٽن تي رد ڪيو ويو جهاز ۾ مجموعي طور تي 232 ماڻهو سوار هئا جڏهن ته زخمي مسافرن کي بعد ۾ هڪ نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايئرپورٽ انتظاميا مطابق واقعي ڪانپوءِ مڪمل ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي هئي. سوئس ايئرلائنز صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ٽاسڪ فورس قائم ڪري ڇڏي آهي. بيان مطابق جهاز ۾ 228 مسافر ۽ 4 ڪيبن ڪريو سوار هئا. ايئرلائن مطابق عملي ٽيڪ آف کي روڪي ڇڏيو ۽ صورتحال جو جائزو وٺڻ بعد احتياطي تدبير طور جهاز کي خالي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو.

بقايا 10 مذمت

ريسپانڊنٽس ايسوسي ايشن ڊنر ۾ فائرنگ جي واقعي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته اهڙا بزدلاڻا حملا مذمت جوڳا آهن. ڊنر تقريب دوران فائرنگ جو واقعو پيش آيو جتي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس زال موجود هئا. ايران صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق وقتي صدر آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس زال لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن واقعي ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس زال سميت سمورن شرڪت ڪندڙن جي محفوظ رهڻ تي اطمينان جو اظهار به ڪيو.

بقايا 11 ملهايو ويو

ملڪيتن جي شعور جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ملڪ جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سرڪاري، نجي ۽ فلاحي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف تقريبن ۽ پروگرامز جو اهتمام ڪيو ويو ۽ عام ماڻهو کي ملڪيت، ان جي اهميت ۽ حقن جي حوالي سان آگاهي فراهم ڪئي وئي.

بقايا 12 يوسف رضا گيلاني

علمي، فڪري ۽ تاريخي روايتن جي امين درسگاهه آهي. نئين نسل کي پنهنجا تجربا منتقل ڪرڻ لاءِ اولڊ راوينز ايسوسيئيشن جي انتظام هيٺ مربوط ۽ اثرائتو مينٽورشپ نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، نون چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد تعليم ۽ عملي رهنمائي انتهائي اهم آهي. دنيا تيزي سان بدلجي رهي آهي ۽ اسان کي نون عالمي گهرجن مطابق پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻو پوندو. انهن خيالن جو اظهار هن گڏريل ڏينهن هتي مقامي هوٽل ۾ اولڊراوينز ايسوسيئيشن جي انتظام هيٺ منعقد ساليانءِ ڊنر 2026ع کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي قانون ۽ انصاف بابت وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، رٿابندي ۽ ترقي بابت وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال، وفاقي وزير معين وٽو، ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري شهباز احمد شيخ ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ اولڊراوينز جو وڏو انگ موجود هو. وقتي صدر چيو ته هو هن تقريب ۾ ڪنهن سرڪاري عهدي بدران هڪ اولڊ راوين طور شريڪ ٿيو آهي ۽ ان اداري سان وابستگي هن لاءِ ڪنهن به منصب کان وڌيڪ اعزاز رکي ٿي. هن مشهور فارسي چوڻي جو حوالو ڏيندي چيو ته جيڪو درياهه مان نڪرندو آهي اهو واپس درياهه ۾ ئي ايندو آهي ۽ اڄ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي، جيئن مان پنهنجي اُنهي درياهه ۾ واپس اچي ويو آهيان. هن جو چوڻ هو ته اُنهن راهدارين ۾ جتي ڪڏهن اسان جا ٽهڪ گونجندا هئا، اُنهن باغن ۾ جتي اسان دنيا بدلائڻ جا خواب ڏسندا هئاسين، ان عظيم اداري ۾ جنهن رڳو اسان جي ڪيريئر کي ئي نه پر اسان جي شخصيت کي به جوڙيو آهي. شرڪت ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي هن چيو ته توهان سيني کي ڏسڻ ائين آهي، جيئن پراڻين يادن جو خوبصورت ڪتاب کلي ويو هجي، هر چهرو هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو هر مسڪراهٽ هڪ ياد تازي ڪري ٿي. هن چيو ته گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي جي شاگردي وارن ڏينهن جون يادون اڄ به سندس دل ۾ تازيون آهن، جتي نه رڳو تعليم حاصل ڪئي پر زندگي جا بنيادي اصول به سکيا. هن چيو ته جي سي يو شاگردن کي آزادانه سوچ، برداشت ۽ اختلاف راءِ جو احترام سيکاريو جيڪو اڄ جي تقسيم ٿيل عالمي ماحول نهايت اهم آهي. هن پنهنجي شاگردي واري دور جو ذڪر ڪندي چيو ته هاسٽل واري زندگي، دوستن سان رات جو دير تائين جاري رهندڙ بحث، چانهن جون محفلون، راند، علمي ۽ ثقافتي سرگرميون ۽ مختلف موضوعن تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه نه رڳو ان جي علم ۾ اضافو ڪيو پر سندس شخصيت ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته اهي تجربا آهن جيڪي شاگردن کي عملي زندگي جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي قابل بڻائن ٿا. وقتي صدر چيو ته دنيا تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ اسان کي نون عالمي گهرجن مطابق پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻو پوندو. هن چيو ته آرٽيفيشل انٽيليجنس، ماحولياتي تبديلي، ڊجيٽل معيشت ۽ گلوبلائيزيشن جهڙا عمل نوجوانن لاءِ نوان موقعا ۽ چئلينجز کڻي آيا آهن، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد تعليم ۽ عملي رهنمائي انتهائي اهم آهي. تقريب کي خطاب ڪندي هن اولڊ راوينز ايسوسيئيشن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته اهو پليٽ فارم نه رڳو اڳوڻن شاگردن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رکي ٿو پر اداري سان سندن تعلق کي به مستحڪم بڻائي ٿو هن چيو ته اهڙيون تقريبون ماضي جي يادن کي تازو ڪرڻ سان گڏوگڏ مستقبل لاءِ نئين عزم کي به پيدا ڪن ٿيون هن دوستي ۽ وابستگي جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته وقت ۽ فاصلي باوجود حقيقي رشتا قائم رهن ٿا ۽ اهي ئي رشتا انسان کي مشڪل حالتن ۾ حوصلو ڏين ٿا. هن چيو ته اولڊ راوينز ايسوسيئيشن ان ئي جذبي جي عملي مثال آهي جيڪا پنهنجي ميمبرن کي هڪ مضبوط ٻنڌڻ ۾ جوڙي رکي ٿي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته هاڻي مئي 2025ع کي ڏسو ان واقعي (پلوامه) کي هڪ سال ٿي چڪو آهي، ان کان پوءِ پارت مئي ۾ پاڪستان تي بنا جواز حملو ڪيو جنهن جي جواب ۾ پاڪستان هڪ ذميوار ايٽمي رياست هئڻ ناطي تحمل جو مظاهرو ڪيو اسان جو موقف عالمي برادري سمجهيو ۽ تسليم ڪيو اسان دنيا کي دعوت ڏني ته اچي آزادانه جاچ ڪري جڏهن ته پارت جو بيانيو عالمي سطح تي رد ڪيو ويو پاڪستان هڪ ذميوار ايٽمي رياست آهي ۽ ان ذميواري جو مظاهرو ڪيو. تقريب ۾ اولڊ راوينز ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري شهباز احمد شيخ شرڪت ڪندڙن جي آجيان ڪئي جڏهن ته نائب صدر شيرين اسد، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق جو پيغام پڙهي ٻڌايو آخر ۾ سينيٽر نائب صدر سرفراز احمد شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيو.

بقايا 13 آبي ماهر

شاهه سڌ سماءِ جي عالمي ذريعن کي انٽرويو ۾ چيو ته جيڪڏهن هڪ ڌر ڪنهن به معاهدي کان پوئتي هٽي ٿي ته اهو ان جي غير سنجيدگي کي ظاهر ڪري ٿو هن چيو ته جيڪڏهن گڏريل هڪ سال تي نظر وڌي وڃي ته پارتي قدمن سان پاڪستان کي وڌيڪ نقصان ته ناهي ٿيو پر مستقبل ۾ ان جا اثر پئجي سگهن ٿا. هن چيو ته هڪ ڌر ڍاڪا پراڻي معاهدي کي معطل رکي ٿي يا ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ته ٻي ڌر جي ڳڻتي ۾ اضافو هڪ لازمي ڳالهه آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته پاڪستان ان معاملي تي سلامتي ڪائونسل سان رابطو ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستان لاءِ اهو معاهدو ڪا رعايت نه پر ان معاهدي تحت ئي اسان 3 درياهه پارت کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر ۽ آبي معاملن جي ماهر محسن لغاري ان حوالي سان چيو ته سنڌ طاس معاهدي تي عمل ضروري آهي چاڪاڻ ته جيڪڏهن پاڪستان پاران وهندڙ درياهه چناب جي ڳالهه ڪيون ته پارت جو ڊيم اوچتو ڀرڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو ته جنهن سان پاڪستان ڏانهن پاڻي جو وهڪرو گهٽجي وڃي ٿو ٻئي پاسي پارت اوچتو انهن ڊيمن کي خالي ڪري ٿو ته ان سبب پاڪستان ڏانهن پاڻي جي وهڪري ۾ اوچتو وڏو اضافو ٿئي ٿو ۽ ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿئي ٿي. محسن لغاري چيو ته فصلن لاءِ وقت تمام اهم هوندو آهي ۽ جيڪڏهن مقرره وقت تي پاڻي نه ملي ته آبادگارن کي نقصان ٿئي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن پارت پاران پاڻي جي وهڪري بابت آگاهه نه ٿو ڪيو وڃي ته ان سان پاڪستان جي منصوبابندي متاثر ٿيندي ۽ ڪڏهن ضرورت کان گهٽ پاڻي ملندو ته ڪڏهن تمام وڌيڪ پاڻي ٻوڏ جا خدشا پيدا ڪري ٿو.

بقايا 14 نوجوان زخمي

جتي ٻن ٽرالرن جي وچ ۾ رڪشو اچڻ سبب ڇوڪري فوت ٿي وئي ۽ ٻن عورتن سميت ٽي ماڻهو زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب حادثي ۾ زخمي ٿيل 10 سالن جي ڇوڪري صبيحہ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي، جڏهن ته زخمين ۾ 30 سالن جي جميلاً، 35 سالن جو حسين ۽ 16 سالن جي طيبه شامل آهن، جن کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب حبيب بينڪ چورنگي پل تان لهندي ٽريلر خراب حالت ۾ روڊ تي بيٺو هو، جڏهن ته پويان ايندڙ ٽريلر ان کي ڏسي نه سگهيو. پوليس جو چوڻ آهي ته پويان ايندڙ ٽريلر اوچتو ٽريڪ تبديل ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ويجهو کان گذرندڙ رڪشا ٻنهي ٽرالرن جي وچ ۾ ڦاسي پيو ۽ هي افسوسناڪ حادثو پيش آيو حادثي کان پوءِ پويان ايندڙ ٽريلر جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو. پوليس ٽريلر کي تحويل ۾ وٺي سائيٽ ايريا پوليس ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، ۽ فرار ٿيل ڊرائيور جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 15 مبارڪباد پيش

عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ملاقات نهايت خوشگوار ۽ باوقار ماحول ۾ ٿي، جنهن دوران اهم قومي ۽ صوبائي معاملن تي تفصيلي خيال ونڊيا ويا. صوبي جي ترقي، بهتر حڪمراني ۽ مؤثر انتظامي قدمن تي پڻ ڳالهيون ڪيون ويون. گورنر سنڌ ميان محمد سومرو جي وسيع انتظامي ۽ سياسي تجربي مان رهنمائي حاصل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ٻنهي اڳواڻن باهمي صلاح مشوري، هم آهنگي ۽ سهڪار کي مستقبل ۾ به جاري رکڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي عوامي مسئلن جي مستقل حل ۽ فلاحي منصوبن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ته جيئن صوبي جي عوام کي بهتر سهولتون مهيا ڪري سگهجن.

بقايا 16 گرفتار

فائرنگ شروع ٿي. حڪام جو چوڻ آهي ته اطلاع تي پوليس موقعي تي پهتي ته جوابدار هڪ شهري کي ڦري رهيا هئا، جنهن دوران ملزمن فائرنگ شروع ڪري ڏني. جوابي ڪارروائي ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا. مارجي ويل ملزمن جي قبضي مان هٿيار، موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، جڏهن ته سڃاڻپ جو عمل جاري آهي. سپر مارڪيٽ پوليس ٿاڻي جي ندي جي ڪناري تي ڇوٽا ديو ويجهو پوليس ۽ ملزمن جي وچ ۾ مقابلو ٿيو. پوليس موجب گشت دوران ملزمن کي روڪڻ جو اشارو ڏنو ويو پر انهن فائرنگ ڪئي. جوابي فائرنگ ۾ هڪ ملزم مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. مارجي ويل ملزم جي قبضي مان هڪ پستول، موبائل فون، پرس ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته فرار ٿيل ملزم جي ڳولا جاري آهي. ان دوران نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ صديق آباد قبرستان ۽ ليباري ندي جي ويجهو پوليس ۽ مبينا اسٽريٽ ڪرمنلز ۽ منشيات فروشن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. پوليس موجب مقابلي دوران زخمين سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار ملزمن جي سڃاڻپ اشرف الله ولد عبدالخالق ۽ راز محمد جي نالي سان ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ملزمن جي قبضي مان آءِ ڊي، پستول سان گڏ گوليون، نقد رقم ۽ موٽرسائيڪل سميت منشيات هٿ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته زخمي ملزم کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ضلعي سينٽرل جي ترجمان موجب سيني واقعن ۾ ملزمن جي ڪرمنل رڪارڊ جي جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 17 پهچي ويو

پوءِ گڏريل ڏينهن صبح جو هائي نان صوبي جي شهر سانيا جي فوجي بندرگاهه تي واپس پهچي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب ان مشن جو مدو 234 ڏينهن رهيو ۽ جهاز اٽڪل 36 هزار ناٽيڪل ميلن جو سفر طئي ڪيو اهو 2010ع کان هن وقت تائين چيني بحريہ پاران "هارمونئي مشن" سلسلي تحت 11هون مشن هو جڏهن ته "سلڪ روڊ آرڪ" اسپتال جهاز جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو جڏهن هن پرڏيهه ۾ خدمتون انجام ڏنيون اهو جهاز 5 سيپٽمبر 2025ع تي چوان جو مان روانو ٿيو هو. مشن دوران هن ڏکڻ پئسفڪ سمنڊ، ڪيريبين ۽ ايٽلانٽڪ سمنڊ جي مختلف علائقن جو سفر ڪيو ۽ نائورو، فجي، ٽونگا، جميڪا، باربادوس ۽ پاپوا نيوگني ۾ طبي خدمتون جڏهن ته برازيل ۽ چلي ۾ طبي مٽاسٽا ۽ سهڪار جون خدمتون فراهم ڪيون.

بقايا 18 لاش هٿ

خاني ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. زاهد مدرسي جو شاگرد هو ۽ هو 3 ڀائرن ۽ 2 ڀينرن ۾ سڀ کان وڏو هو جنهن پاڻي جي لاڻين ۾ هو ڪري پيو ۽ غائب ٿي ويو ان کي سعدي ٽائون ڪينال سڏيو ويندو آهي، جيڪا واٽر ڪارپوريشن جي لاڻين آهي شروعاتي معلومات موجب زاهد شايد رانڊ ڪندي پاڻي جي لاڻين ۾ ڪري پيو زاهد جو پيءُ هڪ مزدور آهي جڏهن ته سندس اباڻو گهر بلوچستان جي علائقي لورالائي ۾ آهي. متاثر علائقي ۾ اڳ به اهڙا واقعا پيش آيا آهن ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان ڪو به حفاظتي اپاءُ نه ورتو ويو آهي.

بقايا 19 قتل

نتيجي ۾ ظفرالله ٻول موقعي تي مارجي ويو ۽ صلاح الدين ٻول سخت زخمي ٿي پيو واقعي ڪانپوءِ هٿيارٻند فرار ٿي ويا لاش ۽ زخمي کي اسپتال کڻي آيا جتي زخمي صلاح الدين جي حالت نازڪ هجڻ سبب سکر منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين نه ڪا گرفتاري ٿي هئي نه ڪيس داخل ٿيو هو.

بقايا 20 اجازت

آرڊر 2026 جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن موجب وفاقي حڪومت امپورٽ، ايڪسپورٽ ڪنٽرول ايڪٽ 1950 ۾ ترميمون ڪيون آهن، حڪم نامو فوري طور لاڳو ٿيندو. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته اهو حڪم انهن ٽرانزٽ شين جي چرير تي لاڳو هوندو جيڪي ڪنهن ٽئين ملڪ مان روانيون ٿين، ٽرانزٽ شيون پاڪستان ذريعي ايران جي ڪنهن هنڌ تائين پهچايون وينديون. پاڪستان طرفان سامان جي چرير لاءِ روٽ به مقرر ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ گوادر، پورٽ قاسم، ليباري، اورماڙا، پسني ۽ گبد روٽ شامل آهن. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته خضدار، دالبندين، تفتان، گوادر ۽ تربت جا رستا حڪم نامي جو حصو آهي، جڏهن ته هوشاب، پنجگور ناگ، بيسيمہ، ڪوئيٽا/ لڪ پاس ۽ ٽوڪندي جا رستا به حڪم نامي ۾ شامل آهن. نوٽيفڪيشن موجب سامان جي چرير ڪسٽمز ايڪٽ 1969 تحت ٺاهيل قاعدن ۽ ايف بي آر طرفان مقرر ڪيل طريقي ڪار موجب ٿيندي.

بقايا 21 زخمي

پيش آيل واقعي کان پوءِ معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ علائقائي سطح جو جرڳو منعقد ڪيو ويو پوليس موجب جرڳي دوران گرما گرم بحث وڌي ويو، جيڪو جهڳڙي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ بعد ۾ فائرنگ ۾ تبديل ٿي ويو جڏهن ته فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار به زخمي ٿي پيو. زخمين ۾ سپاهي عاقب، سپاهي مشتاق ۽ هڪ شهري شامل آهن جيڪو ريڙهو لڳائي رهيو هو. پوليس موجب ريڙهي مالڪ جي سڃاڻپ ڪريم اعوان جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جنهن کي پيٽ ۾ گولي لڳي هئي. پوليس جو چوڻ آهي ته سپاهي عاقب کي به پيٽ ۾ گولي لڳي هئي ۽ ڪيس فوري طور تي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سپاهي مشتاق کي چاقو سان زخمي ڪيو ويو ريسڪيو ذريعن موجب سيني زخمين کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 22 لاڏاڻو

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان ۽ صوبائي وزير ملڪ رشيد احمد خان سان ملاقات ڪئي ۽ ملڪ محمد احمد خان سان سندس پيءُ جڏهن ته ملڪ رشيد احمد خان سان سندس ڀائيجي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. ان موقعي تي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي 2 جو چيئرمين سيد علي حيدر گيلاني، ڊاڪٽر ملڪ امير خان ۽ ملڪ تيمور خان به موجود هئا. وقتي صدر مملڪت مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ ڏکويل خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي. هن چيو ته هو ڏک جي ان گهڙي ۾ سندن ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

بقايا 23 رپورٽ

۽ ان جا اڪثر هدف حاصل ڪري ورتا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي ويزن 2030ع جي رپورٽ جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته مملڪت جون نان آئل سرگرميون هاڻي حقيقي مجموعي قومي پيداوار جي اڌ کان وڌيڪ آهن. اها رپورٽ ان وقت جاري ڪئي وئي آهي جڏهن سعودي عرب 2026ع ۾ ويزن 2030ع جي ٽئين ۽ آخري مرحلي ۾ داخل ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. رپورٽ ظاهر ڪري ٿي ته هڪ هزار 290 انيشيئيٽو مان 225 مڪمل ٿي چڪا آهن، جڏهن ته وڌيڪ 935 درست رستي تي اڳتي وڌي رهيا آهن، 390 مان اٽڪل 309 انڊيڪيٽرز پنهنجا عبوري هدف حاصل ڪري ورتا، جنهن جي نتيجي ۾ مڪمل ٿيڻ جي شرح 93 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي ويزن هڪ اسٽريٽجڪ فريم ورڪ آهي، جيڪو 2016ع ۾ سعودي عرب جي معيشت کي متنوع بڻائڻ، تيل تي ڀاڙڻ کي گهٽ ڪرڻ ۽ معاشري کي جديد بڻائڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هو.

بقايا 24 لاش مليو

شخص جو نالي ۾ ٻڏيل لاش مليو. اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو. پوليس موجب متوفي جي عمر 20 کان 30 سالن جي وچ ۾ آهي ۽ متوفي وٽان ڪا به اهڙي شيءِ نه ملي جنهن جي مدد سان سندس سڃاڻپ ممڪن ٿي سگهي. ايس ايچ او محمد علي شاهه چيو ته متوفي جي جسم تي تشدد جا نشان نه هئا. شڪ آهي ته متوفي نالي جي پٽ تي سمهيو هو ۽ سمهڻ دوران نالي ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي فوت ٿي ويو. متوفي جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ته جيئن موت جو آخري سبب معلوم ٿي سگهي.

بقايا 25 قتل

اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جتي عورت جي لاش جي سڃاڻپ صنم زال ذوالفقار جي نالي سان ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته گهر اندر زال ۽ مڙس جي وچ ۾ شڪ جي بنياد تي جهيڙي جي دوران مقتولا صنم جي مڙس ذوالفقار پٽ امداد فائرنگ ڪري ڏني ۽ ڪيس قتل ڪرڻ بعد ملزم فرار ٿي ويو آهي. پوليس موجب ملزم جي ڳولا ڇاپا لڳايا پيا وڃن.

بقايا 26 فوت

سهندي فوت ٿي ويو شهرين ڪوچ ۽ ڊرائيور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ هرطرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو فوتي کي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين مبارڪ پور ٿاڻي تي ڪيس وغيره داخل نه ٿيو هو.

بقايا 27 غور ويچار

سان اهم ملاقات پڻ ڪئي، پاڪستاني قيادت سان ملاقات ۾ آمريڪا سان ڳالهين بابت ويچاريو ويو ذريعن موجب ملاقات ۾ علائقي ۾ موجوده سيڪيورٽي صورتحال، ايران آمريڪا تڪرار ۽ امن ۽ استحڪام لاءِ جاري سفارتي ڪوششن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن گڏيل دلچسپي جي معاملن، دفاعي تعاون ۽ علائقي ۾ وڌندڙ تڪرار کي گهٽائڻ جي امڪانن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ناگزير آهن. پاڪستاني قيادت پنهنجي عزم کي ورجايو ته پاڪستان خطي ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار جاري رکندو واضح رهي ته گڏريل ڏينهن ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ڌار ڌار ملاقاتن ڪانپوءِ مسقط روانو ٿي ويو هو. عباس عراقچي کي مسقط کان ماسڪو وڃڻو هو پر هو ٻيهر اسلام آباد آيو آهي.

بقايا 28 رٽائر ٿيندو

سينئر جج هلندڙ سال 2026ع دوران پنهنجو نوڪري وارو آئيني مدو پورو ڪري رٽائر ٿيندا. انهن ججن ۾ جسٽس اسجد جاويد گهرال 29 اپريل تي پنهنجو آئيني مدو پورو ڪري رٽائر ٿيندو. ڪيس 26 نومبر 2016ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو هو. جسٽس مسعود عابد نقوي 4 جولاءِ تي رٽائر ٿيندو هو 7 نومبر 2014ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو جڏهن ته جسٽس شاهد ڪريم 19 آگسٽ تي آئيني مدو پورو ڪري رٽائر ٿي ويندو. انهن 3 ججن جي رٽائرمينٽ کان پوءِ هاءِ ڪورٽ ۾ خالي سيٽن جو تعداد 22 ٿي ويندو جڏهن ته لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ججن جي منظور ٿيل سيٽن جو تعداد 60 آهي. عدالتي ذريعن موجب انهن رٽائرمينٽن کان پوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ نئين مقررين ۽ سينارٽي ۾ تبديلين جو عمل شروع ٿيڻ جا امڪان آهن.

بقايا 29 مذمت

دعوت جي تقريب تي فائرنگ جي واقعي جي مذمت ڪئي آهي. هن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، خاتون اول ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن جي محفوظ رهڻ تي اطمينان جو اظهار به ڪيو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب اسپيڪر سردار اياز صادق، صدر ٽرمپ ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن لاءِ نيڪ تمنائن ۽ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته تشدد جي واقعي جي روڪٿام لاءِ معاشري ۾ امن ۽ برداشت کي هٿي ڏيڻ اُتر آهي.

بقايا 30 عطا الله تارڙ

۽ موثر جواب ڏنو. وزيراعظم جو پي ايم اي ڪاڪول ۾ تاريخي خطاب ان سلسلي ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيو. عالمي سطح تي پاڪستان جي موقف کي ڀرپور پذيرائي ملي ۽ پارت کي سفارتي، عسڪري ۽ بيانيءَ جي محاذ تي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو واضح ڪيو ويو ته قومي خودمختياري ۽ پاڻي تي ڪو به ٺاهه نه ٿيندو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج هر جارحيت جو موثر جواب ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي. ڳالهه ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته هڪ سال اڳ وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ ڪيڊٽس کي خطاب دوران پهلگام واقعي جي حوالي سان پاڪستان جي موقف کي واضح انداز ۾ پيش ڪيو هو هن چيو ته 24 اپريل 2025ع تي نيشنل سيڪيورٽي ڪميٽي جي اجلاس ۾ پاڪستان پارت جي الزامن جو ڀرپور ۽ موثر جواب ڏنو جنهن ڪانپوءِ 26 اپريل 2025ع تي وزيراعظم پي ايم اي ڪاڪول ۾ پنهنجي خطاب دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پهلگام جهڙن واقعن جي آڙ ۾ پاڪستان تي بي بنياد الزامن جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي. وزيراعظم هن واقعي کي هڪ سانحو قرار ڏنو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان پهلگام واقعي جي متاثرن سان همدردي جو اظهار ڪيو ۽ عالمي سطح تي افسوس ۽ ڳڻتي ظاهر ڪئي، جڏهن ته ان جي ابتڙ پارت طرفان دهشتگردي جي واقعن تي نه ته مذمت ڪئي وڃي ٿي ۽ نه ئي افسوس جو اظهار سامهون اچي ٿو هي هڪ واضح فرق آهي ته پاڪستان دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيو آهي جڏهن ته پارت دهشتگردي کي هٿي ڏئي رهيو آهي، پوري دنيا آڏو دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ ۽ ان دهشتگردي جو مقابلو ڪندڙن جو فرق واضح ٿي چڪو آهي. عطا الله تارڙ چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن ۽ هي سلسلو اڄ به جاري آهي. ٻئي طرف پارت دهشتگردي جي پشپناهي ڪري رهيو آهي، فتنہ الهندستان بي ايل اي ۽ فتنہ الخوارج ٽي ٽي پي جهڙين ڌرين جا پيرا پارت سان ملن ٿا ۽ هي انڊين اسپانسرڊ ٽيررازم جو واضح ثبوت آهي. هن چيو ته پاڪستان ڊگهي عرصي کان دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي، دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، معيشت کي اٽڪل 600 ارب ڊالرن جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي، هن جنگ ۾ 90 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جانين جو نذرانو پيش ڪيو جنهن ۾ هٿيارٻند فوج جا آفيسر جوان، پوليس اهلڪار ۽ عام شهري، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار شامل آهن. هن چيو ته پاڪستان حقيقت ۾ دهشتگردي خلاف مضبوط پٽ بڻيل آهي ۽ هن ناسور جي خاتمي لاءِ رياست پنهنجون سموريون توانائيون ڪتب آڻي رهي آهي ۽ ان ۾ وڏي حد تائين ڪاميابيون حاصل ٿي رهيون آهن. عطا الله تارڙ چيو ته جڏهن پهلگام واقعي ۾ پاڪستان خلاف بي بنياد الزام لڳايا ويا ته وزيراعظم شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان هڪ سال اڳ اجوڪي ڏينهن ڪاڪول ويو هو ۽ پارت جي الزامن جو جواب ڏيندي پهلگام واقعي کي هڪ ٽريجڊي قرار ڏنو. وزيراعظم ان جو هڪ اهڙو حل ڏنو جنهن سفارتي سطح محاذ تي پاڪستان کي وڏي هٿي ڏني. وزيراعظم پهلگام واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ جي آڇ ڪئي جنهن کي پارت بيڪ فوٽ تي هليو ويو ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي موقف جي حمايت ڪئي وئي ته جڏهن ته پارت کي سفارتي محاذ تي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو ڪو به پارت جي بيانيي کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. وفاقي وزير چيو ته جڏهن پهلگام واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ جي آڇ ڪئي وئي ته ان جي پٺيان مڪمل اعتماد موجود هو پاڪستان پنهنجو واضح موقف دنيا آڏو رکيو ته هو هر قسم جي دهشتگردي خلاف آهي ۽ پاڻ دهشتگردي خلاف هڪ منظم جنگ وڙهي رهيو آهي پر پارت طرفان پهلگام واقعي جي غيرجانبدارانه جاچ جي آڇ جو ڪو به جواب نه ڏنو ويو چاڪاڻ ته پارت دهشتگردي کي هٿي ڏئي ٿو ۽ ان جا پنهنجا هٿ پهلگام واقعي ۾ نشانو بڻجندڙن جي رت سان رڱيل آهن. هن چيو ته پارت جي سول سوسائٽي، ميڊيا ۽ سياستدانن پارتي سرڪار کي پهلگام فالس فليگ آپريشن جو ذميوار قرار ڏنو هن چيو ته جيڪڏهن پارت جا هٿ صاف هجن ها ته هو جاچ جي آڇ کي فوري طور قبول ڪري ها ۽ راضپو ظاهر ڪري ها، پر چاڪاڻ ته ڪيس ان مبينہ سازش ۾ پنهنجي ڪردار جي خبر هئي. ان لاءِ هن ان حوالي سان ڪو به مثبت جواب نه ڏنو اها ئي صورتحال هڪ اهم موڙ ثابت ٿي. پهلگام واقعي ڪانپوءِ عالمي سطح تي پاڪستان جي موقف کي صحيح قرار ڏنو ويو جڏهن پاڪستان پاڻ اڳتي وڌي شفاف جاچ جي آڇ ڪري رهيو آهي ته ان صورتحال ۾ ان ڳالهه جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته پاڪستان ان واقعي ۾ ملوث ٿي سگهي ٿو هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي ڪاڪول ۾ تاريخي خطاب ڪانپوءِ پوري دنيا پاڪستان جي موقف کي نه رڳو تسليم ڪيو پر ان کي ساراهيو ان خطاب دوران وزيراعظم پهلگام واقعي جي حوالي سان پاڪستان جو موقف پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف معاملن ۾ پاڪستان جي پوزيشن کي به دنيا آڏو واضح ڪيو وفاقي وزير چيو ته پارت هميشه دهشتگردي جو سهارو ورتو آهي، پارت پاڻي جي معاملي کي هٿيار طور استعمال ڪيو ۽ هن معاملي تي وزيراعظم واضح ڪيو ته پاڻي اسان جي ريڊ لائين آهي، اسان پارت کي آبي دهشتگردي جي هرگز اجازت نه ڏينداسين. ان معاملي جي قانوني رخن ۾ به پارت کي شديد بيزاري جو منهن ڏسڻو پيو. وزيراعظم واضح موقف اختيار ڪيو ته جيڪڏهن پاڪستان جي حصي جو پاڻي روڪيو ويو يا ان ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ پيدا ڪئي وئي ته پاڪستان ان جو ڀرپور ۽ فيصلائتو جواب ڏيندو. عطا الله تارڙ چيو ته پي ايم اي ڪاڪول جو تاريخي خطاب قومي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو جنهن کي هڪ سال مڪمل ٿي چڪو آهي. هن چيو ته ان دوران الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان پاڪستان لاءِ نوان رستا کليا ۽ ملڪ جي عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي ادارن جي مضبوطي به ان دوران کلي سامهون آئي، وزيراعظم ان اعتماد جو اهو چيو هو ته هٿيارٻند فوج وطن جي دفاع لاءِ هر وقت تيار آهي ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي دليراڻي قيادت ۾ پاڪ فوج ڪنهن به اڳرائي يا مس ايڊوينچر جو موثر جواب ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي. هن چيو ته حق جي ويڙهه دوران پاڪستان منظم ۽ موثر جواب ڏنو ۽ دشمن جي ملٽري اثاثن کي نشانو بڻايو جنهن ڪانپوءِ پوري دنيا ڏٺو ته پارت ڪهڙي طريقي سان گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿيو ۽ ان کي شڪست پلي پئي. اهو پاڪستان جي اداره جاتي ۽ عسڪري طاقت جو اظهار آهي، پوري قوم پنهنجي فوج سان گڏ بيٺل آهي، اسان پنهنجو دفاع ڀرپور طريقي سان ڪرڻ ڄاڻون ٿا، الله تعاليٰ جي فضل سان حق جي ويڙهه ۽ آپريشن بنيان مرصوص ۾ ملڪ پنهنجي دفاع کي ثابت ڪيو آهي. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم ڪاڪول ۾ خطاب دوران ان عزم کي ورجايو ته پاڪ فوج ۽ 24 ڪروڙ عوام بهادري سان گڏ بيٺا آهن، ڪنهن به مس ايڊوينچر جو جواب ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا. پاڪستاني قوم ڪڏهن به پنهنجي عزت ۽ وقار تي ڪنهن به ڪو به ٺاهه نه ڪندي، هن چيو ته هڪ طرف پارت جي بليم گيم هئي جڏهن ته ٻئي طرف پاڪستان جو سچ ۽ اصولن تي ٻڌل موقف هو پاڪستان دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيو آهي، دهشتگردن جي حوالي سان اسان جي هڪ واضح پاليسي آهي، ان جي ابتڙ پارت ڪڏهن به دهشتگردي جي حوالي سان ڪو موثر يا واضح پوزيشن اختيار نه ڪئي پاڪستان وٽ سچائي ۽ حقيقتن جو مضبوط موقف موجود آهي ۽ سچائي آخرڪار هميشہ غالب ايندي آهي. هن چيو ته وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ اهو به چيو هو ته پارت وٽ ڪوڙن، هٽ ڌرمي ۽ بي بنياد الزامن کانسواءِ ڪجهه به ناهي ته پوري دنيا آڏو پاڪستان جو سچ هڪ روشن سج واڱر اڀريو ۽ پارت ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين اونداهين ۾ ٻڏي چڪو آهي، سفارتي ميدان، بيانيي جي جنگ، آپريشن بنيان مرصوص سميت سمورن محاذن تي پارت کي شڪست ٿي آهي، وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم جي پي ايم اي ڪاڪول جي تاريخي خطاب پاڪستان جي مجموعي پاليسي کي وڌيڪ واضح ۽ چٽي انداز ۾ پيش ڪيو، پارت طرفان لڳايل ڪوڙن ۽ بي بنياد الزامن جو موثر جواب پاڪستان عالمي سطح تي ڏنو وزيراعظم اهو موقف اختيار ڪيو ته جيڪڏهن پارت جي دعويٰ سچ آهي ته ان جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. هن چيو ته ان موقف ڪانپوءِ پارت لاءِ پنهنجي بيانيي جو دفاع ڪرڻ مشڪل ٿي ويو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جو دفاع پهرين کان وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان کي سفارتي سطح تي نمايان ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن جنهن تي پوري قوم کي فخر آهي. هن چيو ته سمنڊ پار پاڪستانين جي پاڪستان سان وابستگي ۽ محبت ۾ واڌارو ٿيو آهي، ان جي عزت ۾ اضافو ٿيو آهي، پوري دنيا پاڪستان کي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي، هن چيو ته وزيراعظم جي خطاب پهلگام واقعي ڪانپوءِ جيڪا پاليسي رخ طئي ڪئي آهي ان جا هاڪاري اثر سامهون آيا آهن، هن چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج ملڪ جي دفاع کي موثر انداز ۾ يقيني بڻايو ۽ هر سطح تي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو.

بقايا 31 سردار مسعود خان

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ شروعاتي ڳالهين کان پوءِ پاڪستان سان مسلسل سفارتي سرگرميون برقرار ڪيون جنهن ذريعي اڳڀرائي جاري رهي ۽ ڌرين وچ ۾ اعتماد بحال ڪرڻ ۾ مدد ملي. گڏريل ڏينهن هڪ بيان ۾ هن سفارتي ناڪامي واري تاثر کي رد ڪندي چيو ته شروعاتي ڳالهين کان پوءِ به پاڪستان پوري طرح متحرڪ رهيو. هن چيو ته پاڪستان جي ڪردار يا عزم ۾ ڪنهن به قسم جي مايوسي نه ٿي ۽ اسلام آباد ۾ امن عمل جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجي رابطن ۾ وڌيڪ تيزي آندي. اهم سفارتي قدمن جو ذڪر ڪندي هن ٻڌايو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تهران جو اهم دورو ڪيو جتي هن ايران جي اعليٰ قيادت سان ملاقاتون ڪيون، جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف دوحه، رياض ۽ انقره سميت خطي جي اهم گادي وارن هنڌن جو دورو ڪيو انهن قدمن جو مقصد علائقائي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ، ايران سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ هڪ نياڳو طور پاڪستان جي ڪردار کي مضبوط بڻائڻ هو هن ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي جي تازي پاڪستان جي دوري کي تهران جي اعتماد جو واضح اظهار قرار ڏنو هن چيو ته سيد عباس عراقچي جي آمد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ايران پاڪستان جي سهولتڪاري جي ڪردار تي مڪمل اعتماد رکي ٿو ۽ پاڪستان جي ڪردار کي ڪمزور ڪرڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون آهن. هن ان عمل کي هڪ وسيع تسلسل جو حصو قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان جي سفارتڪاري شروعاتي رابطن کان اڳيان وڌي هاڻي هڪ منظم مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جتي امڪاني معاهدي جي فني، قانوني ۽ سياسي رخن تي ڪم ٿي رهيو آهي. هن چيو ته هر تڪرار جو حل آخرڪار ڳالهين جي ميز تي ئي ٿيندو آهي ۽ مستقل رابطا اثر آهن.

بقايا 32 سعديہ جاويد

ڪهاڻيون ٻڌائي رهي آهي. پنهنجي بيان ۾ سعديہ جاويد چيو ته ٻين تي تنقيد ڪندڙ منعم ظفر پهريان پنهنجن 9 ٽائونز جي ڪارڪردگي تي نظر وجهن. هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن ڪراچي تبديل ٿي رهيو آهي ته پوءِ جماعت اسلامي کي تڪليف ڇو ٿي رهي آهي؟ هن چيو ته يونيورسٽي روڊ تي احتجاج رڳو فوٽو سيشن آهي، عوام جي خدمت ناهي. سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي جي ٽائون چيئرمينز شهر کي ڪچري جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جو جواب ڏيڻ گهرجي. سعديہ جاويد وڌيڪ چيو ته ترقياتي منصوبن ۾ رڪاوٽ وجهندڙ هاڻي فارغ ٿي ويا آهن. هاڻي ڪم به ٿيندو ۽ نظر به ايندو. هن چيو ته پيپلز پارٽي شهر ۾ ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي رڳو تنقيد جا مينار اڏڻ ۾ مصروف آهي. هن دعويٰ ڪئي ته ميئر ڪراچي جي ڪاميابين مخالفن جي ننڊون اڏائي ڇڏيون آهن. جڏهن ته نور حق اداري ۾ چندو گڏ ڪرڻ بدران شهر جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. سعديہ جاويد چيو ته ريڊ لائن منصوبو رڳو بس سروس نه پر ڪراچي جي جديد سڃاڻپ آهي ۽ تنقيد سان ترقي جو عمل روڪي نه سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته ماضي جون ڳالهيون ڪندڙ اڄ جي ڪراچي جي تعمير ۾ رڪاوٽ نه بڻجن. جڏهن ته شهر جا ماڻهو چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته يونيورسٽي روڊ جي بدحالي جا اصل ذميوار ڪير آهن. سندس چوڻ هو ته الزامن سان عوام جا مسئلا حل ناهن ٿيندا، عملي ڪم ڪرڻو پوندو. سعديہ جاويد منعم ظفر خان کي چئلينج ڪندي چيو ته هو پنهنجي ڪنهن هڪ ٽائون کي ماڊل طور پيش ڪن. آخر ۾ هن چيو ته سياسي فائدي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ منعم ظفر جو پراڻو طريقو آهي.

بقايا 33 صدر زرداري

صنعتي تعاون ۽ ٽيڪنالاجي ۾ حصيداري تي زور ڀريندي ٽيڪنالاجي جي وسيع انضمام، صنعتي پيداوار کي جديد رخن تي آڻڻ ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪندي سائي ڪمپني جي پيداواري صلاحيت، معيار ۽ فني صلاحيت کي ساراهيو صدر آصف علي زرداري صنعتي ٽيڪنالاجي، مهارتن جي ترقي ۽ گڏيل منصوبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته گڏيل منصوبا پاڪستان جي انفرا اسٽرڪچر ۽ صنعتي ترقي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. صدر مملڪت تعميراتي مشينري، ڊجيٽل مينوفيڪچرنگ، تجديد جوڳي توانائي ۽ انجنيئرنگ جهڙن شعبن ۾ تعاون جي امڪانن کي به اجاگر ڪيو. ڪمپني جي چيئرمين ٽانگ شيوگو جدت، ڊجيٽلائيزيشن ۽ عالمي حصيداري لاءِ ڪمپني جي عزم کي اجاگر ڪيو سائي گروپ جي چيئرمين ٽانگ شيوگو صدر مملڪت آصف علي زرداري کي ڪمپني جي جديد مينوفيڪچرنگ نظام، شين ۽ تحقيق ۽ ترقي ۾ جاري سيڙپڪاري تي بريفنگ ڏني. چانگشا جي نائب ميئر چيان ليڪسيا به ان موقعي تي موجود هئي. دوري ۾ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ انجنيئرنگ، تعميراتي مشينري جي شعبي ۾ تعاون، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ سيڙپڪاري جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو. صدر مملڪت کي سائي هيوي انڊسٽري ڪمپني لميٽيڊ جي آپريشنز جو تفصيلي جائزو پڻ پيش ڪيو ويو ۽ کيس تعميراتي شعبي ۾ استعمال هيٺ هيوي مشينري ۽ لاڳاپيل اوزارن جي پيداواري صلاحيت جي باري ۾ بريف ڪيو ويو. ڪمپني جي مالي ۽ آپريشنل ڪارڪردگي جي باري ۾ به آگاهه ڪيو ويو. بريفنگ ۾ صدر مملڪت کي ٻڌايو ويو ته سال 2024ع جي آپريٽنگ آمدني 11.27 ارب ڊالر شين جي ورهاست ۽ جدت ۽ تحقيق سميت ترقي جي صلاحيتن ۾ مسلسل سيڙپڪاري ٿي. صدر مملڪت کي ڪمپني جي فليگ شپ فيڪٽري جو به دورو ڪرايو ويو جيڪو ڊجيٽل طور مربوط مينوفيڪچرنگ سهولتن، جديد آٽوميشن ۽ ڊيٽا تي ٻڌل پيداواري نظام سبب نمايان حيثيت رکي ٿي. صدر مملڪت کي فيڪٽري جي آپريشنز اعليٰ آٽوميشن ۽ جديد صنعتي مينوفيڪچرنگ لاءِ ان جي معيار جي باري ۾ بريف ڪيو ويو. صدر مملڪت ٽيڪنالاجي جي وسيع انضمام، صنعتي پيداوار کي جديد رخن تي آڻڻ ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي اهميت کي ساراهيو. هن چيو ته گڏيل منصوبا پاڪستان جي انفرا اسٽرڪچر ۽ صنعتي ترقي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. صدر مملڪت تعميراتي مشينري، ڊجيٽل مينوفيڪچرنگ، تجديد جوڳي توانائي ۽ انجنيئرنگ جهڙن شعبن ۾ تعاون جي امڪانن کي به اجاگر ڪيو.

بقايا 34 دفاعي ماهر

کي سخت جواب ڏيڻ لاءِ هميشه هر وقت تيار آهي. حق جي ويڙهه ۾ پاڪ فضائيه جرئت ۽ بهادري جي اها نئين تاريخ لکي جنهن جي دهشت پوري دنيا محسوس ڪئي. حق جي ويڙهه کان اڳ پاڪ فضائيه 3 ڏينهن ڀرپور جنگي مشقن "ضرب حيدري" جي شروعات ڪئي. انهن مشقن جو مقصد پاڪ فضائيه جي آپريشنل تيارين کي حتمي صورت ڏيڻ ۽ ڪنهن به امڪاني پارتي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ هو. مشقن ۾ جي ايف-17 ٿنڊر ۽ ايف-16 سميت مختلف ويڙهاڪ جهازن پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو بدلجندڙ سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پاڪ فضائيه آپريشنل ايئر بيسز کي فعال ڪيو جنگي جهازن جي مقرري جو مقصد هٿيارٻند فوج کي لاجسٽڪ سپورٽ فراهم ڪرڻ ۽ پارت کي امڪاني مهم جي سنگين نتيجن کان خبردار ڪرڻ هو حق جي ويڙهه ۾ پاڪ فضائيه ثابت ڪيو ته هو رافيل جهڙن ڪنهن به جديد جهازن کي تباهه ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي. دفاعي ماهرن موجب پهلگام فالس فليگ کان پوءِ پاڪ فضائيه مشقن ۽ اسٽريٽجڪ حڪمت عملي سان دشمن تي واضح ڪيو هو ته پاڪستان جي فضائي حدن جو دفاع ناقابل تسخير آهي، حق جي ويڙهه دوران پاڪ فضائيه دشمن جي جنگي جهازن کي فضا ۾ تباهه ڪري وطن جي دفاع جي تاريخ ۾ هڪ سونهري باب جو اضافو ڪيو آهي.

بقايا 35 سانا

هن ڪانفرنس ۾ عالمي سطح تي سرگرم ادارن جهڙوڪ سنڌي ايسوسيئيشن آف يورپ، سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان، سنڌي ايسوسيئيشن آف مسقط، برطانيه ۾ رهندڙ سنڌي برادري، سنڌي ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن برطانيه ۽ سنڌ واسين جي ڀرپور شرڪت رهي، جيڪا عالمي سنڌي برادري جي اتحاد ۽ گڏيل ويزن جي عڪاسي ڪري ٿي پروگرام جي شروعات شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان ٿي، جيڪا سانا ادبي ڪاميٽي جي چيئرمين اسحاق ٽونيو پيش ڪئي، جنهن محفل کي هڪ روحاني ۽ ثقافتي رنگ عطا ڪيو. پنهنجي آجياڻي خطاب ۾ سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ زور ڀريو ته هي ڪانفرنس عالمي رابطن ذريعي سنڌي سڃاڻپ کي مضبوط ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت ٻولي ۽ ثقافت کي محفوظ رکڻ جي هڪ مضبوط ۽ گڏيل ڪوشش آهي. هن چيو ته دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو رڳو جاگرافيائي حدن سان نه پر پنهنجي گڏيل ورثي، تاريخ ۽ اجتماعي ذميواري سان ڳنڍيل آهن ۽ سانا جو مقصد پيشيور ماڻهن، دانشورن، نوجوانن ۽ ڪميونٽي اڳواڻن وچ ۾ اثرائتا عالمي لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ چيو ته تيزي سان بدلجندڙ دنيا ۾ ڊائيسپورا برادرين کي پنهنجي ثقافتي پاڙن کي برقرار رکندي مختلف معاشرن ۾ ضم ٿيڻ جو چئلينج درپيش آهي هن زور ڏنو ته سنڌي ٻولي، روايتون ۽ ثقافتي قدر اسان جي سڃاڻپ جو بنياد آهن ۽ هي ڪانفرنس خاص طور تي نئين نسل ۾ انهن قدرن جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ هڪ سنجيده ڪوشش آهي هن وڌيڪ چيو ته لنڊن جهڙو عالمي شهر اهڙي گڏجاڻي لاءِ بهترين جڳهه آهي جيڪو رابطي ۽ موقعن جي علامت آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته هي ڪانفرنس هڪ مضبوط، بااعتماد ۽ ثقافتي طور گڏيل عالمي سنڌي برادري جي تعمير ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندي ان موقعي تي شاهده شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي رڳو پنهنجي رهائش جي جڳهه سان نه پر پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ورثي سان سڃاتا وڃن ٿا ۽ هن سڃاڻپ کي محفوظ رکڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ ۾ عورتن جو ڪردار انتهائي اهم آهي ڪانفرنس دوران مختلف عالمي تنظيمن ۽ برادرين جي نمائندن پنهنجا خيال پيش ڪيا. ڊاڪٽر روهت ڪمار سانا جي ڪوششن کي ساراهيو ته هن عالمي سنڌي برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ گڏيل جدوجهد تي زور ڏنو جڏهن ته سانا جي ٽريزرر آڪاش ڪيول راماڻي، سانا آرڪ جي ذوالفقار خواجہ، آرڪ ايوب مهر، ڊاڪٽر شاهه بخش لاشاري ۽ ڊاڪٽر فهد ميمڻ پيشيوراڻي سهڪار ۽ ڪميونٽي لاڳاپن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر دليپ دولتاڻي، عباس چنا، ناجيہ ميس آصف ميمڻ ۽ ساجن چنا پڻ خطاب ڪندي ثقافتي ورثي جي حفاظت، عالمي اتحاد ۽ سنڌ ڏانهن اجتماعي ذميواري جي اهميت تي روشني وڌي. برطانوي پارليامينٽ جي ميمبر اين ڪلارڪ سانا جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ سنڌ جي عظيم تهذيب کي خراج تحسين پيش ڪندي سنڌين کي هڪ امير ۽ قديم سڃاڻپ جا وارث قرار ڏنو اياز لطيف پليجو زور ڀريو ته سانا کي سنڌ جي يونيورسٽين ادارن ۽ اسڪالرن جي ذميوارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن ته جيئن تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ بهتري آڻي سگهجي ۽ ساڳئي وقت هن سانا جي سيڪيولر ۽ جامع سڃاڻپ کي برقرار رکڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ڊاڪٽر عبدالرئوف شيخ سنڌين جي تاريخي حيثيت تي روشني وجهندي چيو ته سنڌي هميشه وٽان علم رواداري ۽ ثقافت جا علمبردار رهيا آهن ۽ جتي به ويا آهن اتي سنڌ کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن ڪانفرنس دوران ريسيڪا وليم شاعري پيش ڪئي ڪانفرنس کان هڪ ڏينهن اڳ سنڌيائي ايسوسيئيشن آف يورپ طرفان سانا جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل ۽ ٻين مهمانن جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي جنهن سان گڏيل رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو ڪانفرنس جي پڄاڻي تي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته عالمي سطح تي سنڌي برادري جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو ٻولي ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت کي يقيني بڻايو ويندو سنڌ ۽ ان جي ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون.

بقايا 36 اعلان

ته ان سان نار جي ملڪن جي رسد ۾ هاڻوڪين رڪاوٽن کان متاثر روانگي واپار ڪندڙن کي سهولت حاصل ٿيندي، روانگي واپار ڪندڙن جي خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽرمينل آپريٽرز سان تعميري مشغوليت ڪانپوءِ ڪي پي ٽي جي چيئرمين ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد وفاقي وزير جي هدايت تي جي ٽي ايل ۾ رعايت حاصل ڪئي ساموندي معاملن واري وزارت موجب محمد جنيد انوار چوڌري ان حوالي سان چيو آهي ته اهي قدم ٽرمينل يارڊز ۾ ڦاٽل روانگي واپار ڪنٽر ڪنٽينرز جو احاطو ڪن ٿا جن کي آپريشنل مسئلن سبب لوڊ نه پئي ڪيو ويو هن چيو ته رعايت جو مقصد آمدني واپار ۽ روانگي واپار ڪندڙن وچ ۾ مالي دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ الحوا هيٺ اڪنسائنمنٽس ۾ گهٽتائي ۽ ڪارگو ڪليئرنس جي ڪارڪردگي وڌائڻ آهي ڪي پي ٽي جي ڪوشش کي ساراهيندي وفاقي وزير چيو ته ان سان روانگي واپار جي شعبي جي مدد، واپار جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ ۽ لاجسٽڪ رڪاوٽن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته ميري ٽائيم ادارن جي حوصلا افزائي ڪئي پئي وڃي ته جيئن وڌيڪ سهولتون ۽ واپار لاءِ دوستاڻو انداز اختيار ڪيو وڃي ۽ آپريشنل دير سبب اسٽيڪ هولڊرز جي خرچن ۾ اضافو نه ٿئي وفاقي وزير بهتر لاجسٽڪ سهولتن ۽ خدمتن جي فراهمي لاءِ بندرگاهن ۽ ٽرمينلز وچ ۾ بهتر حصيداري تي زور ڀريو هن ان ريليف کي ساموندي شعبي کي وڌيڪ جوابده، چٽاڀيٽي وارو ۽ قومي واپار ترجيحن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ هڪ وسيع حڪمت عملي جي حصي طور اجاگر ڪندي چيو ته بندرگاهن جي موثر آپريشنز اقتصادي استحڪام، روانگي واپار جي اوسر ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد لاءِ انتهائي اهم آهن.

بقايا 37 گهري روٽي

اها ڳالهه ريڊ لائين جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي. وڏي وزير چيو ته بي آر ٽي ريڊ لائين لاٽ ٽو جي مين ڪوريڊور جو ٽينڊر ٻيهر جاري ڪيو ويندو. ڊي جي ايف ڊبليو او سان ڳالهه ٿي چڪي آهي ۽ هن يقين ڏياريو آهي ته ٻن کان ٽن ڏينهن اندر هتي ڪم جون سرگرميون ٻيهر بحال ٿي وينديون. مراد علي شاهه چيو ته مڪسڊ ٽريفڪ تقريبن 12 ڪلوميٽر ڏکيو آهي، ۽ اميد آهي ته مڪسڊ ٽريفڪ لين ٽن مهينن اندر مڪمل ٿي ويندي. هن چيو ته عوام جون اميدون سنڌ حڪومت سان جڙيل آهن. چار سال اڳ لاٽ ٽو جو ٺيڪو ڏنو ويو هو پر ڪم جو معيار سٺو نه هو. وڏي وزير ڪم جي مڪمل ٿيڻ جي ذميواري ڏيندي چيو ته ڪم کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ عيد جي موڪلن دوران به ڪم جاري رهندو.

بقايا 38 تعزيت

گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين ۽ سينيٽر پرويز رشيد ڌار ڌار ملاقاتن ۾ تعزيت ڪندي مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتح خواني ۽ مغفرت جي دعا ڪئي هنن مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ پوئيتن لاءِ صبر جي دعا به ڪئي. ان موقعي تي سينيئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب، صوبائي اسيمبلي ميمبر ملڪ احمد سعيد، ڊاڪٽر ملڪ امير خان، سردار فاروق، ملڪ تيمور خان، ڊاڪٽر سردار علي اياز صادق ۽ عابد حسين به موجود هو سمورن اڳواڻن مرحوم لاءِ مغفرت ۽ گهرياتين لاءِ صبر جي دعا ڪئي.

بقايا 39 لاڏاڻو

پارن مير اعجاز جکراڻي سان پٽ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو رپورٽ موجب جيڪب آباد مان چونڊيل پ پ پ ايم اين اي اڳوڻو وفاقي وزير مير اعجاز حسين جکراڻي جو ننڍو پٽ مير حارث حسين جکراڻي ۽ مير رافع حسين جکراڻي جو ننڍو ڀاءُ مير زيد حسين جکراڻي بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ مير زيد حسين جکراڻي کي ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن جي ساهه جو سڳو ٽٽي پيو مير زيد حسين جکراڻي جي وفات واري خبر ٻڌي سندس خاندان جا پاتي اسپتال ۾ پهچي ويا ۽ روڄ ۽ راڙو پئجي ويو مرحوم مير زيد حسين جکراڻي جو مڙهه ايمبولينس ذريعي ڪراچي کان جيڪب آباد سندس گهر آندو ويو ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مرحوم زيد حسين جکراڻي جي جنازي نماز حميديہ هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هزارين جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم زيد حسين جکراڻي جي مڙهه کي واقع جيڪب آباد جي ٻائي پاس لڳ مزمل پيٽرول پمپ پرسان ڏاڏي ۽ چاچي مير فاروق حسين جکراڻي جي قبرن پرسان لوڪن سڏڪن ۽ آهن سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق خورشيد وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ قربان ڪاليرايم پي اي ڊاڪٽر شير محمد مغيري ايم پي اي مير اورنگزيب سرڪي اڳوڻو ايم پي اي مير اورنگزيب پنهور چيئرمين ضلع ڪائونسل جيڪب آباد مير طاهر حسين کوسو سردار صدام حسين ٻرڙو ۽ ٻين پارن مير زيد حسين جکراڻي جي وفات تي سندس والد ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مير زيد حسين جکراڻي جي وفات تي اسان کي دلي صدمو پهتو آهي ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان برابر جا شريڪ آهيون الله پاڪ مير زيد حسين جکراڻي جا بلند درجا عطا فرمائي آمين

بقايا 40 تعزيت

تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. گڏريل ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري اڳوڻي وفاقي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ اعجاز جکراڻي جي پٽ زيد جکراڻي جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سوڳوار خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو صدر مملڪت مرحوم جي مغفرت ۽ پوئيتن لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 41 ڏک جو اظهار

جکراڻي جي پٽ مير زيد جکراڻي جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. قاضي اسد عابد، اعجاز جکراڻي ۽ سندس خاندان سان سندس نوجوان پٽ جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي ۽ ڏک جي هن گهڙي ۾ مان اعجاز جکراڻي ۽ سندس خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهيان قاضي اسد عابد چيو آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سوڳوارن کي صبر عطا ڪري، آمين.

بقايا 42 افسوس

اسيمبلي جي ميمبر اعجاز خان جکراڻي جي نوجوان پٽ زيد خان جکراڻي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي هڪ تعزيتي پيغام ۾ گورنر چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو اعجاز جکراڻي ۽ ڏکوئيل ڪٽنب سان برابر جو شريڪ آهي. فيصل ڪريم ڪنڊي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ پوئيتن کي صبر عطا فرمائي.

بقايا 43 ڪامياب

۾ سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا، 11 رڪني گورننگ باڊي به چونڊي وئي تفصيل موجب گڏريل ڏينهن ڪراچي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جي گل رنگ ٽيريس ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي چيپٽر جون سال 27-2026ع جون چونڊون ٽي رڪني اليڪشن ڪميٽي جي نگرانيءَ ۾ ٿي گذريون جيڪا انجمن ترقي پسند مصنفين سنڌ جي صدر رياض شاهد دايو دانشور عبدالحميد منگي ۽ بلوچ اديب واحد بلوچ تي مشتمل آهي ان موقعي تي انجمن جي رجسٽرڊ ٢٥ ووٽرن شرڪت ڪئي. چونڊ عمل دوران شريڪ دوستن مختلف عهدن لاءِ مختلف عهديدارن جون تجويزون پيش ڪيون جن ۾ صدارت لاءِ منصور ڪوڪر نائب صدر پروفيسر ساجدہ چنا، جنرل سيڪريٽري نعيم شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري ايڊووڪيٽ واحد بخش ناريجو پريس سيڪريٽري لياقت عباسي ۽ خزانچي لاءِ وليم صادق شامل هئا، چونڊ عمل ۾ شريڪ 25 ميمبرن پنهنجي جمهوري راءِ جو اظهار ڪندي پيش ڪيل تجويزن جي حمايت ڪئي جن جي مخالفت ۾ ڪو به اميدوار سامهون نه آيو تنهن بعد اليڪشن ڪميٽيءَ جي چيئرمين رياض شاهد دايو سمورن نامزد عهديدارن جو بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪيو عهديدارن ڪائونسل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا 11 ميمبر پڻ چونڊيا ويا جن ۾ منصور ڪوڪر ۽ نعيم شيخ کان علاوه گل محمد منگي، ڪرم علي شاهه ڪرم عبدالغفور کتري، قمر جهان قمر خاصخيلي لطيف راولاڻي محمد يونس مهر مهيش ڪمار اي بي منگي، امين جويو سرور سميجو ۽ اظهر بانبڻ شامل آهن

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

دنيا جي رهنمائيءَ سان گڏ پنهنجي عوام جي حالتن تي به ڌيان ڏيو! صفحو 4

محمود شام
مسلمان حڪمران گهٽو ڪري سيڪيولر ڇو؟ صفحو 4

سکر جرڳو: ڇا ڏريون ناهه تي عمل ڪنديون؟
ايڊووڪيٽ عبيدالله چنڙ صفحو 4

غلام حسين خاصخيلي
سينيئر صحافي ۽ اديب عبداش پنهور جي سار لهو! صفحو 4

لنڊن ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا پاران بين الاقوامي سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان سنڌي تنظيمون، وڏي انگ ۾ پيشه ور ماڻهو، دانشور ۽ سماجي اڳواڻ شريڪ ٿيا

شروعات شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان ٿي،جيڪا سانا ادبي ڪاميٽي جي چيئرمين اسحاق ٽونيو پيش ڪئي

تيزي سان بدلجندڙ دنيا ۾ ڊائسپورا برادرين کي پنهنجي ثقافتي پاڙن کي برقرار رکڻ ۾ مختلف معاشرن ۾ ضم ٿيڻ جو چئلينج درپيش آهي:ڊاڪٽر مقبول

مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي رڳو پنهنجي رهائش جي جڳهه سان نه پر پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ورثي سان سڃاتا وڃن ٿا:شاهده شيخ

سانا کي سنڌ جي يونيورسٽين، ادارن ۽ اسپتالن جي ٽيميوارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن ته جيئن تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ بهتري آڻي سگهجي:اياز لطيف

ورجينيا (رپورٽ:ضياءَ قريشي/سبين ميمڻ) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) طرفان لنڊن برطانيه ۾ هڪ اهم بين الاقوامي سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ڪاميابي سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان سنڌي تنظيمون، وڏي انگ ۾ پيشه ور ماڻهو دانشور ۽ سماجي اڳواڻ شريڪ ٿيا. هن ڪانفرنس ۾ عالمي سطح تي سرگرم ادارن جهڙوڪ سنڌي ايسوسيئيشن آف يورپ، سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان، سنڌي ايسوسيئيشن آف مسقط، برطانيه ۾ رهندڙ سنڌي برادري، سنڌي ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن برطانيه ۽ سنڌ واسين جي ڀرپور شرڪت رهي، جيڪا عالمي سنڌي برادري جي اتحاد، تنوع ۽ گڏيل ويزن جي عڪاسي ڪري ٿي.رپورٽن مطابق پروگرام جي شروعات شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي جي دلڪش پيشڪش سان ٿي، جيڪا سانا ادبي ڪاميٽي جي چيئرمين اسحاق ٽونيو پيش ڪئي جنهن محفل کي هڪ روحاني ۽ ثقافتي رنگ عطا ڪيو. پنهنجي استقباليه خطاب ۾ سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ زور ڀريو ته هي ڪانفرنس عالمي رابطن ذريعي سنڌي سڃاڻپ کي مضبوط ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت ٻولي ۽ ثقافت کي محفوظ رکڻ جي هڪ مضبوط ۽ گڏيل ڪوشش آهي. هن چيو ته دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو رڳو جاگرافيائي حدن سان نه پر پنهنجي گڏيل ورثي، تاريخ ۽ اجتماعي ذميواري سان ڳنڍيل آهن ۽ سانا جو مقصد پيشه ور ماڻهن، دانشورن، نوجوانن ۽ ڪميونٽي اڳواڻن وچ ۾ اثرائتا عالمي لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي.سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ چيو ته تيزي سان بدلجندڙ دنيا ۾ ڊائسپورا برادرين کي پنهنجي ثقافتي پاڙن کي برقرار رکندي مختلف معاشرن ۾ ضم ٿيڻ جو چئلينج درپيش آهي. هن زور ڏنو ته سنڌي ٻولي، روايتون ۽ ثقافتي قدر اسان جي سڃاڻپ جو بنياد آهن ۽ هي ڪانفرنس خاص طور تي نئين نسل ۾ انهن قدرن جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ هڪ سنجيده ڪوشش آهي. هن وڌيڪ چيو ته لنڊن جهڙو عالمي شهر اهڙي گڏجاڻي لاءِ بهترين جڳهه آهي، جيڪو تنوع، رابطي ۽ موقعن جي علامت آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي ڪانفرنس هڪ مضبوط، بااعتماد ۽ ثقافتي طور ڳنڍيل عالمي سنڌي برادري جي تعمير ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندي.سانا جي نائب صدر عورتن لاءِ شاهده شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي رڳو پنهنجي رهائش جي جڳهه سان نه پر پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ورثي سان سڃاتا وڃن ٿا، ۽ هن سڃاڻپ کي محفوظ رکڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ ۾ عورتن جو ڪردار انتهائي اهم آهي.ڪانفرنس دوران مختلف عالمي تنظيمن ۽ برادرين جي نمائندن پنهنجا خيال پيش ڪيا. ڊاڪٽر روهت ڪمار سانا جي ڪوششن کي ساراهيو ته هن عالمي سنڌي برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ گڏيل جدوجهد تي زور ڏنو جڏهن ته سانا جي ٽريزرر آڪاش ڪيول راماڻي، سانا آرڪ جي ذوالفقار خواجه، آرڪ ايوب مهر ڊاڪٽر شاهه بخش لاشاري ۽ ڊاڪٽر فهد ميمڻ پيشه ورانه سهڪار ۽ ڪميونٽي لاڳاپن بابت پنهنجا خيال ونڊيا. ڊاڪٽر دليپ دولتاڻي، عباس چنا، ناجيه ميں آصف ميمڻ ۽ ساجن چنا پڻ خطاب ڪندي ثقافتي ورثي جي حفاظت، عالمي اتحاد ۽ سنڌ ڏانهن اجتماعي ذميواري جي اهميت تي روشني وڌي.برطانوي پارليامينٽ جي ميمبر ايز ڪلارڪ سانا جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ وادي سنڌ جي عظيم تهذيب کي خراج تحسين پيش ڪندي سنڌين کي هڪ امير ۽ قديم سڃاڻپ جا وارث قرار ڏنو. اياز لطيف پليجو زور ڀريو ته سانا کي سنڌ جي يونيورسٽين، ادارن ۽ اسپتالن جي ٽيميوارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن ته جيئن تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ بهتري آڻي سگهجي ۽ ساڳئي وقت هن سانا جي سيڪيولر ۽ جامع سڃاڻپ کي برقرار رکڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو. ڊاڪٽر عبدالرئوف شيخ سنڌين جي تاريخي حيثيت تي روشني وجهندي چيو ته سنڌي هميشه وانگر علم، رواداري ۽ ثقافت جا علمبردار رهيا آهن ۽ جتي به ويا آهن اتي سنڌ کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن.ڪانفرنس دوران رسيڪا وليم شاعري پيش ڪئي جنهن سان محفل ۾ ادبي رنگ پيدا ٿيو. ڪانفرنس کان هڪ ڏينهن اڳ سنڌياڻي ايسوسيئيشن آف يورپ طرفان سانا جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل ۽ ٻين مهمانن جي اعزاز ۾ استقباليه تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن سان باهمي رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو ڪانفرنس جي پڄاڻي تي هن عزم جو اعادو ڪيو ويو ته عالمي سطح تي سنڌي برادري جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو ٻولي ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت کي يقيني بڻايو ويندو ۽ سنڌ ۽ ان جي ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون آخر ۾ موسيقي جي ڪنسرٽ ۾ هو جمالو تي سڀني شرڪت ڪندڙن جهمريون وڌيون

ورجينيا: سانا پاران بين الاقوامي سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ۾ شاهده شيخ، اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ورجينيا: سائين جي ايم سيد جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

ورجينيا ۾ جي ايم سيد جي ورسي تقريب،سيد جو فڪر مسئلن جو حل قرار

تقريب ۾ سيد کي سياسي، علمي، ادبي ۽ قومي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سيد پنهنجي سڄي حياتي سنڌ جي آجپي ۽ قومي سجاڳي لاءِ وقف

موجوده حالتن ۾ سيد جو فڪر ئي مسئلن جو حقيقي حل آهي: فاروق سومرو/گوهر گهانگهرو

ورجينيا (رپورٽ: ضياءَ قريشي) آمريڪا جي رياست ورجينيا ۾ جي ايم سيد اوطاق تي سائين جي ايم سيد جي ورسي تقريب شعيب پٽو جي سربراهي ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سيد کي سياسي، علمي، ادبي ۽ قومي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.تقريب ۾ شعيب پٽو، فاروق سومرو، ضياءَ قريشي، گوهر گهانگهرو، اعجاز ڪوڪر، علي ڪيريو، ايم بي ببن، فيض بليدي، جبار سري، علام رسول شر، عادي ڪوڪر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن سيد جي شخصيت ۽ جدوجهد تي روشني وڌي ۽ کيس زبردست خراج تحسين پيش ڪيو.تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سائين جي ايم سيد جو فڪر اڄ ۾ سنڌ سميت دنيا جي مظلوم قومن لاءِ راهه جو ڏيئو آهي. سيد پنهنجي سڄي حياتي سنڌ جي آجپي ۽ قومي سجاڳي لاءِ وقف ڪئي. هنن چيو ته موجوده حالتن ۾ سيد جو فڪر ئي مسئلن جو حقيقي حل آهي. ان موقعي تي اڳواڻن سن ڏانهن ويندڙ قافلن کي پوليس پاران روڪڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته حڪومت سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ وڌندڙ عوامي شعور کان ڊنل آهي تنهن ڪري اهڙا غير جمهوري قدم کنيا پيا وڃن.آخر ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي جي مناسبت سان دعا گهري وئي ۽ سنڌس مشن کي اڳتي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

ٽنڊوڄام پرسان ڳوٺ حيدرشاهه آبڙي جو تاريخي اسڪول کنڊر بڻجي وڃڻ ڪري ٻارڙن جي تعليم متاثر

تاريخي اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وڃڻ بعد اسڪول کي ماڊل اسڪول ۾ منتقل ڪري شام جي شفٽ ۾ هلايو پيو وڃي

اسڪول شام جي شفٽ سبب 300 کان وڌيڪ شاگردن واري هن اسڪول جي حاضري گهٽجي پنجاهه سٺ ٻارن تي اچي پهتي

حيدرشاهه آبڙي اسڪول جي عمارت جي مرمت يا نئين سر تعمير جو وٽ ڪوبه منصوبو يا ٽينڊر نه آهي: ايجوڪيشن ورڪس عملدار

اسڪول جي عمارت کي نئين سر تعمير ڪري معصوم ٻارن جي تعليم کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي:رهواسي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام پرسان ڳوٺ حيدرشاهه آبڙي جو تاريخي اسڪول کنڊر بڻجي ويو ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر. ٽنڊوڄام ريجهو يوسي سانوڻ خان گوپانگ جي وڏي ڳوٺ حيدر شاهه آبڙي جو تاريخي اسڪول انتظامي بي ڌياني سبب کنڊر بڻجي ويو آهي. اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وڃڻ بعد اسڪول کي ماڊل اسڪول ۾ منتقل ڪري شام جي شفٽ ۾ هلايو پيو وڃي. اسڪول تبديل ٿيڻ ۽ شام جي شفٽ سبب 300 کان وڌيڪ شاگردن واري هن اسڪول جي حاضري گهٽجي پنجاهه سٺ ٻارن تي اچي پهتي آهي انهي حوالي سان ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي عملدار رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته هن اسڪول جي عمارت جي مرمت يا نئين سر تعمير جو وٽ ڪوبه منصوبو يا ٽينڊر نه آهي. ٻئي طرف ڳوٺاڻن ۽ ساڄاهه وندن وس وارن کان گهر ڪئي آهي اسڪول جي عمارت کي نئين سر تعمير ڪري معصوم ٻارن جي تعليم کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

ٽنڊوڄام: ڳوٺ حيدر شاهه آبڙي جي کنڊر بڻيل اسڪول جو ڏيک

نصيرآباد ۾ اجالا سولنگي اغوا خلاف سجاڳ ٻار تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

ٻارڙن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اجالا جي بازيابيءَ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي

قوم کي ذهني مفلوج ڪرڻ لاءِ معصوم ٻارڙن کي نشانو بڻايو پيو وڃي:فائزا لغاري

نصيرآباد (ن ع)ميهڙ مان چار سالن جي معصوم نياڻي اجالا سولنگي جي مبينا اغوا خلاف نصيرآباد ۾ ٻارڙن جي علمي ادبي ۽ انقلابي تنظيم سجاڳ ٻار تحريڪ پاران سخت احتجاج ڪيو ويو شاهه لطيف پارڪ ۾ ڪيل هن احتجاج جي اڳواڻي تنظيم جي اڳواڻن فائزا لغاري، ڪرم الله سانگهرو منسا مشتاق، زويا لغاري، مدثر مرتضيٰ ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي شريڪ ٻارڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اجالا سولنگي جي سلامتيءَ سان بازيابيءَ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي مظاهري کي خطاب ڪندي ٻارڙن چيو ته سنڌي قوم کي ذهني طور مفلوج ڪرڻ لاءِ هاڻي معصوم ٻارڙن کي نشانو بڻايو پيو وڃي، جيڪو نسل ڪشي جي برابر آهي فضيلا سرڪي ۽ پريا ڪماري جهڙين معصوم نياڻين سالن کان اغوا ٿيل آهن ۽ رياست کين بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي هاڻي وري نياڻي اجالا سولنگي کي اغوا ڪري سنڌ جي عوام کي وڌيڪ ڪرونڊ ۽ مايوسيءَ جي گهري ڌٻڻ ۾ اڇلايو ويو آهي سجاڳ ٻار تحريڪ جي اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته بنا ڪنهن دير جي معصوم اجالا سولنگي کي بازياب ڪرائي سندس گهر وارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

نصيرآباد: اجالا سولنگي جي اغوا خلاف سجاڳ ٻار تحريڪ جو ٿيل احتجاج جو ڏيک

روهڙي پرسان ڳوٺ احمد پٽو واسين پاران بااثر شخص خلاف احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ)روهڙي پرسان ڳوٺ احمد پٽو جي رهواسين پنهنجي ئي برادري جي هڪ بااثر شخص خلاف احتجاج. اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيواحتجاج ڪندڙن ذوالفقار علي پٽو ۽ وقار علي پٽو پنهنجي مامي سان گڏ ميڊيا آڏو داهيندي الزام هنيو ته سندن سوٽ عبدالحفيظ پٽو بااثر ماڻهن جي آشيرواد سان انهن خلاف بي بنياد ۽ ڪوڙا الزام لڳائي رهيو آهي هنن چيو ته عبدالحفيظ پٽو طرفان اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته اسان کيس جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهيون ۽ زبردستي زمين جو ڪاٽو پنهنجي نالي ڪرائڻ چاهيون ٿا، جيڪو سراسر ڪوڙ ۽ حقيقت جي ابتڙ آهي.مظاهرين وڌيڪ ٻڌايو ته اصل ۾ زمين سندن والد ۽ ٻن چاچن جي ملڪيت هئي عبدالحفيظ پٽو جو والد اڳ ئي فوت ٿي ويو هو جنهن کان پوءِ سندن والد سنڀاليندڙ طور ڪم ڪري رهيو هو هنن چيو ته بعد ۾ سندن والد، عبدالحفيظ جي والده ۽ سندن چاچي جي گڏيل رضامندي سان اها زمين هڪ پارٽي کي وڪرو ڪئي وئي، جنهن جي رقم هر هڪ کي پنهنجي حصي موجب ملي چڪي آهي هنن وضاحت ڪئي ته ان وقت عبدالحفيظ پٽو ننڍي عمر جو هو تنهنڪري سندس حصي جي رقم سندس والده وصول ڪئي هئي هاڻي جڏهن خريد ڪندڙ پارٽي کاتي جي منتقلي لاءِ رابطو ڪيو آهي ته عبدالحفيظ پٽو مڪرجي ويو آهي

نصيرآباد رنگ روڊ پرسان پوليس ۽ ڌوهاري ماڻهن وچ ۾ مقابلو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪيو ويو

ٻه ساٿي فرار ٿي ويا،جوابدار وٽان ٽي ٽي پستول، ميگزين ۽ گوليون هٿ آيون:پوليس

سکر(بيورو رپورٽ)سکر پوليس جي ترجمان موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس طرفان ڌوهارين خلاف ڪارروائيون جاري آهن. گذريل رات ٿاڻو سائيٽ ايريا جي حد نصيرآباد رنگ روڊ پرسان پوليس ۽ ڌوهاري ماڻهن وچ ۾ مقابلو ٿيو.ايس ايڇ او سائيٽ ايريا ٿاڻو گشت دوران واردات جي ارادي سان موجود جوابدارن کي ڏسي انهن پاران ڀڄڻ جي ڪوشش کي بروقت ڪارروائي ڪندي ناڪام بڻايو. پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.گرفتار جوابدار وٽان ٽي ٽي پستول، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ امتياز ميرجت جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس طرفان سرچ آپريشن جاري آهي. ترجمان موجب گرفتار جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ سميت جوابدار جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي. ٻئي پاسي ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس پارٽي جي بروقت ۽ بهترين ڪارروائي تي شاباشي جو پيغام ڏنو آهي

ملڙاڻو ڪينال تي پاڻي جي هٽڙادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف احتجاجي مظاهرو

15ڏينهن مسلسل پاڻي ڏئي پوءِ هفتي جي وارا بندي ڪئي وڃي: آبادگار

نارا ڪينال ۾ پاڻي گهٽ هجڻ باوجود به اهڙي بندي لاڳو نه هئي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر)ملڙاڻو ڪينال تي هٽڙادو پاڻي ڪوٽ ۽ هفتي وارا بنديون ڪرڻ خلاف آبادگارن رام جاڳو ريگوليٽر موري تي پ پ پ تعلقه صدر آبادگار حاجي محمد رفيق پرهڙيو، آبادگار ممتاز ڪالرو آبادگار چودري نواز سانسي منير رندڙا ۽ ٻين آبادگارن جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي آبادگارن ڏانهن ڪندي چيو ته کين 15 ڏينهن مسلسل پاڻي ڏئي پوءِ هفتي جي وارا بندي ڪئي وڃي پر هن وقت بنا جواز پاڻي بند ڪري سندن فصل تباهه ڪيا پيا وڃن. هنن الزام هنيو ته ملڙاڻو ڪينال جي ڊاريڪٽ واٽر ڪورسن کي مشينن سان لٽي زبردستي وارا بنديون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته اڳوڻي ڊائريڪٽر منصور ميمڻ جي دور ۾ نارا ڪينال ۾ پاڻي گهٽ هجڻ باوجود به اهڙي بندي لاڳو نه هئي.هن وقت نارا ڪينال ۾ پاڻي جي سطح ۾ وڌيڪ هجڻ جي باوجود ملڙاڻو ڪينال جي واٽر ڪورسز کي ايڪسيويٽر مشينن کي لٽي هفتي جي وارا بندي ڪئي وڃي پئي جنهن ۾ ننڍي آبادگارن جا به پاڻي جا وارا نقا لڳڻ پوکيل فصل سوڪهڙي جو شڪار تباهه ٿي رهيا آهن پاڻي جي هٽڙادو ڪوٽ سبب فصلن جي پوکائي مڪمل نه ٿي سگهي آهي.هوڏانهن ملڙاڻو ڪينال جو انجنيئر ۽ ايس ڊي او درٽي تي پهچي ويو جتي هن آبادگارن جي مطالبن کي مڃڻ کان انڪار ڪندي موقف اختيار ڪيو ته ملڙاڻو ڪينال ۾ پاڻي جي صورتحال موجب وارا بنديون ڪيون پيون وڃن ۽ هر علائقي کي حصي موجب پاڻي ڏنو ويندو.بعد ۾ ضلعي چيئرمين مير انور ٽالپر آبادگارن سان ڳالهيون ڪري کين خاطري ڏني، جنهن بعد احتجاج ختم ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد: ملڙاڻو ڪينال تي پاڻيءَ جي هٽڙادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف ٿيل احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

محرابپور ۾ وڌيڪ هڪ تعليمي اداري جو قيام عمل ۾ آندو ويو

محرابپور (ت ر)پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ تحت محرابپور ۾ هڪ وڌيڪ تعليمي اداري جو قيام عمل ۾ آندو ويو مختلف نامور تعليمدانن افتتاح ڪيو ان ڏس ۾ محرابپور ۾ ڪرڻي روڊ تي ڊي اي او نوشهرو فيروز ماڊل انسٽيٽيوٽ پبلڪ هاءِ اسڪول جي پروقار افتتاحي تقريب ٿي جنهن ۾ ڊي اي او ۽ سيڪنڊري غلام حسين هليو سابق ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي پروفيسر امداد سهتو ڊي اي او لياقت لاڙڪ ڊي اي او ۽ نصير نانگڙو شمس الدين لغاري محمد حسن ويسر هيڊ ماسٽر ممتاز پرهيڙ ايوب سيال الطاف حسين سهتو سميت مختلف تعليمي ماهرن پروفيسرس اسڪالرن صحافين والدين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسڪول جو باقائده افتتاح ڪري دعا گهري وئي ۽ قومي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪري قومي ترانو پيش ڪيو ويو جڏهن ته ڊي اي او غلام حسين هليو عبدالسميع پنهور پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي عبدالخالق ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نامور تعليمدانن استادن جي نگراني ۾ جديد سائنٽفڪ اداري جو قيام هڪ بهترين قدم آهي

حيدرآباد ۾ نوجوان جمالي اتحاد پاران نوابشاهه پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

فقير محب جمالي ۽ پٽڻ تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف نعريبازي ڪئي وئي

فقير محب جمالي ۽ پٽڻ خلاف ڪنڊڙ ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي:ميرگوزن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ۽ ڄامشورو جي نوجوان جمالي اتحاد جي نوجوانن نواب شاهه پوليس طرفان فقير محب جمالي ۽ پٽڻ خلاف مبينا ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ميرگوزن،عبدالغفار جمالي،ذوالفقار جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته ايس ايس پي نواب شاهه سياسي ونگار وهندي فقير محب جمالي ۽ پٽڻ خلاف ڪنڊڙ ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته فقير محب جمالي سياسي طور فنڪشنل ليگ ۾ شامل آهي جنهن سبب کين سياسي انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو پيو آهي

حيدرآباد: نوجوان جمالي اتحاد پاران نوابشاهه پوليس خلاف ٿيل احتجاج جو ڏيک

ڪيبراڻي ۾ بيلي جي سرڪاري زمين تي قبضي تان فاريسٽ عملي ۽ قبضا مافيا وچ ۾ ڇڪتاڻ

ڪيبراڻي ٿاڻي تي قاسم شاهه،اعجاز شاهه ،نعيم شاهه،مير محمد شاهه،مظهر شاهه،جانو،غلام نبي،پنهون خلاف بيلي ڪاتي جي فرياد تي ڪيس داخل

قبضا مافيا سرڪاري زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيا هئا،روڪڻ تي جاڳايل هٿيارڊندن گارڊ ڪندي موتمار ڌمڪيون ڏنيون:فاريسٽ عملدار

ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي،ان ڪيس ۾ ملوث جوابدارن مان آخري اطلاعن تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي

ڪيبر (ن ع)ڪيبراڻي ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ بيلي ڪاتي جي سرڪاري زمين تي قبضي خلاف فاريسٽ عملي ۽ قبضا مافيا وچ ۾ ڇڪتاڻ 9 ڄڻن مٿان ڪيس داخل.ڪيبراڻي ٿاڻي تي 9 جوابدارن خلاف بيلي ڪاتي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي بيلي ڪاتي جي عملدار غلام نبي ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته معمول موجب گشت دوران سار سنڀال لاءِ چونڪوي نمبر 13 تي پهتاسون ته اتي قبضا مافيا هٿيارڊندن نالي هر هڪ سيد قاسم شاهه،اعجاز شاهه،نعيم شاهه،مير محمد شاهه،مظهر شاهه،جانو،غلام نبي ، پنهون جن جي هٿن ۾ جديد هٿيار هئا جيڪي سرڪاري زمين تي هر هلائي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا جنهن تان روڪڻ تي جاڳايل هٿيارڊندن اسان کي گارڊ ڪندي موتمار ڌمڪيون ڏنيون اهڙو اطلاع پنهنجي بالا آفيسرن کي ڏنو جنهن بعد ڪيبراڻي پهچي جاڳايل 9 جوابدارن خلاف ڊيوٽي آئڪاءِ ۽ سرڪاري زمين تي قبضي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي،ٻئي طرف ان ڪيس ۾ ملوث جوابدارن مان آخري اطلاعن تائين ڪابه گرفتاري عمل نه اچي سگهي آهي

ڪي اين شاهه ۾ واٽرسپلائي جي اسڪيمن ۾ لکين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف،احتجاج

ماڏو،قمبر،ڪريو غلام الله،ڪورحسين خان،ستائي چانڊيا،واهه صوبدار، ڳچل،ينگرسميت 20کان وڌيڪ ڳوٺن جي ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو

ڳوٺاڻا ڍنڍن جو ڪنو پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿي ويا آهن،جنهن سبب معصوم ٻارڙا مختلف بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن:اڳواڻ

اسڪيمن ۾ لکين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي،جنهن خلاف انڪوائري ڪرائي وڃي،سڀ اسڪيمون رولڙي جو شڪار

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع)ڪي اين شاهه واٽرسپلائي جي اسڪيمن ۾ لکين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ڳوٺن کي پاڻي فراهم ڪرڻ سان گڏ انڪوائري جو مطالبو ڳوٺاڻا قرآن پاڪ کڻي نڪري آيا ڪاڇي جي ڌنگ ايف پي بند سان گڏ قائم ڳوٺ ماڏو ، قمبر، ڪريو غلام الله ، ڪورحسين خان ، ستائي چانڊيا ، واهه صوبدار ، ڳچل ، ينگرسميت 20کان وڌيڪ ڳوٺن جا ڳوٺاڻا هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان وانجهيل ، 2010 واري ٻوڏ کان پوءِ سواءِ چند ڳوٺن جي بجلي جي سهولت ختم ٿي ويئي ، 2022 واري ٻوڏ ڪانيوءِ گوڙو ۽ چندڻ کان مٽي بجلي جو تصور ڪرڻ به ڳوٺاڻن لاءِ گناهه بڻيل آهي پيئڻ جو پاڻي جي سخت ڪوٽ آهي ڳوٺاڻا ڍنڍن جو ڪنو پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿي ويا آهن جنهن سبب معصوم ٻارڙا مختلف بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن ڳوٺاڻا قاري خليل الرحمان قريشي ،قاري عبدالوحيد قريشي حاجي امداد چانڊيو ۽ ٻين قرآن پاڪ کڻي سخت احتجاج ڪندي پاڻي ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي هوڏانهن پيئڻ جي پاڻي جي حوالي سان وڏا انڪشاف ٿي رهيا آهن ٻڌايو پيو وڃي 15سالن دائين خيرپور ناٿن شاهه پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ رهندڙ منير احمد پنهور تي الزام آهي ته ان مبينا طور تي ماڏو واٽر سپلائي اسڪيم جنهن تي 10ڪروڙ روپيا منظور ڪيا ويا سميت بيگو ديرو ،ميان نصير محمد ڪلهوڙو راهوجا گوزو چوڙ قمبر ميرمحمد جي ڪور پسيا بريا لولجا ڪڪڙ خيرپور ناٿن شاهه جي اسڪيم جيڪا ڳوٺ فتح خان گاڏهي ڪاڙ راوت خان لغاري 40ڪروڙ جي هئي ۽ جوهي بٽراج ارين اسڪيم 14ڪروڙ انهن سڀني جو انچارج هيو جنهن انهن اسڪيمن ۾ لکين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي جنهن خلاف انڪوائري ڪرائي وڃي جيڪي سڀ اسڪيمون رولڙي جو شڪار آهن هوڏانهن زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ به پاڻي نه آهي بيگو ديرو شاخ ، مير محمد شاخ۾ پاڻي اڻلڀ ٿي ويو آهي جنهن سبب ڪڻڪ جي آبادي نه ٿيڻ برابر آهي چونڊيل نمائندا عوام جي مسئلن کان لاتعلق بڻيل نظر اچي رهيا آهن انهن جي ڪير به سار لهڻ وارو نه آهي پاڻي ۽ ٻين مسئلن لاءِ علائقي جي ماڻهن جي باوجود سندن جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪامورا توڙي چونڊيل نمائيندا تيار نه آهن اهڙي صورتحال سبب سوين خاندان مختلف تڪليفن کي منهن ڏيئي رهيا آهن چونڊيل نمائيندن کي گهرجي ته متعين ڳوٺن سميت ٻين ڳوٺن جي ڳوٺاڻن کي بنيادي سهولتون ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪن

آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اپريل 2012 ۾ جونيئر سائنس ٽيچر جي آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي:امتياز علي

تعليم کاتو سائنس ٽيچرز جون وڌيڪ سيٽن جو اعلان ڪري،هر اسڪول ۾ ضرورت آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)اپريل 2012 ۾ جونيئر سائنس ٽيچر جي آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن نوڪريون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون امتياز علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.ان موقعي تي هنن چيو ته اسان اپريل 2012 ۾ جونيئر سائنس ٽيچر جي آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي پر اڄ تائين نوڪري نه ملي سگهي آهي. هنن چيو ته تعليم کاتي سنڌ ۾ جونيئرسائنس ٽيچرز جون ڪل 1237 سيٽون خالي ڄاڻايون وين آهن جڏهن ٽيسٽ پاس اميدوارن جو انگ هڪ لک کان مٿي آهي. هنن چيو ته سائنس ٽيچر جي هر اسڪول ۾ ضرورت آهي ان ڪري تعليم کاتو جونيئرسائنس ٽيچرز جون وڌيڪ سيٽن جو اعلان ڪري جيئن وڌ کان وڌ تعليم يافته نوجوان تعليم کاتي ۾ اچي سگهن ۽ مستقبل جي معمارن کي بهتر تعليم ملي سگهي.هنن چيو ته گذريل سال تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچرز جون سيٽون وڌائي 95هزار ڪيون ويون هيون جنهن سان تعليم يافته نوجوانن جي وڏي انگ کي نوڪريون مليون هيون

حيدرآباد: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ليبر ڪالوني سکر ۾ فريال ٽالپر جي سالگرهه تقريب منعقد ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) فريال ٽالپر جي سالگرهه جي موقعي تي ليبر ڪالوني سکر ۾ واقع پاڪستان پيپلز پارٽي آفيس ۾ هڪ باوقار پُرجوش ۽ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ عورتن ڪارڪنن، پارٽي عهديدارن، مقامي اڳواڻن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪري پنهنجي اڳواڻ سان محبت ۽ وابستگي جو ڀرپور اظهار ڪيو.تقريب دوران سکر هائوس سان لاڳاپيل پي پي اڳواڻ سيد زاهد حسين شاهه بخاري سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي ڪارڪنن "جيئي ڀٽو"، "جيئي محترمه فريال ٽالپور" ۽ پارٽي جي حق ۾ زوردار نعرا هنيا، جنهن سان سڄو ماحول جوش ۽ جذبي سان گونجي اٿيو پنهنجي خطاب ۾ سيد زاهد حسين شاهه بخاري فريال ٽالپر جي سياسي ۽ سماجي خدمتن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هوءَ پاڪستان پيپلز پارٽي جي هڪ مضبوط، باصلاحيت ۽ متحرڪ اڳواڻ آهي جنهن هر ڏکئي وقت ۾ پارٽي کي سنڀاليو ۽ ڪارڪنن جو حوصلو بلند رکيو. هن چيو ته سندس قيادت ۾ پارٽي وڌيڪ مضبوط ٿيندي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ۾ تيزي ايندي. هن وڌيڪ چيو ته فريال ٽالپر هميشه جمهوريت، عوامي حقن ۽ پارٽي جي نظرئي جي سربلندي لاءِ ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو ڪارڪنن لاءِ مشعل راهه آهي. ان موقعي تي هن سندن ڊگهي عمر صحت ۽ سلامتي سان گڏ وڌيڪ ڪاميابين لاءِ خاص دعا ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ ڪيو.ٻين مقررن ۽ ڪارڪنن پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪندي چيو ته فريال ٽالپر جون خدمتون پارٽي جو قيمتي سرمايو آهن ۽ هوءَ هميشه ڪارڪنن جي دلين ۾ زنده رهندي. هنن عزم جو اظهار ڪيو ته هو پارٽي قيادت سان گڏ بيهي عوامي خدمت، جمهوري قدرن جي واڌاري ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا.تقريب جي پڇاڙي تي شرڪت ڪندڙن ۾ ڪيڪ ورهايو ويو جڏهن ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي خوشحالي استحڪام ۽ امن لاءِ گڏيل دعا پڻ ڪئي وئي

مسوبرڳڙي ۾ منشيات فروشن کي مبينا استثنا ملڻ انڪشاف

حيدرآباد روورل ۾ تعلقي متياري تائين سرگرمين کي وڌائي ڇڏيو

ڪارروائي نه ڪئي وئي ته علائقو مڪمل طور تي تباهي طرف وڌي ويندو:رهواسي

مسوبرڳڙي (ن ع)جتي سڄي حيدرآباد ضلعي ۾ منشيات خلاف سخت ڪريڪ ڊائون جاري آهي، اتي ڇلگري ٿاڻي جي حد ۾ ايندڙ شهر مسوبرڳڙي ۾ منشيات فروشن کي مبينا طور استثنا ملڻ جون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن. جنهن سبب علائقي ۾ منشيات جي ڪاروبار ۾ واڌارو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.مقامي ذريعن موجب، رليف ملڻ بعد اسمگلر نه رڳو تعلقي حيدرآباد روورل ۾ تعلقي متياري تائين پنهنجي سرگرمين کي وڌائي ڇڏيو آهي. خاص طور تي مٿن پڙي، سفينا ۽ زيد ايڪيهه جهڙيون خطرناڪ منشيات کلي عام وڪرو ٿي رهيون آهن جنهن سان نوجوان نسل سخت متاثر ٿي رهيو آهي ان صورتحال تي هتان جي سياسي ۽ سماجي ڌرين پاران سخت ردعمل ظاهر ڪيو ويو آهي.اڳواڻن ۽ سماجي ڪارڪنن پنهنجي بيانن ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن فوري طور تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته علائقو مڪمل طور تي تباهي طرف وڌي ويندو. هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڇلگري ٿاڻي جي حد ۾ هلندڙ غيرقانوني ڪاروبار جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف بي رحم ڪارروائي ڪئي وڃي. سندن وڌيڪ چوڻ هو ته پوليس ۽ لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون نڀائين ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ جاري مهم کي بنا ڪنهن فرق جي هر علائقي تائين وڌايو وڃي. جيئن نوجوانن جو مستقبل بچائي سگهجي. واضح رهي ته حڪومت پاران منشيات خلاف مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، پر ڪجهه علائقن ۾ اهڙيون شڪايتون سامهون اچڻ سان مهم جي اثرائتيت تي سوال اڀري رهيا آهن

مسوبرڳڙي: منشيات فروشن خلاف ڪارروايون نه ٿيڻ ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

تعليم کاتي جي هڪ هزار کان وڌيڪ ملازمن پاران پگهارن لاءِ احتجاجي مظاهرو

34 مهينن کان پگهارون نه ملي سگهيون آهن،فوري جاري ڪيون وڃن:حاڪم زرداري

احتجاج ڪري رهيا آهن پر حڪمرانن ۽ اختيارين جي ڪن تي جون به نٿي سري

ٽنڊوڄام(ت ر)تعليم کاتي جي هڪ هزار کان وڌيڪ ملازمن کي 34 مهينن کان پگهارون نه ملي سگهيون احتجاجي مظاهرو خبر موجب تعليم کاتي حيدرآباد جي هڪ هزار کان وڌيڪ نئين ملازمن کي مسلسل 34 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ملازم اڳواڻ حاڪم زرداري، نثار سومرو شاهه رخ راجپوت، شبير ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن دوران سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. انهي موقعي تي ملازمن جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جي اڳوڻي صوبائي حڪومت کين 2023 ۾ ڀرتي ڪيو هو پر بعد ۾ معاملو عدالت ۾ هجڻ جو جواز ڄاڻائي سنڌ سرڪار اسان جون پگهارون جاري نه ڪيون ڊسمبر 2025 ۾ حيدرآباد هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ واضح حڪم جاري ڪيو هو ته ملازمن جون پگهارون فوري جاري ڪيون وڃن پر ان باوجود ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد عدالتي حڪمن تي عمل نه پيو ڪري. هنن چيو ته 34 مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب سندن گهرن ۾ سخت فاقا ڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي ۽ هو انتهائي ڏکي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن ملازمن وڌيڪ چيو ته هو مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن پر حڪمرانن ۽ لاڳاپيل اختيارين جي ڪن تي جون به نٿي سري. هنن مطالبو ڪيو ته اعليٰ اختياريون فوري نوٽيس وٺي سندن مسئلو حل ڪن ۽ حيدرآباد هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ جي فيصلي تي مڪمل عملدرآمد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام: تعليم کاتي جي هڪ هزار کان وڌيڪ ملازمن پاران پگهارن لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي واسڻ پاران مڙس سان گڏ ٽنڊو محمد خان ۾ احتجاجي مظاهرو

مائٽ منهنجي مڙس احسان ڪلهوڙو جا جاني دشمن بڻجي ويا آهن:مسمات شازيه

مختلف شهرن ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي گرفتار ڪرائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ ڪراچي واسڻ مسمات شازيه پنهنجي مڙس سان گڏ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيندي چيو ته منهنجا مائٽ منهنجي مڙس احسان ڪلهوڙو جا جاني دشمن بڻجي ويا آهن اسان پورهيو ڪري زندگي گذاريون پيا اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ هٿياربند گولي رهيا آهن ۽ اسان خلاف مختلف شهرن ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي گرفتار ڪرائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين هن چيو ته اسان پورهيو ڪري گذر سفر ڪريون ٿا ته سالن اڳ مون کي اڳوڻي مڙس طلاق ڏنل آهي ۽ هاڻ جان جو دشمن ٿي پيو مان پنهنجي ئي گهر ۾ ٻي گهر ٿي ذهني تارچر برداشت ڪندي رهيس،پوءِ مون مجبور ٿي سهارو ڳولڻ شروع ڪيو ۽ گهر ڇڏي احسان ولد عبدالوهاب ڪلهوڙو سان شادي ڪئي آهي آئون اپيل ٿي ڪريان اعلا اختيارين کي ته مونکي تحفظ ڏنو وڃي، اسان مٿان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

مورو ۾ ورڪنگ ٽيچر اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اسان تعليم کاتي پاران ورتل امتحان پاليسين مطابق پاس ڪيا آهن:اميدوار

مورو (ن ع) آل سنڌ آءِ بي اي ايس ڪي ۽ جي اي ايس ڪي ورڪنگ ٽيچر سنڌ جي سڏ تي مورو ۾ ورڪنگ ٽيچر اميدوارن عبدالله کوسو عارف سولنگي اعجاز سهتو پرويز سومرو،زاهد گل عاشق راهوجو،فاروق ڏاهري عطاءُ الله بروهي،امجد زرداري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو،جي جي پ پ سرڪار جو شڪريو ادا ڪيو جن سندن مسئلن جي حل لاءِ چونڊيل نمائندن جي ڪميٽي مقرر ڪري سندن کي رليف ڏيڻ لاءِ سوچيو ۽ اميدوارن ڪميٽي ميمبرن کي التماس گزارش ڪئي ته اسان ڪئي بار تعليم کاتي پاران ورتل امتحان پاليسين مطابق پاس ڪيا آهن هاڻ او ايڇ ٿي چڪا پاليسي ۾ نرمي ڪري ڪائيم پيپر وڏائي ايس اين اي منظور ڪري چاليهه پلس پرٽيون مڪمل ڪيون وڃن اسين پنهنجي حقن لاءِ پر امن طور سڄي سنڌ ۾ سراپا احتجاج آهيون ۽ ڪڏهن خاموش نه ٿينداسين جيسين اسانکي آفر آرڊر جاري نٿا ڪيا وڃن اميدوارن صوبائي وزير ايجوڪيشن وزير اعلا سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي پرزور اپيل ڪئي ته جيئن اڳ ڪيمراڻي پيرا پاليسي ۾ نرمي ڪئي وئي اهڙي طرح وڌيڪ نرمي ڪري او ايڇ ٿيل ويٽنگ وارن سان انصاف ڪيو وڃي

بوزدارو ڊا: بيواهن پاران پاءُ ۽ پٽڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملي پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروائي،ٽي منشيات فروش گرفتار

ملي (د-ر)ملي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي ٽن منشيات فروشن مهيش مالهي، شنڪر مالهي ۽ جاجو ميگهواڙ کي گرفتار ڪري مٿن ملي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس موجب جوابدارن وٽان منشيات پڻ هٿ ڪئي وئي آهي

بوزدارو ڊا پرسان بيواهه ڀينرن پاران پاءُ ۽ ان جي پٽڻ خلاف احتجاج

ٻي جي گهر ۾ رهنديون آهيون ۽ هاڻي پاءُ ڪيئي ڇڏيو آهي:ممتاز خاتون

ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي:ماروي خاتون

بوزدارو ڊا (ن ع)بوزدارو ڊا پرسان ڳوٺ يارمحمد جسڪاڻي جي رهواسي ٻن يتيم بيوه ڀينرن ممتاز خاتون ۽ سندس ڀيڻ مسمات ماروي خاتون جسڪاڻي ميڊيا اڳيان پنهنجي پاءُ غلام شبير جسڪاڻي ۽ ان جي پٽڻ فقير محمد ذاڪر علي عبدالمجيد ۽ عبدالرزاق جسڪاڻي جي ظلمن ۽ زيادتين خلاف ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهيندي ٻڌايو ته اسان 2 بيوه ڀينرون آهيون ۽ ٻي جي گهر ۾ رهنديون آهيون ۽ هاڻي اسان جي بااثر ۽ ظالم پاءُ غلام شبير جسڪاڻي ۽ سندس پٽڻ فقير محمد ذاڪر علي عبدالمجيد ۽ عبدالرزاق جسڪاڻي سخت تشدد ڪري زبردستي ٻي جي گهر مان ڪيئي ڇڏيو آهي ۽ جڏهن گهر ۾ موٽنديون هيونسين ته ظالم پاءُ ۽ ان جا پٽ سخت تشدد ڪندا هئا هاڻي اسان دربدري واري زندگي پرائي گهرن ۾ پيون گذاريون ۽ اسان اهڙي درخواست ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي ٺري ميرواهه کي ڏنيون مگر هن وقت تائين انصاف نه مليو آهي.هنن آءِ جي سنڌ وزير اعلي سنڌ صوبائي گهرو وزير ڊي آءِ جي سکر،ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ان معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جي ظالم پاءُ ۽ ان جي پٽڻ خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان کي جان جو تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

هنگورجو هائوس کپرو ۾ پيپلز پارٽي ضلع سانگهڙ جي جنرل باڊي

صدارت علي حسن هنگورجو ڪئي،قرت العين مري ۽ جاويد ناياب لغاري شرڪت ڪئي

يونين ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تي پارٽي کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جو عزم ظاهر

کپرو(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع سانگهڙ جي جنرل باڊي، ضلعي تنظيم ۽ تعلقه توڙي سٽي سطح جي نامزد عهديدارن جو تعريفي اجلاس هنگورجو هائوس کپرو ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ضلعي صدر علي حسن هنگورجو ڪئي.اجلاس ۾ مهمان خاص مرڪزي اڳواڻ سينيٽر قرت العين مري ۽ جاويد ناياب لغاري شرڪت ڪئي.اجلاس دوران ضلع سانگهڙ جي نون چونڊيل عهديدارن جو تعارف ڪرايو ويو. تعارف کان پوءِ اجلاس ۾ مقررن پنهنجي خطاب ۾ پارٽي قيادت جا ٿورا مڃيندي يونين ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تي پارٽي کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو. هنن سنڌ حڪومت پاران ضلع سانگهڙ ۾ مڪمل ڪيل ۽ جاري ترقياتي منصوبن کي ساراهيندي چيو ته وڌيڪ ترقياتي ڪم سانگهڙ کي سنڌ جو ماڊل ضلع بڻايو ويندو اجلاس جي پڄاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ سنڌ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو.اجلاس ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو اطلاعات سيڪريٽري عمران ڏامراهه، ضلع ڪائونسل چيئرمين سيد رياض علي شاهه خراساني نويد ڏيرو معشوق چانڊيو راڳا راشد علي اسامه مري جاويد علي شورو ذوالفقار علي زرداري ،سيد خير شاهه گل محمد ڏاهري جام ظهير علي رئيس نادر مري راجا آفتاب لغاري. آصف رند .سيد سبطين شاهه شرڪت ڪئي

ايم پي اي پير مجيب الحق پاران پيارو اسٽيشن پريس ڪلب جو افتتاح

پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ باد پيش ڪيون ٿا:پير مجيب

شگر مل کي هلائي شهر کي مختلف اسڪيمون ڏئي شهر کي ٻيهر آباد ڪيو آهي

ککڙ (ن ع)ايم پي اي دادو ۽ ٻٽرسٽر پير مجيب الحق پيارو اسٽيشن پريس ڪلب جي ربين ڪٽي پريس ڪلب جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ضلع دادو جو انفارميشن سيڪريٽري مير صدام حسين بلهڙو تعلق ڪي اين شاهه جو پ پ پ صدر اعجاز احمد چانڊيو ممتاز علي جوڪيو پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز علي پنهور پ پ پ سٽي دادو جو صدر خالد ميراڻي، پ پ پ اڳواڻ سيف الله هنگورو پ پ پ ڊجيٽل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مير منور چانڊيو ۽ ٻين پيپلز پارٽي اڳواڻن شرڪت ڪئي.پ پ ضلع دادو صدر ۽ ايم پي اي دادو ٻٽرسٽر پير مجيب الحق ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسين پريس ڪلب جي چونڊيل آيل سڀني عهديدارن کي مبارڪ باد پيش ڪيون ٿا پيارو اسٽيشن دادو تعلقي جو آخري شهر آهي دادو شگر مل بند ٿيڻ ڪري لڏپلاڻ شروع ٿي هئي پر پيپلز پارٽي دادو شگر مل کي هلائي شهر کي مختلف اسڪيمون ڏئي شهر کي ٻيهر آباد ڪيو آهي جڏهن ته دادو هيٺيم جتوئي ڦاٽڪ کان ڏوڪري تائين ڊبل روڊ پڻ ڏنو آهي جيڪو پيارو اسٽيشن مان گذرندو جنهن سبب شهر کي هٿي ملندي پيارو اسٽيشن پريس ڪلب چار يونين ڪائونسلن تي مشتمل آهي جنهن سان علائقي واسين جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچندا جيڪو تمام سٺو بهتر عمل آهي انفارميشن سيڪريٽري صدام حسين بلهڙو چيو ته سياست ۽ صحافت سماج جا ٿنڀ آهن ان دوران ايم پي اي دادو ٻٽرسٽر پير مجيب الحق پريس ڪلب جي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي پريس ڪلب جو صدر وحيد پرڳڙي، نائب صدر آصف علي پنهور اطلاعات سيڪريٽري قربان شهباز پنهور خزانچي نبي بخش ملاح سرپرست اعلي جبل سنڌي، ڪامريڊ احمد چانڊيو ۽ ٻيا موجود هئا

ڪڪڙ: ايم پي اي پير مجيب الحق پاران پيارو اسٽيشن ۾ پريس ڪلب جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ گهر کي باهه ڏيڻ واري واقعي خلاف متاثرين پاران احتجاج

ڪنڌڪوٽ(ر ر)ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي حد فوڊ گدام لڳ گهر کي باهه ڏيڻ واري واقعي خلاف متاثرين احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ مسمات زليخان شيخ مسمات زلي شيخ . غلام قادر شيخ ۽ جان محمد شيخ معصوم ٻار ساڻ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا آڏو الزام لڳائيندي چيو آهي ته راجا سومرو، ڪفايت الله سومرو ۽ ڪجهه نامعلوم ماڻهو هٿيارن جي زور اسان جي گهر ۾ داخل ٿي گهر کي پيٽرول سان باهه ڏيئي ساڙي فرار ٿي ويا آهن .

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلاڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 27 اپريل 2026ع

دنيا جي رهنمائيءَ سان گڏ پنهنجي عوام جي حالتن تي به ڌيان ڏيو!

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تازي واڌ سڄي سنڌ سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ سخت ردعمل کي جنم ڏنو آهي، جيڪو رڳو هڪ معاشي مسئلو نه، پر سماجي ۽ سياسي بيچينيءَ جو به عڪس بڻجي ويو آهي. لاڙڪاڻو، بدين، سکر، جيڪب آباد ۽ وڳڻ جهڙن شهرن ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهرا ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته عوام هاڻي مهانگائيءَ جي وڌيڪ بار کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ وارو فيصلو عام ماڻهو لاءِ ڪنهن 'پيٽرول بم' کان گهٽ ناهي، جنهن نه رڳو سندن روزمره زندگيءَ کي متاثر ڪيو آهي، پر روزگار، واپار ۽ سماجي استحڪام کي به خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. لاڙڪاڻي ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جو احتجاج خاص طور اهم آهي، ڇاڪاڻ ته اهي سڌي طرح پيٽرول جي قيمتن سان لاڳاپيل روزگار رکن ٿا. جڏهن تيل مهانگو ٿئي ٿو ته سندن آمدني گهٽجي وڃي ٿي جڏهن ته خرچ وڌي وڃن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ هو نه رڳو پنهنجن گهرن جو خرچ پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا پر شهري ٽرانسپورٽ جو نظام به متاثر ٿئي ٿو. ساڳئي طرح بدين ۾ سماجي تنظيمن ۽ سکر ۾ واپارين جو احتجاج به حڪومت لاءِ هڪ واضح پيغام آهي ته معاشي پاليسيون زميني حقيقتن کان ڪٽيل نظر اچن ٿيون. سکر جي واپاري برادريءَ جو موقف وڌيڪ سنجيده آهي، ڇاڪاڻ ته صنعت ۽ واپار ڪنهن به معيشت جي ريڙهه جي هڏي هوندا آهن. جيڪڏهن پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ ٿيندي رهندي ته نه رڳو ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌندا، پر پيداواري لاڳت به وڌي ويندي، جنهن جو سڌو اثر شين جي اگهن تي پوندو. نتيجي طور مهانگائيءَ جو هڪ نئون طوفان ايندو، جيڪو اڳ ئي ڪمزور معيشت کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيندو. واپارين جو اهو خدشو بي بنياد ناهي ته اهڙين پاليسين سان صنعتون بند ٿيڻ جي خطري کي منهن ڏينديون ۽ بيروزگاريءَ ۾ اضافو ٿيندو. جيڪب آباد ۽ وڳڻ ۾ ٿيندڙ احتجاج پڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته هي مسئلو ڪنهن هڪ شهر يا طبقي تائين محدود ناهي پر سڄي سماج کي متاثر ڪري رهيو آهي. سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته حڪومت عوام جي حالتن کان بي خبر آهي ۽ مسلسل اهڙا فيصلا ڪري رهي آهي، جيڪي غريب طبقي لاءِ وڌيڪ ڏکيا ثابت ٿي رهيا آهن. اڳ ئي خوراڪ جون شيون مهانگيون آهن، بجلي ۽ گئس جا بل عوام لاءِ ناقابل برداشت بڻجي چڪا آهن ۽ هاڻي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان زندگيءَ جي هر شعبي تي اضافي بار پئجي رهيو آهي.

حڪومت جو موقف عام طور تي عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ عالمي حالتن، خاص ڪري آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ تڪرارن سان ڳنڍيو وڃي ٿو. بيشڪ عالمي سياست جو اثر توانائي جي مارڪيٽ تي پوي ٿو پر سوال اهو آهي ته ڇا حڪومت وٽ ڪو اهڙو متبادل يا حڪمت عملي موجود آهي، جنهن سان عوام کي رليف ڏئي سگهجي؟ جيڪڏهن عالمي حالتون ئي سڀ ڪجهه طئي ڪن ٿيون ته پوءِ مقامي سطح تي پاليسين جي اهميت ڇا رهجي وڃي ٿي؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت رڳو عالمي دباءَ جو جواز پيش ڪرڻ بدران اندروني معاشي سڌارن تي ڌيان ڏئي. پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي، متبادل توانائي ذريعن جي واڌاري ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي بهتريءَ جهڙا قدم کنيا وڃن ته جيئن عام ماڻهوءَ تي بار گهٽجي سگهي. ان سان گڏوگڏ، حڪمرانن کي عوام سان سڌي رابطي ۾ رهندي انهن جي مسئلن کي سمجهڻ گهرجي، ڇو ته پاليسين جي ڪاميابيءَ جو دارومدار عوام جي اعتماد تي هوندو آهي.

سينيئر صحافي ۽ اديب عبداش پنهور جي سار لهو!


غلام حسين خاصخيلي

سڄي زندگي سياست، ادب ۽ صحافت کي ڏيندڙ ناميارو سينيئر صحافي، اديب، قلمڪار، ليکڪ ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ محترم عبداش پنهور بيماريءَ سبب پنهنجي زندگيءَ جا ڏهاڙا پنهنجي اباڻي شهر دوڙ پرسان ڳوٺ دولو ۾ پنهنجي گهر گذاري رهيو آهي. کيس گلي ۾ ڳوڙهو ٿي پيو آهي. بيماريءَ سبب زندگي جا ڏهاڙا گذاريندي سنڌ حڪومت کي گهرجي ته عبداش پنهور جو ڪراچيءَ جي ڪنهن بهتر اسپتال مان علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي. عبداش پنهور ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وڏين وڏين اخبارن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. اڄ پنهنجي زندگيءَ جا ڏهاڙا بيماري سبب بيماري جي بستري تي گذاري رهيو آهي. حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳوڻي فنانس سيڪريٽري سينيئر صحافي سخي غلام حسين خاصخيلي، سماجي اڳواڻ استاد وزير لاکو ضلعي شهيد بينظيرآباد (نواب شاهه) جي تعلقي دوڙ جي تاريخي ڳوٺ دولو ۾ پهچي ناميارو صحافي اديب عبداش پنهور جي عيادت ڪندي سندس صحتيابيءَ لاءِ دعا ڪئي ۽ سندس پاءُ صحافي خادم حسين پنهور سميت سندس خاندان سان ملاقات ڪئي.

عبداش پنهور جي طبعيت ڪجهه ڏينهن کان وڌيڪ متاثر آهي. کيس نواب شاهه جي اسپتال ۾ به ڏيکاريو ويو آهي پر ڊاڪٽرن تجويز ڏني آهي ته هن کي ڪراچيءَ جي ڪنهن بهتر اسپتال مان علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي. عبداش پنهور موجوده وقت ۾ سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ صحافتي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو پر سندس طبعيت وڌيڪ خراب ٿيڻ ۽ غربت سبب ڪراچيءَ کان پنهنجي اباڻي گهر دوڙ شهر پرسان ڳوٺ ۾ بيماريءَ جي بستري تي پيل آهي. سنڌ حڪومت کي اپيل ڪريون ٿا ته سينيئر صحافي عبداش پنهور جو ڪراچيءَ مان سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي. سنڌ جو اطلاعات کاتو ۽ سنڌ جو ثقافت کاتو عبداش پنهور جي علاج ۾ ڪليل طور سندس سار لهن. عبداش پنهور سنڌ جو بهترين جاکوڙي صحافي ۽ ناميارو اديب ۽ ليکڪ آهي.

عبداش پنهور دوڙ جي تاريخي ڳوٺ دولو ۾ جنم ورتو. عبداش پنهور شروعاتي ٻارن جي تنظيم کان سياست جي شروعات ڪئي. ٻاڻ ساٿي ٻارڙا سنگت جو ميمبر ٿيو. جنهن بعد اڳواڻ ٿي ويو. ٻارن لاءِ بهترين پروگرام ڪرايا. ٻالڪ ميلا، ادبي ۽ ٻارن جي تقريري مقابلن وارا پروگرام ڪرايا. ٻاڻ ساٿي ٻارڙا سنگت سان هاءِ اسڪول جي زماني تائين سلهاڙيل رهيو. جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيو ته پاڻ ڊي ايس ايف جو اڳواڻ ٿي ويو. اهڙي طرح سياسي ميدان ۾ بهتر ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ ناميارا سياستدان ڪامريڊ جام ساقيءَ ڪراچيءَ کان ٺٽائين پيرين پنڌ مارچ شروع ڪيو ته ڪامريڊ عبداش پنهور به ساٿين پنڌ ۾ گڏ رهيو. ان پيرين پنڌ امن مارچ ۾ اڳئين (سخي غلام حسين خاصخيلي) منهنجو پاءُ غلام مصطفيٰ خاصخيلي منهنجي پيءُ به ان امن مارچ ۾ بابا سائين هاري اڳواڻ ڪامريڊ سخي محمد رمضان خاصخيلي سائين جي حڪم تي شامل ٿياسين. سنڌ جو سينيئر صحافي، اديب، ليکڪ ۽ سياستدان محترم عبداش پنهور سچو ساٿي آهي. موجوده وقت ۾ عبداش پنهور بيماري جي بستري تي پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي گهر ۾ موجود آهي. مون عبداش پنهور سان ملاقات ڪئي. سندس طبعيت پڇي ۽ کيس خاطري ڪرائي ته سڄي سنڌ توهان سان گڏ آهي. اسان توهان جي علاج لاءِ آواز بلند ڪنداسين. ڪوئي ته ڪو الله جو پيارو ڪراچيءَ مان علاج ڪرائڻ لاءِ مدد ضرور ڪندو. عبداش پنهور هميشه سچائيءَ سان صحافت، سياست ۽ ادب جي ميدان ۾ بيٺل رهيو آهي. جنهن سبب ان وٽ پئسي جي حوالي سان غربت آهي. ڪراچيءَ ۾ علاج لاءِ اسپتالن ۾ پئسن جي ضرورت پوي ٿي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته سرڪاري خرچ تي ڪراچيءَ جي ڪنهن بهتر اسپتال مان علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

والدين جي دل جي ڌڙڪڻ!

محترم صاحب، هڪ والدين طور مان گذريل شام لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز لمس ڄامشورو جي ڪانووڪيشن ۾ شرڪت ڪئي. مون کي انتهائي مايوسي ٿي ته سڄو پروگرام بي ترتيب هو ناقص منصوبابندي ٿيل هئي ۽ ڪمزور طريقي سان سرانجام ڏنل هو. دعوتي ڪارڊن لاءِ وڏي رقم ادا ڪرڻ باوجود، ڪانووڪيشن هال ۾ والدين لاءِ ويهڻ جو انتظام تمام محدود هو. ڪيترن ئي والدين کي جيڪي پنهنجن ٻارن جي ڪاميابي ڏسڻ لاءِ پري پري کان آيل هئا، دروازي تي ئي روڪي ٻيهاريو ويو ان کان علاوه اهو ٻڌائڻ به شرمناڪ آهي ته تقريباً هر والدين کي استقبال ۽ ويهڻ جي انتظام سنڀاليندڙ عملي طرفان بدتميزي ۽ بي ادبيءَ واري رويي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. ايوارڊ تقريب دوران، ايوارڊن جي ورهاست ۾ کليل اقرباپروري (نيپوٽزم) نظر آيو. ايوارڊ وائيس چانسلر جي ٻارن، عملي جي ٻارن ۽ سندن متن مائٽن کي ڏنا ويا، جڏهن ته حقدار شاگردن کي نظرانداز ڪيو ويو. ميرٽ کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو، جيڪا انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي. والدين سخت احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ، گورنر سنڌ، چيئرمين هائر ايجوڪيشن ڪميشن ۽ سنڌ جو يونيورسٽيز بورڊز وارو وزير فوري طور انهيءَ ناانصافي ۽ بي ضابطگين جو نوٽيس وٺن هن معاملي جي مڪمل، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ ملوث ماڻهن خلاف احتساب ڪيو وڃي جيڪي بدانتظامي، اقرباپروري ۽ ڪرپشن ۾ ملوث آهن. والدين اهو به مطالبو ڪيو آهي ته اهڙي قسم جي ميرٽ جي ڀڃڪڙي ٻيهر نه ٿئي، ان لاءِ سخت قدم کنيا وڃن تعليمي ادارن جي وقار کي هر حال ۾ برقرار رکيو وڃي.

مخلص/ هڪ متاثر والدين

مسلمان حڪمران گهڻو ڪري سيڪيولر ڇو؟


محمود شام

28 فيبروريءَ کان شروع ٿيندڙ بي رُخ جنگ ڪيترن ئي حقيقتن کي بي نقاب ڪيو آهي. مون کي هڪ بلڪل مختلف قسم جو تاريخي تجربو ٿي رهيو آهي ته غير مسلم عيسائي ٽوولڊ ٽرمپ جو آمريڪا ۽ يهودي رياست اسرائيل پنهنجن پنهنجن مذهبن سان وابستگيءَ جو کليل اظهار ڪري رهيا آهن. ٽرمپ جي ڳالهه ٻولهه، فوجي حڪمت عملي ۽ خاص ڪري وزير دفاع جا بيان سڀئي مسلمان ملڪن خلاف شدت پسند عيسائي بيانيي جي عڪاسي ڪن ٿا. جڏهن ته ايران کان سواءِ اڪثر مسلمان حڪمران پاڻ کي سيڪيولر ڏيکارين ٿا. ايران کي به ٻن غير مسلم ملڪن چين ۽ روس کان فوجي ۽ ٽيڪنيڪي مدد ملي رهي آهي. 57 مسلمان ملڪن مان گهڻا خاموش تماشائي بڻيل آهن 1969ع ۾ مسلمان ملڪن جي اتحاد، تحفظ، تعليم ۽ سائنسي ترقيءَ لاءِ ٺهيل تنظيم (او آءِ سي) مڪمل طور غير فعال لڳي ٿي. ان جي سيڪريٽريٽ مان روزانو ڪو به بيان جاري نٿو ٿئي، نه ئي پرڏيهي وزيرن جا اجلاس ٿي رهيا آهن.

دفاع وزارت جو ته ذڪر ئي ڪونهي. 57 اسلامي ملڪ گڏجي ڪو قدم کڻڻ کان ڇو لنوائي رهيا آهن؟ ڇا اهي آمريڪا يا اسرائيل کان ڊڄن ٿا؟ يا انهن مان گهڻن جي خواهش آهي ته فلسطيني اهڙي طرح خاموش، مجبور ۽ پابند ٿي رهن؟ ڇا ايران جي مسلڪ جي ڪري ٻيا اسلامي ملڪ ايران کي ڪمزور ڏسڻ چاهين ٿا؟ شايد ان ڪري به ته ايران اهو واحد اسلامي ملڪ آهي، جنهن اسرائيل خلاف فلسطينين جي مسلسل فوجي، مالي ۽ سياسي حمايت ڪئي آهي، هن شام، عراق ۽ لبنان ۾ پنهنجين حامي تنظيمون، خاص ڪري حزب الله کي مضبوط ڪيو آهي. موجوده جنگ ۾ به هو لبنان ۾ امن جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. جڏهن ته ٻيا اسلامي ملڪ نه لبنان جو ذڪر ڪن ٿا، نه ئي ٻن سالن کان غزه ۾ جاري اسرائيلي ظلم جي ڳالهين جو موضوع بڻائڻ چاهين ٿا.

ڪالهه آچر هو، پنهنجن ٻارن، پوٽن، ڏهٽين ۽ گهر ڀاتين سان گڏ ويهي ڳالهائڻ جو ڏينهن. گهڻا سوال هن جنگ بابت ٿي رهيا هئا ته: ڳالهين ۾ رڪاوٽ ڇو اچي ٿي؟ آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران هڪ ٻئي تي ايترو ظلم ڇو ڪري رهيا آهن؟ اسلامي ملڪ گڏجي جواب ڇو نٿا ڏين؟ اهي سوال رڳو پاڪستان ۾ نه، پر يورپ ۽ آفريقا ۾ به مسلمان گهرن ۾ پڇيا پيا وڃن اتي عيسائي مذهبي اڳواڻ پوپ جي دوري سبب مذهبي سچائپ وڌيڪ نمايان ٿي رهي آهي ۽ آفريقي عيسائي تمام جذباتي نظر اچن ٿا. اسان جا ٻار پڇن ٿا ته ڇا مسلمانن وٽ ڪو اهڙو کليل علمي مذهب ناهي، جيڪو سڄي دنيا جي مسلمان ملڪن جي مذهبي، معاشي ۽ سماجي حالتن جو جائزو وٺي؟ مسلمان پنهنجي مذهبي اصولن جي واڌاري ۽ عمل لاءِ گڏ ڇو ناهن؟ شدت پسند گروپن جهڙوڪ القاعده ۽ داعش جي ضرورت ڇو پيدا ٿئي ٿي؟ ڇا اهي واقعي مسلمان ناهي رهيا آهن يا آمريڪا ۽ اسرائيل جي سازشن جو نتيجو آهن؟ گذريل سال 21 جون 2025ع تي استنبول ۾ او آءِ سي جي اجلاس ۾ ايران تي اسرائيلي حملي جي مذمت ڪئي وئي پر آمريڪا جي سڌي مذمت نه ڪئي وئي.

مختلف ڪتابن، مضمونن ۽ رپورٽن جي مطالعي کان پوءِ بار بار مون کي اهو احساس ٿيو آهي ته مسلمان حڪمرانن جي وڏي اڪثريت آمريڪا جي مخالفت ۾ تمام گهڻي احتياط ڪري ٿي. انهن جي معيشت ۽ فوجي معاملن جون ڪنجيون به آمريڪا وٽ آهن. ان ڪري آمريڪا ڪوشش ڪندو رهي ٿو ته امير اسلامي ملڪن ۽ حساس جاگرافيائي حيثيت رکندڙ رياستن سان پنهنجا لاڳاپا بهتر رکي. انهن جي حڪمرانن جي واڪاڻ ڪري ۽ ابراهيمي معاهدي ذريعي اسرائيل کي تسليم ڪرڻ لاءِ راضي ڪري. ٽرمپ پنهنجي دور جا پهريان به سال انهيءَ ڪوشش ۾ گذاريا. انهن ئي سالن ۾ اسرائيل غزه ۾ 72 هزار کان وڌيڪ فلسطينين کي شهيد ڪيو، جن ۾ گهڻيون عورتون ۽ ٻار شامل هئا، جيڪا فلسطينين جي نسل کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ساڳئي وقت آمريڪا ايران تي حملا ڪري اتي به اهڙو ئي دٻاءُ وڌو. موجوده جنگ سبب غزه ۾ جاري ظلم تان ڌيان هٽي ويو آهي، حالانڪ اڄ به اتي روز فلسطيني ماريا پيا وڃن. آمريڪا ۽ يورپ هن وقت هن جنگ ۾ هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ نظر اچن ٿا پر او آءِ سي اندر اختلاف پيدا ڪرڻ ۾ برطانيا، فرانس ۽ جرمني به آمريڪا جو ساٿ ڏنو آهي. يورپي تجزيا نگارن مطابق او آءِ سي جا 57 ملڪ ٽن گروپن ۾ ورهايل آهن: هڪ طرف ايران، ٻئي طرف سعودي عرب، پاڪستان، ترڪي، مصر ۽ انڊونيشيا ۽ ٽين طرف نار جا ملڪ. آفريقي ملڪ پنهنجن مسئلن ۾ قائل آهن ۽ انهن ڏانهن ٻين اهم ملڪن جي گهڻي توجهه ناهي. گذريل سال آمريڪي صدر کي نار جي ملڪن دعوت ڏني، اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ آمريڪي فوجي اڏا به قائم ڪيا. لڳي ٿو ته آمريڪا ۽ نار جا ملڪ هن جنگ جي تياري سالن کان ڪري رهيا هئا. آمريڪا نيٽو کي به شامل ڪرڻ چاهيو پر يورپي ملڪن ويٽنام ۽ افغانستان جي تجربن کان پوءِ انڪار ڪري ڇڏيو اسپين ۽ اٽليءَ ته کُلي مخالفت ڪئي. هاڻي جنگ بندي دوران نار جي ملڪن جي خواهش لڳي ٿي ته ايران ڪمزور ٿئي پر حڪومت تبديل نه ٿئي ۽ آمريڪي تحفظ برقرار رهي. آبناءِ هرمز کُلي وڃي ته توانائيءَ جا مسئلا پيدا نه ٿين. ايران آمريڪي بحري ناڪابندي ختم ڪرڻ ۽ پابنديون هٽائڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهي، جڏهن ته آمريڪا يورينيم تي ڪنٽرول چاهي ٿو.

ايراني وفد پاڪستان، روس ۽ مسقط جي دوري تي پهتل آهي. پهريون اسٽاپ اسلام آباد هو. هو آمريڪي وفد سان سڌي ملاقات کان پاسو ڪري رهيو آهي پر ڳالهين جاري آهن، جيڪو سٺو سنڱوڻ آهي. منهنجي محدود سمجهه جوي ٿي ته جڏهن غير مسلمان پنهنجن مذهبن موجب متحرڪ ٿي رهيا آهن ته اسلامي ملڪ گڏ ٿي او آءِ سي ذريعي سفارتي ۽ معاشي دٻاءُ ڇو نٿا وجهن؟ ڇا مسلمان حڪمرانن جو سيڪيولر رويو ڪا حڪمت عملي آهي يا آمريڪا جو خوف؟ جيڪڏهن او آءِ سي جا ملڪ گڏ ٿي چين ۽ روس کان مدد وٺن ته ڇا آمريڪا ۽ اسرائيل جي ظلم جو وڌيڪ مضبوط مقابلو نٿو ڪري سگهجي؟

آمريڪا جي فضائن مان

هرمز جون بارودي سُرنگون، خالي ٿيندڙ هٿيارخانو ۽ اها جنگ جنهن جو ڪو انجام ناهي!

(حصو ٽيون ۽ آخري)

راجا زاهد اختر خانزاده

اها ڪاميابي ڪٿي آهي جنهن جو واعدو ڪيو ويو هو؟ اهو اثر ڪٿي آهي جنهن بابت چيو ويو هو ته اهو اسان تائين پهچندو ئي نه؟ جنهن بابت ٽرمپ CNBC تي چيو ته ان ۾ اهڙيون شيون هيون، جيڪي سٺيون نه هيون. اڄ ٽرمپ اوول آفيس ۾ اسرائيل ۽ لبنان جي سفيرن سان ملاقات ڪانپوءِ اسرائيل ۽ لبنان جي وچ ۾ جنگبنديءَ ۾ ٽن هفتن جي توسيع جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن سال ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مستقل امن قائم ٿيڻ جو قوي امڪان ظاهر ڪيو آهي. ٽرمپ چيو ته هو لبنان سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن اهو پاڻ کي حزب الله کان محفوظ رکي سگهي ۽ ايران کي حزب الله جي فنڊنگ روڪڻي پوندي ۽ G-20 سربراهي اجلاس بابت ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته جيڪڏهن G-20 سربراهي اجلاس ۾ روسي صدر شرڪت ڪري ٿو ته هو مددگار ثابت ٿيندو اهي سڀ اعلان انهن لڳ ته ڏسڻ گهرجن انهن کي گڏجي ڏسجي ته اصل تصوير سامهون اچي ٿي.

ايران جي هدف فهرست سمجهڻ لاءِ صرف فوجي زاويي کان نه پر معاشي زاويي کان ڏسڻ ضروري آهي Ras Laffan، قطر ۾ سليانو تقريباً 77 ملين ٽن ايل اين جي گئس يعني قدرتي گيس هينڊل ڪري ٿو جيڪو يورپ ۽ ايشيا جي توانائي سپلائيءَ جو لازمي حصو بڻيل آهي اهو ڪو به فوجي هدف ناهي اهو هڪ سول صنعتي ٺڪاڻو آهي سعودي عرب ايران تي حملو نه ڪيو. گذريل عرب امارتن نه ڪيو قطر صرف امريڪي اڏا رکي ٿو ۽ خود هن جنگ کان پري رهڻ چاهي ٿو مگر ايران انهن ٺڪاڻن جي اهم ترين معاشي مرڪزن کي نشانو بڻائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ايران جو پيغام صاف آهي ته اسان امريڪا سان وڙهي رهيا آهيون. مگر ان جي قيمت توهان ادا ڪندا اها روايتي فوجي ويڙهه ناهي بلڪ هيءَ اقتصادي جنگ طرف هڪ سوچيل سمجهيل قدم آهي ۽ وال اسٽريٽ جرنل رپورٽ ڪيو آهي ته سعودي عرب امريڪا تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي ته اهو پنهنجي پاليسي بدلائي چو ته امريڪا جا قدم ايران کي ڪمزور ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ خطرناڪ بڻائي رهيا آهن هن هدف فهرست جو هڪ ٻيو پهلو به آهي جيڪو اڪثر نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو آهي ايران جي اندروني تقسيم اها ٻارهن هدفن جي فهرست محض ٻاهرين دشمن کي پيغام ناهي هي ايران جي اندروني طاقت جي توازن جو به اظهار آهي ايران ۾ هن وقت به گروپ آمهون سامهون آهن هڪ جيڪو مذاڪرات چاهي ٿو ۽ هڪ جيڪو فوري ۽ فيصلاڪن ڪارروائي چاهي ٿو اهو هدف فهرست سخت گير عناصرن جو اعلان آهي ته اهي اڃا به ميدان ۾ آهن ۽ انهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ٽرمپ ايران کي شديد طور تقسيم شده چيو ۽ هن پيري هو غلط ناهي مگر هو اهو نه ٿو ٻڌائي ته هي تقسيم اصل ۾ امريڪي پاليسي کي وڌيڪ مشڪل بڻائي ٿي پر آسان نه.

چين هن جنگ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽن طريقن سان فائدو وٺي رهيو آهي تيل جي قيمت وڌڻ سان ان جي پنهنجي توانائي ذخيرن جي اسٽريٽجڪ اهميت وڌيڪ وڌي رهي آهي امريڪا جا فوجي ۽ ملي وسيلا هن جنگ ۾ ضايع ٿي رهيا آهن جڏهن ته چين بنا رڪاوٽ پنهنجي معاشي توسيع جاري رکيو آهي ۽ عالمي توانائي مارڪيٽ ۾ ان جي پوزيشن مسلسل مضبوط ٿي رهي آهي سڀ کان حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته ايران جون تيل برآمدات گهٽ نه پر وڌي رهيون آهن چو ته چيني ٽينڪرز، متبادل رستن ۽ ليبلنگ جي ذريعي تيل خاموشيءَ سان وڪرو ٿي رهيو آهي امريڪا هن تي سخت ڪارروائي نه ٿو ڪري ۽ اها ڪا نظرانداز نه آهي بلڪ هڪ سوچيل سمجهيل اسٽريٽجڪ فيصلو لڳي ٿو جنهن جون شرطون امريڪي عوام کي ٻڌايون نه ويون آهن هاڻي ٽرمپ جي انهن قدمن کي گڏجي ڏسون جيڪي هن ڪنيا آهن اوول آفيس ۾ اسرائيل ۽ لبنان جي سفيرن سان ملاقات، جنگبنديءَ ۾ ٽن هفتن جي توسيع ۽ ايران کان حزب الله جي فنڊنگ روڪڻ جو مطالبو اهي سڀ بظاهر امن جي طرف وڌندڙ اشارا آهن مگر جڏهن انهن کي War Powers Resolution جي آئيني حد، جيڪا صرف هڪ هفتي ۾ اچڻ واري آهي وڌندڙ ذخيري خرچن ۽ عوامي بي اعتمادي جي پسمنظر ۾ ڏسجي ته اهي امن جو تقشو گهٽ ۽ هر طرف کان آيل دٻاءَ کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش وڌيڪ لڳن ٿا، ته ڪي امن جو حتمي تقشو.

هن هفتي هڪ اهڙو واقعو به سامهون آيو، جيڪو ايترو عجيب آهي ته يقين ڪرڻ مشڪل آهي مگر مڪمل طور حقيقت آهي ۽ اهو هن انتظاميه جي سفارتي سوچ بابت هڪ تمام اهم اشارو ڏئي ٿو امريڪي حڪومت جي هڪ نمائندي FIFA کي چيو ته 2026ع ورلڊ ڪپ ۾ ايران جي جڳهه اٽليءَ کي شامل ڪيو وڃي چو ته جاگرافيائي سياسي ويڙهه آهي ۽ شايد ان طرح اٽليءَ جو وزيراعظم جارجيا ميلوني سان تعلقات بهتر ٿي وڃن خاص طور تي ايران جنگ تي ٽرمپ جي پوپ ليو XIV سان کليل جهيڙي ڪانپوءِ ايران پنهنجي قومي فٽبال ٽيم جي ذريعي سالن جي محنت، باقاعدي مقابلن ۽ جائز qualification process جي ذريعي ورلڊ ڪپ ۾ جڳهه ناهي هٿي هن جا رانديگر نه سرڪاري اهلڪار آهن نه فوجي ڪمانڊر نه پاليسي ساز بلڪ صرف رانديگر آهن. جن اهو مقام پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان حاصل ڪيو هو بل ڪلنٽن پنهنجي پوري عوامي زندگيءَ ۾ سفارتي مذاڪرات ڏنا آهن

پينٽاگون زخمي فوجين کي ايران جنگ جي casualty lists مان هٽائي رهيو آهي يعني casualties ڳڻڻ جو طريقو بدلائي رهيو آهي ان رپورٽ ان کي cover-up جو classic example چيو پينٽاگون هن مخصوص رپورٽ تي اڃا تائين باقاعدي جواب نه ڏنو آهي ۽ مان اهو ثابت ٿيل حقيقت طور نٿو چوان ته اها cover-up آهي مگر ايترو ضرور چوندس ته جڏهن حڪومتون اهڙين جنگين ۾ الجهن ٿيون، جيڪي منصوبي موجب نه هلي رهيون هجن جڏهن timeline چار هفتن کان وڌي ڪوبه time frame نه ٿئي جڏهن هڪ ٽيون precision missiles ختم ٿي وڃن ۽ جڏهن سرنگون گيس جون قيمتون معاهدي ڪانپوءِ به ڇهه مهينا تائين مٿي رکن ته casualty numbers کي manage ڪرڻ جي temptation هميشه موجود هوندي آهي هر خاندان سچ جو حق رکي ٿو ڪانگريس جو فرض آهي ته اهو جواب طلب ڪري، هيءَ اهوئي صدر آهي جنهن چيو هو ته جنگ چار ڪان پنج هفتا هلندي اهوئي اهو صدر آهي جنهن 9 مارچ تي چيو ته جنگ گهڻي حد تائين مڪمل ٿي وئي آهي امريڪا سيزفائر وڌائي رهيو آهي ۽ وقت خريد ڪري رهيو آهي. جڏهن ته هڪ طرف War Powers Resolution جي آئيني ڊيڊ لائين هڪ هفتي ۾ اچڻ واري آهي ۽ ٻه سو ارب ڊالرن جو فوجي بل اڳ آهي ايران هدف وڏائي رهيو آهي ۽ سرنگون وجهي چڪو آهي جيڪي جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به ڇهه مهينا تائين اثرانداز رهنديون چين خاموش رهي سڀ کان وڌيڪ فائدو وٺي رهيو آهي ذخيرو گهٽجندو پيو وڃي ۽ THAAD interceptors گهٽ ٿيندا پيا وڃن 70 سيڪڙو امريڪي معاشي پاليسين تي بي اعتماد آهن 67 سيڪڙو صدر جي ڪارڪردگي کان مطمئن ناهن ۽ مڊٽرم اليڪشن ويجهو اچي رهيا آهن هڪ عام امريڪي شهري پمپ تي بيهي هڪ خاموش سوال پڇندو، اها ڪاميابي ڪٿي آهي جنهن جو واعدو ڪيو ويو هو؟ اهو اثر ڪٿي آهي جنهن بابت چيو ويو هو ته اهو اسان تائين پهچندو ئي نه؟ امريڪي عوام هن سان راضي نه هو اها ڪاميابي ڪٿي آهي جنهن جو واعدو ڪيو ويو هو؟ اهو اثر ڪٿي آهي جنهن بابت چيو ويو هو ته اهو اسان تائين پهچندو ئي نه؟

سکر جرڳو: ڇا ڏريون ڏاهه تي عمل ڪنديون؟


ايڊووڪيٽ عبدالله چڇڙ

عدالتي حڪمن موجب جرڳن مٿان پابندي هجڻ ڪانپوءِ پاڻ انهن جرڳائي چڱن مڙسن کي نه رڳو برادرين جا سردار پر اتي جرڳو ڪندڙ حڪومت جو حصو ذميوار ماڻهو اهڙن عدالتي حڪمن جي ابتڙ هلندي گذريل ڪجهه عرصي کان ميڊيا جي زينت بڻيل آهن. ميڊيا تي سامهون آيل خبرن موجب نه گهوٽڪي ضلعي سان تعلق رکندڙ ست تڪراري ڌرين جو سرڪٽ هائوس سکر ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهي ۾ شر ڪوش، سيلرا، سولنگي، چڇڙ، مهر ڀٽا برادري کي گهرائي مجموعي برادرين جي چڱن مڙسن جي شرڪت ڪانپوءِ اهو جرڳو پ پ ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر، ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي، شهريار شر، سردار امير بخش ڀٽو ڪشمور ضلعي ڪائونسل چيئرمين گل محمد جکراڻيءَ سميت گهوٽڪي ضلعي جي اهم ذميوار ۽ چڱن مڙسن شرڪت ڪئي. جرڳي جو مرحلو مسلسل 3 ڏينهن تائين جاري رهڻ ڪانپوءِ مڙني ڌرين مٿان مجموعي طور 84 خون ۽ 79 زخمين جو عيوضو 30 ڪروڙ 55 لک روپيا مقرر ڪيو ويو. جيڪي تڪراري ناهه ڪندڙ ڌريون هڪ ٻئي کي ڏنڊ يا ڇٽي طور پري ڏينديون. جرڳي ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته اهڙي مقرر ٿيل رقم ڌريون هڪ ٻئي کي ٽن قسطن ۾ ادا ڪنديون. جڏهن ته جرڳي ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته مجموعي ڌرين جون جيڪي چوريون وغيره ٿيل آهن. انهن بابت هڪ ڪاميٽي ناهي وٺي جيڪا جاچ ڪري ازالو ڪندي. يقيناً ڳالهه بهتر آهي. جنهي ٻن ڌرين کي ناهڻ ۾ نه رڳو معاشري خاص طور تي انهيءَ ضلعي ۽ علائقن ۾ امن قائم ٿيندو پر جيڪڏهن ناهه ڪندڙ ڌريون اڄ هيڏو وڏو جرڳو ڪرائي، جنهي ڪروڙين روپيا خرچ به آيو هوندو ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي ۽ سندن اولاد جي مستقبل لاءِ بهتر سمجهندا هجن ته پوءِ ضرور انهن کي پنهنجون انائون ڇڏي اهڙي ڪيل فيصلي مٿان عمل ڪرڻو پوندو. جرڳو نه صرف گهوٽڪي ضلعي جي ڪنهن هڪ فرد ذميوار جي خواهش آهي پر آيل خبرن موجب نه جيڪي به تڪراري ڌريون ذڪر ڪيون پيون وڃن، تن جا چڱا مڙس به اتي موجود هئا.

منهنجي ذاتي ڄاڻ موجب گهوٽڪي ضلعي جي پنجن تعلقن اوٻاڙو، ڏهرڪي، ميرپور ماٿيلو، خانپور مهر ۽ گهوٽڪيءَ ۾ جتي ذڪر ڪيل ڌرين جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيڪي اڪثر طور مختلف تعلقن جي ڪچي واري علائقن ۾ رهن ٿا. انهن ڌرين کان علاوه، جيڪڏهن اڃان وڌيڪ تڪراري ۽ آتان جي ماحول کي خوفزده جو سبب بڻيل جيڪو شر ۽ ڏهر تڪرار آهي. خبر ناهي ته پوتارن انهن ٻن سياسي ذميوارن کي اهڙي فيصلي واري ميز تي ڇو ڪونه ويهاريو؟ اهڙي ريت جيڪڏهن هتي سندراڻي، ساوند، چاچڙ جاگيراڻي ڌرين جو به ذڪر نه ٿو وساري سگهجي. تن ڌرين پاران به ڪيترائي ناحق ڪونٽر ڪهي وڏي تاريخي تباهي ۽ بربادي ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن ست برادرين جو فيصلو يا جرڳو ڪرايو ويو آهي ته پوءِ انهن سياسي پوتارن ۽ ميرپور ماٿيلو ۽ گهوٽڪي جي ڪچي جو امن تباهه ڪندڙ انهن ڌرين کي ڇو ناهه لاءِ آماده نه ڪيو ويو؟ حالانڪ پاڻ کي ياد هوندو ته ساوند ۽ سندراڻي برادريءَ وچ ۾ ناهه به ٿيو هو جتي پروفيسر اجمل ساوند ۽ هڪ وڪيل جي شهيد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اهڙو فيصلو انهيءَ سرڪٽ هائوس سکر ۾ ٿيو هو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ ناهه ٿيڻ ڪانپوءِ وري هڪ ڀيرو ٻيهر ڌريون هڪ ٻئي جون قاتل بڻجي ويون هيون. هتي اهو به نه وسارڻ گهرجي ته ماضيءَ ۾ سردارن يا پوتارن، جيڪي وڏا وڏا جرڳا ڪيا ۽ فيصلا ڪيا ويا پر ڌرين پنهنجون انائون ڪونه ڇڏيون. هتي آئون هڪ دفعو ٻيهر به اهو ئي چوندس ته ناهه ڪرڻ ۾ الله سائين به راضي آهي پر شال تڪراري ڌريون ڪنهن هيڏي وڏي عمل جو احترام ڪن! هتي جيڪڏهن مجموعي طور ڏسجي ته نه رڳو گهوٽڪي ضلعي ۾ تڪرارن ڪانپوءِ ماحول بگڙيل رهيو آهي پر ساڳئي وقت سکر شڪارپور، ڪشمور ڪنڌڪوٽ هن وقت قبيلائي جهيڙن جي ور چڙهڻ ڪانپوءِ هر طرف ماڻهو هٿيارن جي پهرن ۾ زندگيون گذارين ٿا. شڪارپور جي هاءِ پروفائل تڪرار جتوئي ۽ مهر وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان جهيڙو هلندو آهي. هن وقت تائين اڻ ڳڻيا انسان نه گڏوگڏ اربين روپين جو معاشي نقصان ٿيو آهي. حالانڪ هن تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ نه رڳو هاڻوڪن سردارن چڱن مڙسن ڪوششون ورتيون پر ڪيترائي پيرا سردار خادم حسين جتوئي پاران ناهه لاءِ ويهڪون ٿيون يا ڳالهيون ناهه جي ويجهو اچڻ ڪانپوءِ ڪنهن نه ڪنهن ڌر پاران حملو ڪري سي ڳالهيون لڏ متي ڪيون ويون. اهڙي ريت جيڪڏهن مدنجي جي جوڻيجن ۽ ڪٽپرن جو هتي ذڪر ڪجي ته مال جي پيل تان شروع ٿيل تڪرار ۾ هن وقت تائين ڪيترين ئي جانيون موت جي منهن چڙهيون آهن ساڳئي ريت تيغاڻي ۽ بجاراڻي برادري وچ ۾ ڪافي سالن کان تڪرار به هلندڙ آهي. انهن ڌرين کي ناهڻ لاءِ جيتوڻيڪ مختلف وقتن تي ڪوششون به ورتيون ويون پر اتي هاڪاري ڪردار نظر نه اچڻ ڪانپوءِ هن وقت سي ڌريون هڪ ٻئي خلاف ڪات ۽ ڪهاڙا ڪڍي بيٺل آهن. حالانڪ ڏٺو وڃي ته اهي تڪراري ڌريون هڪٻئي جي آمهون سامهون رهندڙ هجڻ ڪانپوءِ ڪنهن به ڌر جي چڱي مڙس پاران ڪو خاطر خواهه ڪردار ادا نه ڪيو آهي.

ساڳئي ريت جيڪڏهن ڪشمور ضلعي جو ذڪر ڪجي هتي ته ڌرين جو قانون ئي پنهنجو آهي ته ساڳي وقت انهن تڪراري ڌرين جا پوتار به پنهنجو فيصلو پاڻ ڪندڙ آهن ماضيءَ ۾ وجهو ته هتي اوڳاهي تيغاڻي تڪرار، جيڪو مال چوريءَ تان شروع ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ سئو جي لڳ ڀڳ ٻنهي ڌرين مان انساني جانيون موت جي منهن چڙهيون مختلف وقتن تي تڪراري ڌرين وچ ۾ ناهه به ٿيو پر اڳتي هلي ڌريون هڪ ٻئي جون دشمن بڻيل آهن. هتي ان تڪرار کي ختم ڪرائڻ لاءِ ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن جو هاڪاري ڪردار ڏسجڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. هڪ چوڻيءَ موجب ته "هريل جو هير توڙي وينس پير ته مڙي ڪونه" هتي به ائين ئي پاڻ ڏسندا پيا اچون. جتي مختلف وقتن تي مٿي ڄاڻايل چڱن مڙسن توڙي انهن مرحوم سردارن پاران تمام ڌرين جا فيصلا ڪيا ويا هئا پر ڪجهه ئي وقت ڪانپوءِ ساڳيا لاڻون ته ساڳيا چڳهه وارو ڪم شروع ٿي ويو. هتي ڳالهه سمجهڻ لاءِ تمام ضروري آهي ته اهو تازو ڪيل جرڳو، جنهي گهوٽڪي ضلعي جي ست تڪراري ڌرين وچ ۾ ناهه جون ڳالهيون ٿيون آهن ۽ انهن مٿان جيڪا ڏنڊ جي رقم لڳائي وئي آهي، منهنجي خيال موجب سا رقم نه اتي ۾ لوڻ برابر به ڪونه آهي ناهه ڪندڙ چڱن مڙسن جو اهو به خيال ضرور هڪ فڪر جو لمحو هوندو ته ڪنهن به نموني سندن ناهه لاءِ راضي ڪجي، چو ته جيڪڏهن ڪنهن ڌر مٿان وڌيڪ ڏنڊ وجهبو ته هو ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ به ناهه جي ڀڃڪڙيءَ جو سبب بڻجي ٿو. بهرحال تازو ٿيل جرڳو جيتوڻيڪ عدالتي حڪمن جي ابتڙ واري عمل جي ضرور عڪاسي آهي پر هتي اهو به چيو پيو وڃي ته ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ حڪومت جي ذميوارن پاران اترسنڌ جي مڙني ضلعن ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال ڪانپوءِ مقامي سردارن کي چيو ويو هو ته ڪچي جا ڌوهاري پوليس کان نه هوڻڻ ڏاڍا آهن پر هاڻ انهن کي قابو ڪرڻ لاءِ جرڳا ڪوٺائي امن امان بحال ڪرايو وڃي، جنهن سان پڪي وارن علائقن مٿان به بهتر اثر پوندو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

لَهَرِ مُڙوِئي لالَ، وَهَڻَ ڪَٿُوريانِ وِتَرو،
اوِيارا عَنبيرَ جا، جَرَ ۾ اَڃَنِ جَالَ،
ڪَنِ گهڙي ڪالهه، سِڪَ پِريان جي سُوهَڻي.

لَهَر = ڇولي، موج / مڙوئي = هر هڪ، سموري، سڀڪا / لال = ڳاڙهي، پر هتي ياقوت، لال ۽ مرجان مراد آهن / وهڻ = درياهه، واهڙ / ڪٿوريان = ڪٿوري، خوشبودار ٻوٽو جنهن جي سرهاڻ ٽرلي ٿئي ٿي / وترو = زياده، وڌيڪ، گهڻو / اويارا = هبڪار، هڳاءُ / عنبير = خوشبودار پسارڪو وکر جو رنگ جو ڳاڙهو ٿئي ٿو (مرتب. ڀانڀهون خان شيخ)

محبوب جي چاهه ۾، معشوق جي عشق ۾ عاشق لاءِ طلبگار لاءِ ان سان نسبت رکندڙ هر شئي، هرلقاءُ سڀ کان وڌيڪ ۽ الڳ اهميت رکندڙ هوندو آهي تيئن سوهڻيءَ لاءِ پنهنجي محبوب، پنهنجي معشوق ميهار ڏانهن ويندڙ درياهي رستا به الڳ اهميت رکن ٿا. جن جي واکاڻ هوءَ (سهڻي) پنهنجي سرتين پنهنجي جيڏين کي ٻڌائي ته "مون لاءِ درياهه جون هي لهرون هي ڇوليون ڳاڙهن هيرن، لال جواهرن ۽ ياقوتن (تمام مهانگا ۽ قيمتي پٿر) جي برابر آهن درياهه جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ جا سرهاڻ آهي جيڪا خوشبوءِ آهي سا نه ڪٿوريءَ کان به گهڻو وڌيڪ لطف، خمار ۽ سُرور ڏيندڙ آهي درياهه جي اونهي پاڻيءَ ۾ نه زعفران جا هبڪار ۽ هڳ تمام گهڻا ۽ جام آهن هيءُ پيار جي هڪ ڪيفيت ڪملي آهي جا طلب کي پنهنجي مطلوب لاءِ جان لٽائڻ کان پوءِ حاصل ٿيندي آهي آخري سٽ ۾ لطيف سائين تصديق ڪندي ٻڌائي ٿو ته برابر انهن ئي گردابن (ڪُنن) مان سڪ وند سهڻي ڪالهه يعني ڪڏهوڪو ڪيترائي پيرا گهڙي پنهنجي پنهنجي ميهار سان ملي ٿي" پيار مقدس امانت آهي اهو ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو پر ان جي پالنا ڏاڍي ڏکي آهي جيڪا اڄ جي مشيني ۽ صارفين جي دؤر ۾ ٿي نه ٿي سگهي..

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن - 27 اپريل

علامه مستانو سيوهاڻي



اڄ مشهور ليکڪ علامه مستاني سيوهاڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. هو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ پياري واهڻ ۾ 12 مئي 1947ع تي ڄائو. سندس پورو نالو رحمت الله ولد محمد صديق ابڙو هو. هن بي اي (آنرس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪئي. هو خاص طور تي پنهنجي مزاحيه لکڻين جي ڪري مشهور هو. هن جا ڪيترائي شعر، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۾ ڇپيا. موسيقيءَ جي به ڄڳي ڄاڻ هئس. سندس هڪ ناول "هير جي ڊنگهري" شايع ٿي چڪو آهي. هن 27 اپريل 1982ع تي وفات ڪئي.

ڪرشنا ڪريلاڻي

ڪرشنا ڪريلاڻي پنهنجي دور جو مشهور فريڊم فائيٽر نامور وڪيل ۽ مڃيل سياستدان هو. هن جو جنم 29 سيپٽمبر 1907ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪيائين ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. اڳتي هلي لنڊن مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. وطن واپس ورڻ کان پوءِ پهريائين ڪراچيءَ ۾ ۽ ان کان پوءِ لاهور ۾ وڪالت ڪيائين. لاهور ۾ وڪالت دوران هن انگريزن خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو جنهن ڪري کيس انگريز سرڪار گرفتار ڪري ورتو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل وسوا ڀارت يونيورسٽيءَ ۾ 1933ع کان 1946ع تائين ليڪچرار طور ڪم ڪيو. 1946ع ۾ کيس انڊين نيشنل ڪانگريس جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1954ع ۾ هندستان جي ساهتيه اڪيڊميءَ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ 1971ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. ان بعد هن نيشنل بڪ ٽرسٽ ۽ انسٽيٽيوٽ آف اڊوانسڊ اسٽڊي شملي جي سرواڻ طور ذميداريون سنڀاليون. هو 1974ع کان 1980ع تائين راڄيه سڀا جو ميمبر پڻ رهيو. هن رابندرناٿ ٽئگور ۽ مهاتما گانڌيءَ جي زندگيءَ تي شاندار ڪتاب پڻ لکيا. هن 27 اپريل 1992ع تي لاڏاڻو ڪيو.

مختيار اٽڙ

شخصيت جو جنم 1872ع ڌاري ڪراچيءَ جي هڪ گجراتي ميمڻ خاندان ۾ ٿيو. اڃا ڇئن سالن جو مس هو جو سندس والد هارون ميمڻ وفات ڪئي. ان ڪري هن جي پرورش سندس ماءُ حنيفه ٻائيءَ جي هٿن ۾ ٿي. سندس ماءُ کيس ڪراچيءَ جي هڪ گجراتي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وهاريو پر غربت سبب فقط ٻه ٽي درجا پڙهي سگهيو. هن ٻالڪپڻ ۾ ئي مختلف دڪانن تي نوڪريون ڪري پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻ ۾ مدد ڪئي. لاڳيتي محنت ۽ جدوجهد سان آهستي آهستي هن ڪاروبار ۾ ترقي ڪئي ۽ اڳتي هلي هو ڪراچيءَ جي ڪامياب ڪاروباري



شخصيتن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن 1901ع ڌاري سياسي سرگرمين ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيو. هن جدوجهد آزاديءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. خلافت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ سميت ديس جي آزاديءَ لاءِ اٿندڙ هر تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. 1913ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1919ع ۾ سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جو صدر مقرر ٿيو. بعد ۾ کيس مرڪزي خلافت تحريڪ جو صدر مقرر ڪيو ويو. 1920ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جو صدر مقرر ٿيو ۽ عمر جي آخري حصي تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. هن 1920ع ۾ مشهور سنڌي اخبار "الوحيد" جاري ڪئي. هن اخبار سنڌ جي مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ڪراچيءَ جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا. ڪراچيءَ جي ڪڏي مارڪيٽ ۾ جامع اسلاميه ۽ يتيم خانو قائم ڪيائين. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڪاليج، مدرسا ۽ مسجدون وغيره تعمير ڪرايائين. هن مرد مجاهد 27 اپريل 1942ع تي وفات ڪئي.

الشعراءِ سنڌ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن 23 اپريل 1974ع تي هي جهان ڇڏيو.

سرور ڪيريو



اڄ مشهور ليکڪ سرور ڪيريو جي جنم جو ڏينهن آهي. سرور ڪيريو 27 اپريل 1977ع تي تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ ولي محمد ڪيريو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو غلام محمد ڪيريو هو. تاج جويو ۽ ٻين اديبن جي صحبت کيس اديب بڻايو. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ هن جي شاعري ۽ نثري مواد مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندو رهيو. هن سجاڳي مئگزين جي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ميمبر هو ۽ انهيءَ سنگت جي سڪرنڊ شاخ جو سيڪريٽري رهيو. تاريخ 16 مارچ 2010ع تي وفات ڪيائين.

پوڄا وزيراڻي



اڄ هندستان جي مشهور گائيڪا ۽ ٽي وي پروگرامن جي ميزبان پوڄا وزيراڻيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هوءَ اڄوڪي ڏينهن تي احمدآباد ۾ ڄائي. هن هندستان جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ هڪ پروفيشنل ڳائڻيءَ طور پنهنجي فني سفر تي روان دوان آهي. ڳائڻ سان گڏ هڪ ڪاروباري ڪمپنيءَ ۾ سيلز وومين ۽ ايڊمن طور به ڪم ڪري رهي آهي. هن جا ڳايل سنڌي لوڪ گيت ۽ صوفيانا ڪلام ڪافي مشهور آهن. هوءَ ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ مختلف سنڌي پروگرامن جي ميزباني به ڪري چڪي آهي.

سيٺ حاجي عبد الله هارون

اڄ مشهور ڪاروباري ۽ سماجي شخصيت ۽ تحريڪ آزاديءَ جي اهم ڪردار سيٺ حاجي عبد الله هارون جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن انمول

نواب غلام محمد خان

نواب غلام محمد خان سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين جو قادرالڪلام شاعر هو. هن جو جنم 27 اپريل 1790ع تي سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ اپيور ۾ ٿيو. هڪ سرنديءَ واري خانداني سان واسطو هجڻ سبب سندس تعليم ۽ تربيت جو بهترين انتظام ڪيو ويو. فارسي ٻوليءَ تي خاص عبور حاصل هئس. سندس ڪلام جو نمونو ڊاڪٽر عابد لغاريءَ جي ڪتاب "نواب خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون" ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب "ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري" ۾ ڏنل آهي. هن جو فارسي ڪلام "ديوان غريب" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن 9 جمادي الثاني 1279هه تي وفات ڪئي.

اسحاق هالائي

اڄ مشهور شاعر اسحاق هالائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو حاجي محمد اسحاق ميمڻ هو ۽ 27 اپريل 1899ع ۾ هالا ۾ تولد ٿيو. هو سنڌيءَ سان گڏ فارسي، عربي ۽ هندي ٻولين جو وڏو ماهر هو. هو هڪ بهترين شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا "مارئيءَ جا آلاپ ڏينهن راتين ۾"، "شيرين ڪلام عرف جذبات اسحاقيه" ۽ "نواءِ فراق" ڇپجي پڌرا ٿيا. هن 31 آگسٽ 1947ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

عبدالفتاح عبد عاقلي

عبدالفتاح عبد عاقلي غزل جو مشهور شاعر هو. اڄ سندس جنم جو ڏينهن آهي. هو 27 اپريل 1907ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. عمر جو گهڻو حصو خانگي ملازمت ڪندي گذاريائين. ڪجهه عرصو هفتيوار سنڌ زميندار اخبار جو سب ايڊيٽر ۽ هفتيوار اخبار "پاڪستان" جو ايڊيٽر رهيو. هو بزم مشاعره لاڙڪاڻو سنڌي سڌار سوسائٽي سنڌ ۽ جيعت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ V ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سائره ڌيءِ قمرالدين ذات نظاماڻي رهندڙ گهر نمبر 60 محلا گلشن فيض ٽنڊو محمد خان .پلينٽف... بخلاف ... شفيق احمد ولد ظفر علي ذات نظاماڻي رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو قيصر ضلعو حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ V ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ 45 نمبر سال 2026

مسمات منظوران زال ڪبير ماڇي رهندڙ گهر نمبر B-300 عمار سٽي دادو روڊ مورو ٽائون .پلينٽف... بخلاف ... ڪبير ولد احمد ذات ماڇي رهندڙ ڪوراڻي محلا نزد اوڊ ڪالوني مورو ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ 27 نمبر سال 2026

مسمات شاني ڌيءِ محمد اڪرم ذات سولنگي رهندڙ مالهي ڪالوني تعلقو ايچ بي ايم ضلعو ميرپورخاص .پلينٽف... بخلاف ... غلام نبي ولد صادق ذات بروهي رهندڙ شاهنواز چوڪ مال پڙي ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ 135 نمبر سال 2026

(1) مسمات پونم ڌيءِ سهيل احمد (2) عليشبا ڌيءِ رياض حسين (عمر 9 سال) رهندڙ سول اسپتال نزد اسٽاف ڪالوني نوابشاهه .پلينٽف... بخلاف... رياض حسين ولد تاج محمد شيخ رهندڙ گهر نمبر R-242 شهيد مخدوم بلاول ڳوٺ ڪراچي ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات جنت عرف سويرا ڌيءِ محمد عالم ذات لاشاري رهندڙ مشترڪ ڪالوني ٽنڊو محمد خان .پلينٽف... بخلاف ... علي محمد ولد علي حسن ذات مگسي رهندڙ پرڳڙي ڪالوني ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج MCTC/I ميرپورخاص
ايف سي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 2025
ايف سي سوٽ نمبر 39 سال 2016

محمد رحيم ولد حاجي علي خان ذات مري رهندڙ ديهه 121 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص .پلينٽف... بخلاف ... نبي بخش ولد Raki معرفت قانوني وارث (بي) واحد بخش (سي) سليم پٽ (ڊي) مسمات زيتون بيواهه نبي بخش ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري آر ڊبليو آرڊر 21 رول 11سي پي سي ۽ بي درخواست زير قلمر 05 آف ليميٽيشن داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج MCTC/I ميرپورخاص

بقايا 1 | 2 بار فوت

ڳوٺ غازي حسين جمالي لڳ درگاهه ملڪاڻي شريف پرسان آلڪاڻي برادري جي گهرن کي اندران اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن سبب گهرن اندر پڳ ڊڙ مچي وئي، جنهن سبب 2 معصوم ٻار موقعي تي ئي سڙي فوت ٿي ويا، جڏهن ته عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا اطلاعن تي ايس ايس پي دادو جي حڪم تي جهلو پوليس پهچي ۽ پاڙيسرين جي مدد سان ريسڪيو ڪيو زخمين کي ترت ڊي ايچ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو اطلاع تي ايم ايس دادو ڊاڪٽر امجد حسين مستقلي فوري طور ڊاڪٽرن جي ٽيم سان اسپتال پهتو جنهن جي نگراني ۾ ڊاڪٽر ٽيم زخمين کي فوري طبي امداد ڏيڻ بعد اسپتال ۾ برن وارڊ نه هئڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ ٽن ماڻهن کي حيدرآباد جڏهن ته هڪ ٽينگر جنهن جو 90% جسم سڙي وڃڻ ڪري ڪراچي ريفر ڪيو ويو، زخمين ۾ 35 ورهين جو صاحب خان پٽ تگيو آلڪاڻي، 5 ورهين جو شاهزيب ۽ 7 مهينن جو محمد حبيب آلڪاڻي شامل آهن، جڏهن ته فوتين ۾ پڻ 2 ٻار 5 سالا حنيف ۽ 7 سالا فوزيا جي سڃاڻپ ٿي آهي، ذريعن ڪان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته باهه لڳڻ سبب گهر جو الهه تلهه سميت پالتو جانور ٻڪريون، رڍون پڻ سڙي وڃڻ جا اطلاع آهن،واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي، جڏهن ته پوليس ۽ ضلعي انتظاميا پاران واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، باهه لڳڻ جو ڪارڻ ڪمند جي فصل جي ڪٽائي بعد زمين ۾ ڪانگڙي کي باهه لڳڻ سبب تيز هوا سبب باهه زبردست پيرو مچائي ڇڏيا.

بقايا 2 | نينگر فوت

جي سرڪاري اسپتال پهچايس جتان علاج جون گهربل سهولتون نه هجڻ سبب معصوم نينگر کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي اسپتال ريفر ڪيو ڇڏيو ويو ته معصوم نينگر زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو فوتي جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ سندس امڙ کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا، ياد رهي ته ڪروڙين روپيا خنڊ رکندڙ رورل هيلٿ سينٽر صحت جي سهولتن کان محروم آهي، معمولي توڙي ايمرجنسي جي حالت ۾ ايندڙ هر مريض کي مڪلي ٺٽو ڪراچي يا حيدرآباد اسپتال رفر ڪيو وڃي ٿو

بقايا 3 | احتجاج

ڇڏي آهي، روزمره جي ضرورتن جون شيون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن سڄي دنيا ۾ پيٽرول سستو آهي ڪٿي به مهانگو نه ٿيو آهي جن ملڪ جي وچ ۾ جنگ پئي هلي اتي به پيٽرول سستو آهي پر پاڪستان جي حڪمرانن پنهنجي عياشي لاءِ ۽ آءِ ايم ايف جي چوڻ تي پيٽرول جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن. هنن چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ قانون جي ڪمزوري جي ڪري حڪومت طرفان امن امان جي بحالي لاءِ سنجيده قدم نه کڻڻ جي ڪري امن امان

جي صورتحال خراب آهي. حڪومت کي گهرجي ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائي. هنن چيو ته سنڌ اندر عورتن خلاف وڌندڙ تشدد ۽ قتل جي واقعن تي سخت ڳڻتي آهي، عورتن جي تحفظ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ ڏوهارين کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻي عورتن جي تحفظ لاءِ سخت قانوني ڪاروائي ڪري ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو وڃي.

بقايا 4 | خارج دوائن هٿ

هدايت ڪئي هن چيو ته ضلعي جي سمورن صحت مرڪزن ۾ دوائن جي اسٽاڪ جي باقاعده جاچ ڪئي وڃي ۽ خريداري توڙي ذخيرن ۾ مقرر ڪيل قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪرائڻ کي يقيني بڻايو وڃي ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ وڌيڪ چيو ته مريضن کي معياري ۽ محفوظ دوائن جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته ڪنهن به سرڪاري اسپتال يا صحت مرڪز ۾ غير معياري يا مُدي خارج دوائن جي نشاندهي ڪن ۽ لاڳاپيل اختيارين کي فوري طور آگاهه ڪن ته جيئن بروقت ڪاروائي عمل ۾ آڻي سگهجي.

بقايا 5 | ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪيڪ نثاراحمد وساڻ ڊويزنل پريزيڊنٽ پاڪستان پيپلزپارٽي ڪلچرل ونگ شهيد بينظير آباد پاران اڳواڻن پارٽي عهديدارن سان گڏ ڪٽيو ويو جنهن ۾ مهمان خاص چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڪنڊياري عمران فهد وساڻ، نوجوان قيادت وائيس چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڪنڊياري ذيشان محمد هاشم وساڻ، ميمبر ضلع ڪائونسل سانگهڙ شاهجهان شوڪت وساڻ، پ پ پ تعلقو سانگهڙ انفارميشن سيڪريٽري ياسر خان مري،شريڪ ٿيا جڏهن ته صحافين صدر ڪنڊياري پريس ڪلب عقيل احمد وساڻ، سميت پ پ پ ميناريٽي ونگ اڳواڻ ضلع سانگهڙ ڊاڪٽر ترسينگ ڪنول، اشوڪ ڪمار آسناڻي، راج مڪيش،مڪيش ڪمار آسناڻي، ڊاڪٽر روشن علي شر عبدالرحمان عرف صدر چانڊيو، ارشد پٺاڻ، خان محمد چنڊ، ڪٽورل تاز منگي،سيٺ ڪندن مل ،نادر مگسي، راشد عرف راشي مگسي، ڪيلاش ڏماڻي، ٽلومل بيگاڻي، ڪيلاش ڏماڻي، ڪرمون مل پيبل، پيو مل مينگهواڙ ڪرمچند،جاويد شيخ، ستار خاصخيلي، بين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ڪيڪ ڪاٽيو ويو پارٽي سان وفاداري جو وچن ورجايو ويو ان موقعي تي نثار احمد وساڻ ذيشان وساڻ چيو ته ڪنڊياري جي عوام توڙي ڊويزن شهيد بينظير آباد جي عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي ترقياتي ويزن سان هر ڪارڪن گڏ آهن اسان وٽ ڪا به تبقاتي محدود سوچ ناهي اسان پارٽي ورڪر ٿي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندا رهنداسين

بقايا 6 | احتجاج جاري

بروهي، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، افضل سانٽيل، غلام مصطفيٰ قلبوٽو نادر قلبوٽو فقير جلال ساريو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته باڊهه شهر کي هر دور ۾ نظرانداز ڪري تباهي ڪناري پهچايو ويو آهي. شهر کي پڻ بڻائڻ جا واعدا ڪري ووٽ وٺي اقتدار ماڻيندڙن باڊهه سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري تباهي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته باڊهه شهر کي نه تعلقي جو درجو ڏنو ويو آهي ۽ نه ئي هيندر تائين ميونسپل جو درجو ڏنو ويو آهي، شهري پيپلز بس سروس، پيئڻ جي پاڻي جي سهولت سميت گهربل ٻين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن. هنن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، ايم اين اي نظير احمد بگهيو ۽ ايم پي اي عادل الطاف انڙ کان مطالبو ڪندي چيو ته باڊهه واسي سمجهي چڪا آهن ته باڊهه جي ترقي ۽ خوشحالي فقط باڊهه تعلقي سان مشروط آهي ان ڪري بناڊير باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي جلد نوٽيفڪيشن جاري ڪري باڊهه واسين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو ۽ هي جدوجهد تيستائين جاري رهندي، جيستائين باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ٿو ڏنو وڃي.

بقايا 7 | گهر سڙي راک

شامل آهن هن اوچتي باهه سبب نه رڳو گهر سڙي راک ٿي ويا، پر گهرن جو سمورو قيمتي سامان، زيور، پيٽيون، چونرا، ٻڪريون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه باهه جي نظر ٿي ويو.

بقايا 8 | راشد محمود سومرو

منعقد ٿيو ، جنهن بعد پريس ڪانفرنس پڻ ڪئي وئي ، اجلاس ۽ پريس ڪانفرنس ۾ جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي ، جنرل سيڪريٽري راشد علي سومرو ، سيد سراج احمد شاهه امروٽي ، محمد صالح ، انجنيئر عبدالرزاق لاکو ، ڊاڪٽر عبدالغني انصاري ، سليم سنڌي ، اظهارالحق صديقي ۽ سيف الله فاروقي سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ايندڙ سال 21 ، 22 ۽ 23 مارچ تي سکر ۾ مولانا فضل الرحمان جي سرپرستي هيٺ عالمي امن اجتماع منعقد ٿيندو ، جنهن ۾ دنيا جي نامور عالمن ، اڳواڻن ۽ لکين ماڻهن جي شرڪت متوقع آهي ، اجتماع جي ڪاميابي لاءِ ضلعي سطح تي تياريون تيز ڪيون ويون آهن ۽ جنرل ڪائونسل جو اجلاس پڻ طلب ڪيو ويو آهي ، پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي راشد علي سومرو چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي ، جنهن تي جي يو آءِ خوشي جو اظهار ڪري ٿي ، هن چيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي باوجود ملڪ اندر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عوام تي اضافي بار وڌو ويو آهي ، جنهن کي جماعت رد ڪري ٿي ، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ اندر بدامني ، قبائلي جهيڙا ، مهانگائي ۽ منشيات ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جڏهن ته حڪمران صوبي جا معدنی وسيلا ، زمينون ۽ جبل وڪرو ڪري رهيا آهن ، سنڌس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت عوامي پلائي لاءِ ڪي به موثر قدم نه کنيا آهن ، راشد سومرو الزام هنيو ته سنڌ ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سان ناانصافيون وڌي ويون آهن ، باشر ماڻهن جي ظلم سبب ڪيترين ئيائين کي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ، پر حڪومت جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ سنجيده نظر نٿي اچي ، هن چيو ته گذريل چوندن ۾ جعلي مينڊيٽ ذريعي اقتدار حاصل ڪيو ويو ، جڏهن ته گذريل 18 سالن دوران سنڌ کي صرف لٽيو ويو آهي، نوڪريون وڪرو ٿي رهيون آهن ۽ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي

بقايا 9 | ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڪانڀوءَ ڳوزو ۽ چندن ڪان مٺي بجلي جو تصور ڪرڻ به ڳوٺاڻن لاءِ گناهه بڻيل آهي پيئڻ جو پاڻي جي سخت ڪوٽ آهي ڳوٺاڻا ڏهن جو کنو پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿي ويا آهن جنهن سبب معصوم ٻارڙا مختلف بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن ڳوٺاڻا قاري خليل الرحمان قريشي .قاري عبدالوحيد قريشي حاجي امداد چانڊيو ۽ ٻين قرآن پاڪ کڻي سخت احتجاج ڪندي پاڻي ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي هوڏانهن پيئڻ جي پاڻي جي حوالي سان وڏا انڪشاف ٿي رهيا آهن ٻڌايو پيو وڃي 15سالن تائين خيرپور ناٿن شاهه پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ رهندڙ منير احمد پنهور تي الزام آهي ته ان مبينا طور تي ماڏو واٽر سپلائي اسڪيم جنهن تي 10ڪروڙ روپيا منظور ڪيا ويا سميت ٻيگو ديرو .ميان نصير محمد ڪلهوڙو راهوجا گوزو چوڙ قمبر

ميرمحمد جي ڪور پسيا پريا لولجا ڪڪڙ خيرپور ناٿن شاهه جي اسڪيم جيڪا ڳوٺ فتح خان گاڏهي کان راوت خان لغاري 40ڪروڙ جي هئي ۽ جوهي ٻٽراج ارٻن اسڪيم 14ڪروڙو اٿهن سپني جو انچارج هيو جنهن اٿهن اسڪيمن ۾ لکين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي جنهن خلاف اٿڪوائري ڪرائي وڃي جيڪي سڀ اسڪيمون رولهڙي جو شڪار آهن هوڏانهن زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ به پاڻي نه آهي بيگو ديرو شاخ ، مير محمد شاخ ۾ پاڻي اٿلي ٿي ويو آهي جنهن سبب ڪٽڪ جي آبادي نه ٿيڻ برابر آهي چونڊيل نمائيندا عوام جي مسئلن ڪان لاءِ تعلق بنيل نظر اچي رهيا آهن اٿهن جي ڪير به سار لهڻ وارو نه آهي پاڻي ۽ ٻين مسئلن لاءِ علائقي جي ماڻهن جي باوجود سندن جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪاموڙا توڙي چونڊيل نمائيندا تيار نه آهن اهڙي صورتحال سبب سوين خاندان مختلف تڪليفن کي منهن ڏيئي رهيا آهن چونڊيل نمائيندن کي گهرجي ته مٿين ڳوٺن سميت ٻين ڳوٺن جي ڳوٺاڻن کي بنيادي سهولتون ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪن

بقايا 10 | احتجاج جو اعلان

پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته گرمي جي موسم ۾ بجلي جي کوٽ شهرين لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي. انجمن تاجران جي صدر رئيس غلام محمد مري چيو ته جيڪڏهن حيسڪو اختيارين فوري طور لوڊشيڊنگ جو مسئلو حل نه ڪيو ته واپاري برادري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. هن خبردار ڪيو ته شهرين ۽ واپارين جو گڏيل احتجاج جلد منظم ڪيو ويندو. گڏجاڻي ۾ مطالبو ڪيو ويو ته حيسڪو فوري طور لوڊشيڊنگ جو شيڊول جاري ڪري، غير اعلانيه بندشون ختم ڪري ۽ بيراڻي شهر کي بنا رڪاوٽ بجلي فراهم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ ڊرٺو ۽ شٽر ڊائون هڙتال سميت سخت قدم کنيا ويندا.

بقايا 11 | انصاف جو مطالبو

پنهنجي مڙس سان زندگي جا خوبصورت لمحا گذاري رهي هئي .هن چيو ته ٻارن جا ٻي فارم ٺهرائڻ لاءِ سندس والد جي اين آءِ سي جي ضرورت پئي، پر ان معاملي تي سندس والد ۽ پاڙن مبينا طور سندس مڙس تي تشدد ڪري ڪيس زخمي ڪيو. هن الزام هنيو ته جاڻايل ڏوهاري ماڻهوآهن بلاوجه منهنجي مڙس تي تشدد ڪرڻ بعد پوليس سان ملي ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو، جنهن سبب سندس مڙس گذريل 9 مهينن کان جيل ۾ ناحق قيد آهي هن چيو ته مان سخت پريشان آهيان ۽ معاشي حالتن کي منهن ڏئي تمام مشڪل سان زندگي گذاري رهي آهيان منهنجو ننڍڙو ڪيڏڻ جي عمر ۾ هوٽل تي مزدوري ڪري گهر جو گذر سفر هلائي رهيو هو جنهن کي به مخالفن مبينا ڌمڪيون ڏئي هوٽل مالڪ کي چئي بي روزگار ڪري ڇڏيو هن چيو ته ڪيس جي سلسلي ۾ هتان هتان ڪري قرض کڻي وڪيل کي 25 هزار روپيا ڏنا آهن، پر هاڻي ڪيس وڌيڪ 2 لک روپين جي ضرورت آهي ، جيڪا هوءَ برداشت نٿي ڪري سگهي.هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان اپيل ڪئي ته کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ سندس مڙس کي آزاد ڪرايو وڃي. هن ڄڻاءِ ڏنو ته جيڪڏهن کيس انصاف نه مليو ته هوءَ پنهنجي ٻارن سميت درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻچڙن جي زندگي جو انت آڻيندي ، جنهن جي ذميوار سندس والد ۽ پاڙ هوندا

بقايا 12 | احتجاجي مظاهرو

پريشاني جو شڪار آهن. هنن وڌيڪ چيو ته نصيرآباد شهر بدامني جي ور چڙهيل آهي، ڏينهن ڏٺي جو ڦرون ۽ وارداتون وڌي ويون آهن، جنهن ڪري شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن. گذريل رات به الله رکيو ۽ عادل لاشاريءَ جي گهرن مان چوريون ٿيون آهن. ٻڪ هوٽائي ڪشمب ۾ شهري اتحاد جي ميمبر تنظيمن جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 13 | احتجاجي مظاهرو

غلام شبير ٻرڙو دريا خان لغاري، اصغر سولنگي، سهيل ٻرڙو اصغر شاهاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻرڙا هائوس پان کان احتجاجي ريلي ڪڍي شاهاڻي چوڪ تي ڌرڻو هڻي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. جاڻايل اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي سبب عوام جي چيلهه چٻي ٿي وئي آهي. بيحس حڪمرانن کي عوام مٿان ڪوبه رحم ناهي. روز روز پيٽرول جا اگهه وڌائي عوام کي بک ۽ بدحالي طرف ڌڪيو پيو وڃي. جنهن ڪري بدامني پڻ زور وٺي وئي آهي. هنن چيو ته شهر پان جيڪو وڏي وزير جو تڪ آهي. اتي پڻ بيروزگاري ۽ بدامني سبب عوام خودڪشين تي مجبور آهي. شهر اندر روزانو 20 ڪلاڪن جي لوڊ شيڊنگ سبب ڏهاڙي ڪمائيندڙ ماڻهو سخت مجبور آهن. موتمار گرمي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي بند ٿيڻ ڪري پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو وڏي ويو آهي. ڪير به پڇڻ وارو ناهي. هنن مطالبو ڪيو ته عوام تي رحم ڪائي لوڊ شيڊنگ جو خاتمو آڻڻ سان گڏ ملڪ اندر امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي.#

بقايا 14 | بستري پيڙو

۽عبداش پنهور جي پاءِ خادم حسين پنهور سميت سندس خاندان سان ملاقات ڪئي ۽عبداش پنهور سميت سندس خاندان وارن جوجوڻ آهي ته ڪراچي مان علاج ڪرائڻ چاهيون ٿا سنڌحڪومت سرڪاري خرچ تي ڪراچي جي ڪنهن بهتراسپتال مان علاج ڪرائي سماجي اڳواڻ استاد وزير لاکو به سندس رهائش گاهه تي پهچي صحافي عبداش پنهور جي عيادت ڪئي ۽صحتيابي لاءِ دعا ڪئي سنڌجي صحافين اديبن شاعرن طرفان سينئرصحافي عبداش پنهور سان رابطو سندس صحت ۽بيماري بابت پڇا ڪندي ڪراچي ۾ علاج جي سلسلي ۾ مڪمل سهڪارڪرڻ جويقين ڏياريندي سندس صحتيابي لاءِ دعا ڪئي سنڌجوسينئرصحافي اديب ليکڪ اڳوڻو شاگرد اڳواڻ عبداش پنهور ڳلي جي بيماري سبب پنهنجي اباڻي ڳوٺ دولو تعلقي دوڙ ضلعي شهيدبينظيرآبادنواب شاهه ۾ موجود آهي بيمار صحافي عبداش پنهور جي پاءِ صحافي خادم حسين پنهور جوجوڻ آهي ته پاءِ صحافي عبداش پنهور جوڪراچي جي اسپتال مان علاج ڪرائڻ لاءِ ڪيس ڪراچي وٺي ويندا سين پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ ۽حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر لالارحمان سمون رابطو ڪري صحت بابت معلومات ورتي ۽عبداش پنهور جوڪراچي ۾ علاج ڪرائڻ جي سلسلي ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ جوجيو آهي اسان سندس ٿورائتاآهيون ان ڏکي وقت ۾ پاءِ عبداش پنهور جي علاج ۾ سهڪارجي خاطري ڪرائي آهي ليکڪ فتاح داڻوپوٽو به رابطو ڪري پاءِ عبداش پنهور جي صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي فتاح داڻوپوٽو جناح اسپتال ڪراچي ۾ علاج ڪرڻ جي تجويزڏيندي سهڪار جي خاطري ڪرائي آهي سينئرصحافي مهيش ڪمار سينئرصحافي ليکڪ ڪامريڊ يونس مهر ليکڪ لطيف جمال جاتي پريس ڪلب جي صدر زاهد سومرو ڪامريڊ علي حسن جي گهرواري ڪامريڊ ياسمين ناز ڪامريڊ سارنگ چام ساٿي سنڌترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ عاشق سولنگي ۽سعودي عرب مان صنمر سهتو فون ڪري سينئرصحافي عبداش پنهور جي صحت بابت معلومات ورتي ۽صحتيابي لاءِ دعا ڪندي ڪراچي ۾ علاج جي سلسلي ۾ سهڪار جي خاطري ڪرائي جڏهن ته سنڌحڪومت جي اطلاعات کاتي توڙي ثقافت کاتي سنڌجي سينئرصحافي اديب ليکڪ

عبداش پنهور جي علاج جي سلسلي ۾ ڪوبه رابطو ناهي ڪيو

بقايا 15 | انصاف جو مطالبو

جي ڪري کي مبينا طور باهه ڏئي ڇڏي، جنهن ڪري سوين من ڪڻڪ سڙي رک ٿي وئي ۽ هاري توڙي آبادگار جي مٽي تي هٿ اچي ويا آهن. هنن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جي ڪڏو عمل ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 16 | آمد

۾ زائرين کي ڪا به ڏکيائي نه ٿئي وزير وڌيڪ خاطري ڪرائيندي چيو ته درگاهه جي ترقياتي ڪمن کي جلد مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن هن تاريخي ماڳ جي رونقون بحال ٿي سگهن صوبائي وزير اعلان ڪيو درگاهه لاءِ سولر سسٽم منظور ڪيو ويو آهي جلد ڪم اسٽارٽ ٿي ويندو اسان خراب پيل فلٽر پلانٽ به جلد ٺهرائي هتان جي عوام جي بيچيني کي ختم ڪيو ويندو

بقايا 17 | تياريون تيز

ڪيون، ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر حبيب الله ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن دفعي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ميلي کي ڀرپور انداز سان ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايتن تي اڳوات ئي تياريون شروع ڪيون آهن هن چيو ته دوري ڪان پوءِ معلوم ٿيو ته صفائي سڃرائي جو نظام بهتر آهي جيڪو ڪم ڪار هوندو اهو ڪم جلد ڪرايو ويندو ۽ ميلي جون سموريون تقريبون عاليشان ڪيون وينديون، ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪلچر عادل احمد دايو نثار احمد شيخ، محبوب علي خاصخيلي .اياز علي ڏيرو . شاهنواز وساڻ ۽ ٻيا به گڏ موجود هئا.

بقايا 18 | راشد شاهه راشدي

ڪيو ان موقعي تي اڳوڻو ايم اين اي محمد خان جوڻيجو اڳوڻو ايم پي اي محمد بخش خاصخيلي، اڳوڻو ايم پي اي معظم عباسي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ سائس گڏ هئا. سيد راشد شاهه راشدي چيو ته سياست ۾ برداشت، اصول ۽ عوامي خدمت کي هٿي ملڻ گهرجي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته موجوده حڪمران ڊر خوف ۽ دٻاءَ واري سياست کي هٿي ڏئي رهي آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ۾ هن وقت جيل جهڙو ماحول آهي، جتي اسيمبلي ميمبر آزاد فيصلا ڪرڻ کان به محروم بڻيل آهن. سانگهڙ ضلعي ۾ آئل اينڊ گيس رائلٽي، فنڪشنل ليگ جي ايم پي اي ۽ ترقياتي ڪمن بابت سوال تي هن چيو ته يونين ڪائونسل ناظم، هڪ ايم پي اي کان وڌيڪ بااختيار آهي چاڪاڻ ته هن وٽ ترقياتي فنڊ، آفيس ۽ عملي اختيار موجود هوندا آهن، جڏهن ته هڪ ايم پي اي صرف قانون سازي تائين محدود ٿي ويو آهي. هن چيو ته موجوده نظام ۾ عوامي نمائندا بي اختيار بڻجي چڪا آهن، جيڪو جمهوريت لاءِ نقصانڪار آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڳوڻي صدر جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ پارلياماني ميمبرن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيشن جي شرط موجود هئي، جيڪا هڪ مثبت قدم هئي پر اڄ اسيمبلي ميمبرن لاءِ ڪنهن به قسم جي تعليمي قابليت لازمي ناهي. هن تنقيد ڪندي چيو ته اڄ توهان جا فيصلا اهي ماڻهو ڪن ٿا جيڪي پاڻ پڙهيل لکيل ناهن. سيد راشد شاهه راشدي چيو ته پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ بدران پنهنجي هٿ ۾ رکيو ويٺي آهي، پر هاڻي ڪين سندن اختيار به خطري ۾ نظر اچي رهيو آهي. هن غير شفاف چونڊن تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته آراوز ذريعي ٿيندڙ چونڊون اصل ۾ اليڪشن نه پر سليڪشن هيون. پير صاحب پاڳارا ۽ ٻيا اڳواڻ هميشه غير شفاف چونڊ عمل خلاف آواز اٿاريندا رهيا آهن. هن دعويٰ ڪئي ته پيپلز پارٽي جي موجوده ڪابينا ۾ 80 کان 90 سيڪڙو وزير ڪرپشن ۾ ملوث آهن، جڏهن ته باقي رهيل ۽ بهتر ماڻهو سائڻ رابطي ۾ آهن. هن چيو ته سنڌ جي عوام سان مسلسل ناانصافي، مهانگائي، بدانتظامي ۽ ڪرپشن حڪمران ڌر خلاف نفرت پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي هن ظلم جي خاتمي جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته سياست ۾ ذاتيات بدران اصولن، سچائي ۽ حق جو ساٿ ڏنو وڃي، چاڪاڻ ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ عوامي مسئلن جو اصل ذميوار حڪمران طبقو آهي جيڪا افسوسناڪ صورتحال آهي . ان موقعي تي رئيس انور علي خان مري، رئيس عاشق حسين مري، رئيس نياز حسين مري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 19 | باهه ڪيو

معصوم ٻاري ڪري ها ته اجا وڌو نقصان ٿئي ها. ٽائون انتظاميه کي ڪليل گٽرن کي ڍڪ لڳائڻ گهرجن. ايس يو پي تعلقي سڪرنڊ جي صدر ايوب ڪوسو ۽ پرويز سومرو چيو ته ٽائون انتظاميه جي نااهلي جو ڪروڙين روپين جي بجيٽ باوجود به گٽرن تي ڍڪ نه آهن. بجيٽ صرف جلسن ۽ جلوسن ۽ ريلين تي خرچ ٿي رهي آهي.

بقايا 20 | ڪاميابي ماڻي

جي نگراني هيٺ ٿي گذري ڪُل 46 ووٽرن پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪيو نتيجن موجب ظهير لاڙڪ 29 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي جڏهن ته آزاد انصاري 17 ووٽ کڻي ٻئي نمبر تي رهيو زاهد چامڙو ۽ عاجز غلام رسول کي ڪو به ووٽ حاصل نه ٿي سگهيو چونڊ کان پوءِ ڪامياب اميدوار ظهير لاڙڪ ووٽرن سان ڳالهائيندي چيو ته هو سنڌي ادبي سنگت جي ادبي ۽ تنظيمي سرگرمين کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ لاءِ سيني ساٿين سان گڏجي گڏيل ڪوشش ڪي اڳتي وڌائيندو

بقايا 21 | ملهايو ويو

ساليانو عرس مبارڪ رحمت پور لاڙڪاڻو ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ عاشقان رسول ﷺ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي درگاهه جي سجاده نشين پير عبدالغفار جان نقشبندي عرس جي صدارت ۽ عاشقان رسول ﷺ کي خطاب ڪندي چيو ته اولياء الله جو فيضان تاقيامت تائين رهندو آهي، هنن عظيم خانقاهن درگاهن تي فيوض و برڪات جو عمل هميشه کان جاري آهي، خانقاهون جو حقيقي پيغام شريعت ۽ طريقت جي واٽ تي هلي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ آهي، خوش نصيب ۽ پاڳن وارا اهي شخص آهن جيڪي راهه هدايت جي پرچار ڪندي پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلائي چاهين ٿا. عرس جي تقريب کي درگاهه عاليه پير مٺا سائين رح جي صاحبزاده خليل الرحمان نقشبندي المعروف سهڻا سائين، صاحبزاده محمد معصوم نقشبندي، علامه سيد محمد شاهه بخاري غفاري، محمد اسحاق غفاري، پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد عباسي، علامه نذير احمد مهيسر غفاري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. عرس مبارڪ ۾ سنڌ جي ٽاليواري مشهور درگاهه حسين آباد قمبر جي سجاده نشين پير سيد عطاءِ شاهه بخاري حسيني، سيد نصرالله شاهه بخاري حسيني، سيد ثناء الله بخاري حسيني سميت ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 22 | پچائي تي پهتو

گيليڪسي اليون کي 5 هزار رپيا ڪيش انعام سان ۽ ٽرافي سان نوازيو ويو ميچ جو سڀ کان اهم اعزاز "مين آف دي ميچ" ۽ "مين آف دي سيريز" گيليڪسي اليون جي نعمان علي پنهنجي بهترين آل رائونڊ ڪارڪردگي جي بنياد تي حاصل ڪيو هن يادگار ٽورنامينٽ ۾ مهمان خاص طور ڊاڪٽر ناڪاش عالماڻي، خادم ٽالپر ۽ امير آزاد پنهور شرڪت ڪئي، جن رانديگرن ۾ انعام ورهائيڻ سان گڏ سنڌ حوصلا افزائي

ڪئي ۽ اهڙين صحتمند سرگرمين کي نوجوانن لاءِ انتهائي فائديمند قرار ڏنو. ٽورنامينٽ جي ڪاميابي پٺيان آرگنائيزر ذوالفقار عرف زلفي دل ۽ عمران علي لنڊ جي انتهائي محنت، لگن ۽ بهترين انتظام نظر آيس جن کي پڻ سندن خدمتن عيوض ٽرافيون ڏنيون ويون. ان موقعي تي ميچن کي لائيو ڪوريج فراهم ڪندڙ دلدار بلوچ کي 5 هزار رپيا ڪيش انعام سان نوازيو ويو جڏهن ته شاندار ڪمينٽري ڪندڙ ساجد رستماڻي کي پڻ انعام ڏنا ويا.هي ٽورنامينٽ نه رڳو شهيد ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ياد کي تازو ڪرڻ جو وسيلو بڻيو پر علائقي ۾ ڪرڪيٽ کي هٿي وٺرائڻ ۽ نوجوانن ۾ مثبت سرگرمين کي فروغ ڏيڻ جو به اهم ذريعو ثابت ٿيو.

بقايا 23 | جوڙي ڇڏي

ڪاليجز لاڙڪاڻو جي سربراهيءَ ۾ ٿي رکني فيڪٽ فائينڊنگ ڪاميٽي جوڙي اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪاميٽي جي ميمبرن ۾ ڊگري ڪاليج ڏوڪري جو پرنسپال ايسوسيئيٽ پروفيسر انگلش ذوالفقار علي ٽوٽيو ۽ گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو جو ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ هيڊ آف انگلش ڊپارٽمينٽ پروفيسر اميد علي سامٽيو شامل آهن. فيڪٽ فائينڊنگ ڪاميٽي پارهين جماعت جي انگلش جي سواليه پيپر جو معائنو ڪرڻ سان گڏ غلطين، خامين ۽ ابهام طئي ڪندي جيڪڏهن ڪا غلطي آهي ته ان جي نوعيت ۽ حد کي يقيني بڻائيندي، غفلت يا لاپرواهي جي صورت ۾ ذميوارن جو تعين ڪندي، مناسب حل جا اپاءَ ۽ سفارشون تجويز ڪندي، ڪميٽي کي اختيار آهي ته هو ضرورت لاڳاپيل رڪارڊ حاصل ڪري ۽ لاڳاپيل عملدارن، پيپر سيٽرز ۽ ماڊريٽرز کان وضاحتون طلب ڪري ماهرانه راءِ جي لاءِ پرنسپال پروفيسر عبدالوحيد چانڊيو سان رابطو ڪري سگهي ٿي فيڪٽ فائينڊنگ ڪاميٽي 7 ڏينهن جي اندر تفصيلي رپورٽ پيش ڪندي.

بقايا 24 | دعويٰ

مٺان ڪيس ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب گرفتار منشيات فروشن کان گٽڪو جي خريدارن بابت پڇاڳاڇا جاري آهي.

بقايا 25 | ڪيڪ ڪاٽيو ويو

آزادي صحتيابي ۽ ڊگهي عمر لاءِ خاص دعا پڻ گهري وئي.هن موقعي تي شهيد بينظير آباد ڊويزن جي صدر مشتاق جوڻيجو ۽ نائب صدر آصف وسان خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پي ٽي آءِ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري چوڌري نويد انجم، نائب صدر ذوالفقار ثربان، شان لغاري، ڊاڪٽر منصور شاهه، ايڊووڪيٽ ڪليم الله قريشي، سردار زاهد، ايڊووڪيٽ امين فهيم، جهانگير شيخ، اياض جمالي، فياض گروان، حسنين شاهه، اشرف عباسي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 26 | الزام جا چٽيون

علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي، گڏ ڪيل جاڻ موجب نامعلوم هٿيارٻندن گهر ۾ فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ گهر ڏياڻي مسمات حاجران (لوهر) مهر موقعي تي ئي قتل ٿي وئي، جڏهن ته مهمان طور آيل روئتي واسي نوجوان محمد حنيف ملڪ سخت زخمي ٿي پيو واقعي کانپوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، اطلاع ملڻ تي علائقي واسين ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي نوجوان کي ڪٿائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي زخمي نوجوان جي حالت انتهائي ڳنڀير جوڳي هئڻ ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل ڪيو پئي ويو پر هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو هوڏانهن فوتي نوجوان محمد حنيف ملڪ زخمي حالت ۾ ٻڌايو ته سندس ذوالفقار مهر وارن سان دوستي هئي، جن ڪيس مهمان ڪري گهرايو هو پر اتي پهچڻ تي ڪيس ۽ عورت کي گولين جو نشانو بڻايو ويو هئي پاسي علائقي ۾ چٽيون آهن ته عورت حاجران مهر ۽ نوجوان محمد حنيف ملڪ کي مبينه طور ڪارئهن جي الزام هيٺ قتل ڪيو ويو آهي، هوڏانهن گهوٽڪي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بعد ضروري ڪاروائي مڪمل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن، جڏهن ته واقعي جي هر رخ کان جاچ جاري آهي. پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ جلد حقيقتون سامهون آڻيون وينديون، خبر فائيل ڪرڻ تائين واقعي جو ڪو ڪيس وغيرهه داخل ٿي نه سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

بقايا 27 | هڪ ڄڻو زخمي

نوشهروفيروز پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن طرفان ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. زخمي جي حالت ڳنڀير جوڳي هئڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو.

بقايا 28

شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي هنن چيو ته حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڏنو آهي پر پوليس ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي . هنن نوجوان جي بازيابي لاءِ مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 29 | آپگهات

آنڊو ويو جڏهن تي مرحوم جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ سندس جو مڙهه اباڻي ڳوٺ آنڊو ويو جتي سندس جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته خودڪشي جو ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهيو آهي.

بقايا 30 | مبارڪون

صدر ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪيون ۽ سندس ڪاميابي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي جت برادري جي نيڪ مردن عبدالرئوف جت بلاول جت پ پ يوسي حاجي محمد جو صدر ڪامريڊ محمد سومار جت پ پ بلاوڙي سٽي جو اطلاعات سيڪريٽري سيد سجاد عرف پپو شاهه محمد رفيق جت سميت معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 31 | گاڏيو واپس

احتجاج ، سخت ڇڪتاڻ رهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊوسائيندا ۾ مال پڙي کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش دوران پوليس وڏا اٿالا طلب ڪري مال پڙي کي چئني طرفن کان ڪوڙ چاڙهي ڇڏيو ، جنهن ۾ ڪراچي حيدرآباد ، سکر سميت سنڌ جي مختلف علائقن کان چوپايو مال جي خريد و فروخت لاءِ آيل واپارين جي گاڏين کي واپس روڏن تان موٽايو ويو جنهن ۾ مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش تي چوپايو مال کڻي ايندڙ گاڏين جي ڊرائيورن کي مبينا طور مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻايو ويو ، جنهن تي مال پڙي جي واپارين ، سول سوسائٽي ، سياسي سماجي تنظيمن طرفان گڏيل طور پوليس جي ڪيل ڪاروائين ، ڇڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري تعريبازي ڪئي وئي ، احتجاج دوران سول سوسائٽي جي عبدالحفيظ سئيو ، عوامي تحريڪ جي هرچند لال ، جسقم جي ظهور هاليپوٽو ، قومي عوامي تحريڪ جي ونود ڪمار ، سنڌ نيشنل پارٽي جي دودو هاليپوٽو ، مالوند حاجي الهڏنو ، عبدالمجيد چنو ۽ ٻين چيو ته مال پڙي کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش دوران پوليس جي وڏن اٿالن چوپائي مال جي خريد و فروخت لاءِ گاڏين کي مختلف هنڌن تي روڪي ڊرائيورن ۽ مالوندن کي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻايو آهي جنهن ۾ چوپايو مال کڻي ايندڙ گاڏين کي واپس سندن علائقن ڏانهن روانو ڪيو ويو آهي ، ڪيترن عرصي کان قائم مال پڙي کي بنا ڪنهن سبب ڪو به جواز نه ڄاڻائي بند ڪرائڻ جي ڪوشش انتقامي سياسي ڪاروائي جو حصو آهي جنهن ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي فرزند اڳوڻي ايم پي اي حسنين مرزا جي ٽنڊو محمد خان ۾ پير احمد سعيد

جان سرهندي وٽ چانهه پارٽي جي دعوت تي اچڻ ڪانپوءِ ايم پي اي اعجاز حسين شاهه بخاري انتقامي سياسي ڪاروائي طور مال پڙي کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي ، جنهن جي خلاف پرامن احتجاج ڪانپوءِ پوليس جي ڪيل ڪاروائين کي فوري طور بند نه ڪيو ويو ته ٽنڊو محمد خان ڏانهن ايندڙ سمورا روڊ رستا بند ڪري ڌرڻا هنيا ويندا ، جڏهن ته پ پ مخالف اتحاد جي تازو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر واري سيٽ تان استعيفي ڏيندڙ پير احمد سعيد جان سرهندي رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته جي ڊي اي جي اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي فرزند حسنين مرزا جي طرفان سندس ذاتي ڏنل دعوت ۾ شرڪت ڪانپوءِ پ پ جي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري سندس خلاف انتقامي سياسي ڪاروائين کي عروج تي پهچائي ڇڏيو آهي جنهن ڪان اڳ به هن سندس ذاتي ملڪيت واري مال پڙي کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي هاڻي وري ٻيهر موقعي جو فائدو وٺي مال پڙي کي روڪائڻ لاءِ سنڌ جي مختلف علائقن ڪان پوليس فورسز کي طلب ڪري دهشتگردي واري ڪاروائي پوليس جي ذريعي ڪرائي آهي جنهن ۾ مال کڻي ايندڙ گاڏين کي روڪي مالوندن ۽ ڊرائيورن کي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي مال پڙي قانوني طور گذريل ڪيترين عرصي کان قائم آهي مال پڙي کي بند ڪرائڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ عدالت ۾ اپيل ڪنداسين ، عدالت سگهوري تي مڪمل اعتماد آهي اڳ به عدالتي حڪم تي مال پڙي قائم رکي وئي هئي هاڻي جيڪا به ڪاروائي ٿي رهي آهي ان کي به قانوني طور تحفظ فراهم ڪرايو ويندو ، جڏهن ته پوليس جي ڪاروائين ڪان مقامي پوليس توڙي ضلعي جي عملدارن مڪمل لاعلمي ظاهر ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 32 | گهر ۾ ڪهرام

اسپتال پهچڻ ڪان اڳ پاڻي اندر ٻڏي نينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ،معصوم نينگر جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا!

بقايا 33 | سخت نوٽيس

الرحمن بابو چانڊيو محمد عمر لغاري، ۽ وڏيرو الله رکيو عباسي اهم اجلاس شرڪت ڪئي جتي علائقي واسين درپيش مسئلن خاص ڪري پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ واٽر سپلائي جون اسڪيمون مڪمل نه هئڻ جون شڪايتون ڪيون پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ ڊائهيون ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي آفيسرن خلاف شڪايتون ڪيون ۽ چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي سان لاڳاپيل مسئلا جيڪي روزمرهه جي زندگي تي اثرانداز ٿي رهيا آهن، ان موقعي تي ايم اين اي عرفان ظفر لغاري سڀ شڪايتون غور سان ٻڌيون ۽ عوامي مسئلن جي ترت حل تي زور ڏنو هن پبلڪ هيلٿ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته فوري ۽ مؤثر قدم کنيا وڃن، پاڻي فراهمي جي نظام جي مناسب سار سنڀال ڪئي وڃي، نيڪال آب جي ڊانچي کي بهتر بڻايو وڃي، ۽ واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽن کي ٻيهر فعال ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته عوامي خدمتن ۾ غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته مقامي ماڻهن سان ويجهو رابطو رکي سندن مسئلا بنا دير حل ڪيا وڃن. اجلاس جي پڄاڻي تي آفيسرن يقين ڏياريو ته پيش ڪيل مسئلن جي حل لاءِ جلد ضروري قدم کنيا ويندا.

بقايا 34 | پارس ڏيرو

هن اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ طرفان ڪاليج گرائونڊ ۾ تعمير ڪيل ڪرڪيٽ گرائونڊ جو افتتاح ڪندي ڪيو هن چيو ته نوجوانن کي صحت مند سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، چو ته رانڌين سان نه رڳو جسماني صحت بهتر ٿئي ٿي پر سماج کي منشيات جهڙي موذي لعنت کان به بچائي سگهجي ٿو هن چيو ته ٽنڊوآدم ۾ رانڌين جي ميدانن ۽ اسٽيڊيمز جي تعمير لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون ڏيکارڻ جا بهتر موقعا ملي سگهن. سردار پارس ڏيرو چيو ته شهر ۾ جنهن به شيءِ جي ضرورت هجي، اها پنهنجي ٽيم، عوام ۽ ميڊيا جي تعاون سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. هن چيو ته هو ميڊيا کي به برابر جو حصيدار سمجهن ٿا، چو ته ميڊيا ئي شهر جي مسئلن جي نشاندهي ڪري عوام جي ضرورتن کي اجاگر ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته سندس والد هميشه عوامي خدمت ۽ مثبت سوچ جي تربيت ڏني آهي جنهن سبب هو اڄ به خدمت جي سفر کي جاري رکيو پيو اچي هن ٻڌايو ته ڪافي جدوجهد ڪانپوءِ رانڌين جي ميدان لاءِ زمين ۽ ابتدائي سهڪار حاصل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پبلڪ اسڪول ۾ به هڪ معياري اسٽيڊيم جي

قيام لاءِ ڪوششون جاري آهن. پارس ڏيرو چيو ته سنڌس خواهش آهي ته ٽنڊوآدم مان وڌيڪ باصلاحيت رانڌيگر نڪرن جيڪي شهر ضلعي، سنڌ ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن. هن چيو ته جيڪڏهن عوامي نمائندا، ميڊيا ۽ شهري گڏجي نوجوانن لاءِ مثبت ماحول پيدا ڪن ته هڪ صحتمند ۽ باوقار سماج جو قيام ممڪن آهي. هن عزم ظاهر ڪيو ته جيستائين زندگي آهي، هو پنهنجي ڌرتي تي رهي عوام جي خدمت جاري رکندو. شيراز سمون ٽنڊوآدم

بقايا 35 | جوابدار گرفتار

چانڊيو هڪ ڪلو ڪان وڌيڪ چرس ۽ هٿيار سميت گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1050 گرام چرس ۽ هڪ پسٽل برآمد ڪيو ويو جوابدار منشيات وڪرو ڪندڙن جي فهرست ۾ شامل ۽ پوليس کي گهربل هو جوابدار خلاف نارڪوٽڪس ۽ هٿيار ايڪٽ تحت به ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ٻئي طرف مددگار 15 ميهڙ جي انچارج امداد علي سيهڙول جي خفيه اطلاع تي ڪاروائي رويوش جوابدار نويد ماڇي گرفتار ڪيو ويو ٿاڻي منتقل جوابدار ٿاڻو ميهڙ تي داخل پوليس مقابلي واري ڪيس نمبر 205/2025 ۾ پوليس کي گهربل هو

بقايا 36 | ڪامياب

2027 اديب امداد رند ، اديب عمران لطيفي ، محبوب رضا راهو ،شاعر سائل پيرزادو جي نگراني ۾ سڪرنڊ ٽور آرٽ آشرم ۾ ٿي گڏريون. جنهن ۾ بنا مقابلي سيڪريٽري خير محمد لاکو، جوائنٽ سيڪريٽري قلندر بخش ملاح ، خزانچي سجاد حسين خاصخيلي ، ايڊيٽر محمد يونس چانڊيو ، ڪائونسلر ٽور ڪيريو بنا مقابلي چونڊجي ويا. جڏهن ته ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبر اياز علي مهر ، مانڪ ملاح ، الفي سومرو ، جهانگير ڏاهري ،محمد صالح فقير کي چونڊيو ويو. جڏهن ته اڳوڻي سيڪريٽري ٽور ڪيريو پنهنجي سالياني ڪارڪردگي رپورٽ پڻ پيش ڪئي

بقايا 37 | آسمان هيٺ ويٺل

شامل آهن. واقعي ڪانپوءِ متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ۽ کين سخت مالي ۽ ذهني پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، مقامي رهواسين موجب باهه اوچتو لڳي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پکڙجي وئي، جنهن سبب باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ ڏکيائيون پيش آيون. آخري اطلاعن تائين باهه لڳڻ جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا آهن ، متاثر خاندانن حڪومت، سماجي تنظيمن ۽ مخير حضرات کان فوري مدد جي اپيل ڪئي آهي ته جيئن کين رهائش، خوراڪ ۽ بنيادي ضرورتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 38 | ورهايون ويون

موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڏيرولال ويلفيئر جي چيئرمين بابا راجڪمار چيو ته "خدمت رب جي لاءِ، خدمت سڀ جي لاءِ" جي نعري تحت هي 327هين طبي ڪيمپ منعقد ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي ريهيبيليٽيشن کاتي پاران مڪمل سهڪار ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اسان جو بنيادي مقصد غريب، مسڪين ۽ مستحق ماڻهن کي سندن گهر پرسان بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن هو مهانگي علاج کان بچي سگهن ۽ کين بروقت ۽ معياري علاج ملي سگهي. هن چيو ته ريهيبيليٽيشن کاتي جي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسرائي جي تعاون سان جديد موبائل گاڏين، ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي سهولت ذريعي مريضن جي بهتر تموني تشخيص، علاج ۽ فالو اپ کي يقيني بڻايو ويو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جي ڊاڪٽرن سميت اڏيرولال ويلفيئر سان لاڳاپيل 28 ڊاڪٽر پڻ هن طبي ڪيمپ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.بابا راجڪمار چيو ته ڪيمپ ۾ نه رڳو مفت چڪاس، علاج، ٽيسٽون ۽ دوائون فراهم ڪيون پيون وڃن، پر خاص طور تي معذور ماڻهن لاءِ ويل چيئرون پڻ مفت ڏنيون پيون وڃن ته جيئن انهن جي روزمرهه زندگي آسان بڻائي سگهجي. ريهيبيليٽيشن کاتي جي انچارج ڊاڪٽر اشوڪ ٺاما ٻڌايو ته هتي مردن ۽ عورتن لاءِ به پري موبائل هاسپيٽل سروس گاڏيون موجود آهن، جن جو بنيادي مقصد انهن علائقن تائين صحت جون سهولتون پهچائڻ آهي، جتي اسپتالون موجود ناهن يا جتان جا رهواسي اسپتالن تائين پهچي نٿا سگهن.هن چيو ته انهن گاڏين ۾ مڪمل اسپتال جو نظام، هر قسم جو جديد طبي سامان، ليبارٽري سهولتون ۽ تربيت يافته عملي جون خدمتون موجود آهن، جنهن ڪري اهي گاڏيون هڪ مڪمل اسپتال جي حيثيت رکن ٿيون ۽ مريضن کي بهترين علاج سندن در تي فراهم ڪن ٿيون طبي ڪيمپ جي

موقعي تي ويلفيئر جو صدر سنجي ڪمار پ ٽ الف جو صدر لڪاڏنو خاصخيلي ۽ ٻيا معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

بقايا 39 | ملهايو ويو

ڪلچرل فورم مرڪز پاران نامياري صوفي بزرگ ۽ شاعر سيد تاج علي شاهه بودلائيءَ جي 40هين عرس جي موقعي تي سنڌ ڪلچرل فورم مرڪز پاران سجاده نشين سيد ممتاز علي شاهه لڪياريءَ جي صدارت ۾ ڪوٺايل28 سالياني تاج علي شاهه بودلائي ادبي ڪانفرنس کي مخاطب ٿيندي ساجاهه وڏن ڪيون ،ڪانفرنس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سيبتي شاعر وسيم سومرو،سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ،ٿائيءَ جي سگهاري شاعر معشوق ڏاريجو ،نوجوان شاعر اصغر تنها ،سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ ڏٺي بخش ڪلوڻي ،رئيس ممتاز علي ملاح،جسقم اڳواڻ موروڙو ميربحر ڪلچرل فورم جي مرڪزي اڳواڻ سارنگ ملاح چيو ته سائين تاج علي شاهه بودلائيءَ پنهنجي وقت جو اهو بزرگ هيو جيڪو فنا في الله سان گڏوگڏ فنا في وطن جو حامي هيو سنڌس شاعريءَ ۾ لطيفي فڪر ۽ سچل جي مزاحمتي موج جو عڪس نمايان آهي ،سائين تاج علي شاهه جي شاعريءَ جي سگهاري هجڻ جو هڪڙو ثبوت اهو به آهي ته لطيف،سچل ۽ حمل فقير جي سگهاري ۽ عوامي شاعريءَ جي موجودگيءَ ۾ پنهنجو وجود مڃايو آهي ،سائين تاج علي شاهه ،سائين جي ايم سيد سان گڏجي ڪراچي ۾ادبي ڏياٿيون ٻارڻ جون پڻ ڪاوشون ڪيون آهن ،هنن وڌيڪ چيو ته دليل ديرو ۾ تاج علي شاهه بودلائيءَ جي وصال ڪان پوءِ سيد علي حيدر شاهه لڪياريءَ جو وڇوڙو وڏو نقصان آهي هي ادبي ڪانفرنس سنڌس ئي هدايتن ۽ خواهشن تحت شروع ڪئي وئي هئي ڪانفرنس ۾ سيد شاهه جهان شاهه،سيد ذولفقار علي شاهه لڪياري علي شير راجپر،محمد علي ملاح،واجد علي راهو استاد خالد ڪيريو،ملاح اڳواڻ علي نواز ملاح ۽ ٻين پڻ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي.ان کان پهرئين سجاده نشين سيد ممتاز علي شاهه لڪياريءَ جي قيادت ۾ سمورن فقيرن ۽ ساجاهه وڏن گڏجي سيد تاج علي شاهه بودلائيءَ جي مزار تي چادر چاڙهي سنڌ ۽ عالمي امن ،خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ خصوصي دعائون ڪيون

بقايا 40 | شاڙ احمداڻي

معصوم ٽيائين ۽ نوجوانن کي ڪارئهن جو ڪوڙو الزام هڻي قتل ڪيو پيو وڃي حڪمران چاڻي واڻي سنڌ کي جهالت ڏانهن ڌڪي رهيا آهن جتي ڪاروڪاري، سگ چٽيون ۽ ٻدي جون شاديون وڌي رهيون آهن، جڏهن ته تعليم ۽ شعور کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي ته جيئن ماڻهو صرف ووٽ ڏيڻ تائين محدود رهن ان موقعي تي روبينا چانڊيو جي ماءُ چيو ته سندس ڌيءَ کي قتل ڪرائيندڙ جوابدار صدام ۽ ٻيا اڃا تائين آزاد گهمي رهيا آهن ۽ پوليس انهن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي هن چيو ته سندس ڌيءَ کي قتل ڪرڻ سان گڏ سندس گهر به ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هو سخت تڪليف ۾ آهن.

بقايا 41 | منتخب

جو اعلان پڻ ڪيو ويو، جنهن موجب جوائنٽ سيڪريٽري گلزار چنا آديٽر غلام مجتبيٰ "مجن" سومرو خزانچي انعام الله ڪائونسلر علي گوهر جتوئي سعيد لوهار اي آر چنچڻي ۽ سليم پٽي ان موقعي تي نئين چونڊيل سيڪريٽري جميل شيخ ميمبرن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ادبي سرگرمين کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون. جميل شيخ وڌيڪ ويچار ونڊيندي چيو ته نوجوانن کي ادب طرف راغب ڪرڻ لاءِ نوان پروگرام ۽ تخليقي سرگرميون شروع ڪيون وينديون. تنظيم پاران جلد ئي هڪ ادبي ميگزين جاري ڪيو ويندو نصيرآباد ۾ سنڌ سطح جو هڪ وڏو ادبي پروگرام منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ صوبي جي ٽالي وارن اديبن ۽ شاعرن کي مدعو ڪيو ويندو. پروگرام جي پڄاڻي تي اديبن ۽ سنگت جي ميمبرن نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪباد ڏئي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اها ٽيم شهر ۾ علمي ۽ ادبي ماحول کي وڌيڪ هٿي وٺرائيندي.

بقايا 42 | ڪاميابي ماڻي

۾ صدر نزاڪت علي ڪلهوڙو نائب صدر نسيم سيال جنرل سيڪريٽري زبير احمد سيال جوائنٽ سيڪريٽري غلام مصطفيٰ ڪوراڻي فنانس سيڪريٽري ارباب منگي پريس سيڪريٽري فدا حسين ٻرڙو ۽ آفيس سيڪريٽري مسرور احمد سولنگي 98 ووٽ کڻي ڪاميابي حاصل ڪئي

حڪومت سنڌ

آن فارم واٽر مينيجمينٽ ونگ آف

ايگريڪلر، سپلاءِ اينڊ پرائيسز ڊپارٽمينٽ

حڪومت سنڌ

سنڌ صوبي جي آبادگارن لاءِ خوشخبري

"سولر پاور سسٽم تي هلندڙ پاڻي گڏ ڪرڻ جي ذخيري (ريزروائر)

جي تعمير لاءِ آبادگارن کان درخواستون گهرائجن ٿيون"

حڪومت سنڌ، زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز کاتي جي آن فارم واٽر مينيجمينٽ ونگ جي ذريعي سنڌ صوبي جي سيني ضلعن جي آبادگارن کان "سولر پاور سسٽم تي هلندڙ پاڻي گڏ ڪرڻ جي ذخيري جي تعمير" لاءِ درخواستون طلب ڪري ٿي. حڪومت جو حصو منظور ٿيل پاليسي موجب هوندو.

دلچسپي رکندڙ آبادگار پنهنجون درخواستون، صحيح سڃاڻپ ڪارڊ (C.N.I.C) جي تصديق ٿيل ڪاپي، لينڊ رونيو کاتي پاران جاري ڪيل فارم _VII ۽ هيٺ ڏنل جدول ۾ ٻڌايل آبادگار جي حصي جي رقم سميت جمع ڪرائي سگهن ٿا.

جيڪڏهن حاصل ٿيل درخواستون مقرر ڪيل حد کان وڌي ويون ته پوءِ سيني اهل اميدوارن جي وچ ۾ قرعه اندازي ڪئي ويندي ۽ اهل اميدوارن کي قرعه اندازيءَ جي عمل ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. ڪامياب آبادگارن جي لسٽ کاتي جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪئي ويندي.

آبادگار پنهنجي حصي جي رقم اصل ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ اڳواٽ چونڊيل وينڊرز/ سپلائرز/ ڪمپنين جي نالي جمع ڪرائيندا. سولر پاور سسٽم تي هلندڙ پاڻي جي ذخيري جي تعمير لاءِ کاتي پاران چونڊيل وينڊرز/ سپلائرز/ ڪمپنين جي تفصيلي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

شمار نمبر	وينڊر / سپلائر / ڪمپني جو نالو	واٽر اسٽوريج ريزروائر جي سائيز	آبادگار جو حصو (روپيا)
01	ايم /ايس ايم بي رائل انٽرپرائزز	100 فٽ x 100 فٽ x 6 فٽ	2,392,000
02	ايم /ايس پيور پيڪ انٽرپرائزز	100 فٽ x 100 فٽ x 6 فٽ	2,400,000
03	ايم /ايس زيڊ اينڊ زيڊ انٽرپرائزز	100 فٽ x 100 فٽ x 6 فٽ	2,420,000

مقرر ڪيل درخواست فارم هيٺ ڏنل پتي تان مفت حاصل ڪري سگهجن ٿا. درخواست فارمن جون فوٽو ڪاپيون پڻ قبول ڪيون وينديون. مڪمل ڀريل درخواست فارم گهربل دستاويزن سميت ڊائريڪٽوريٽ جنرل، آن فارم واٽر مينيجمينٽ سنڌ حيدرآباد جي آفيس ۾ جلد کان جلد جمع ڪرائڻ گهرجن

نوٽ: (اهي آبادگار جن اڳ ۾ ئي حڪومت سنڌ، وفاقي حڪومت يا ورلڊ بينڪ جي اهڙي ڪنهن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪيو آهي، اهي اهل ناهن).

ڊائريڪٽر جنرل

آن فارم واٽر مينيجمينٽ سنڌ

شهباز بلڊنگ، بلاڪ-سي، پي ماڙ، حيدرآباد.

فون: 46-022-9200045، فيڪس: 022-9200052

ويب سائيٽ: dgofwm.org، اي ميل: dgofwm@yahoo.com

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com

JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1591/2026

دادو لڳ آلڪاڻي برادري جي گهرن کي باهه، 2 ٻار فوت، 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ غازي حسين جمالي لڳ اوچتو باهه لڳڻ سبب 5 سالن جو حنيف ۽ 7 ورهين جي فوزيا سڙي فوت ٿي ويا

باهه ۾ صاحب خان، شاهزيب ۽ 7 مهينن جو محمد حبيب آلڪاڻي ۽ ٻيا سڙي زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

باهه لڳڻ سبب گهر جو الهه تلهه سميت پالتو جانور ٻڪريون، ردون پڻ سڙي خاڪ، علائقو سوڳ ۾ ورتل

دادو(ع ر) دادو لڳ درگاهه ملڪاڻي شريف پرسان آلڪاڻي برادري جي گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وڃڻ جو افسوس ناڪ واقعو 2 معصوم ٻار فوت، عورت سميت 4 زخمي، دادو لڳ جهلو ڦاٽڪ جي حد جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دادو: گهر ۾ باهه لڳڻ سبب زخمي ٿيل ٻار ۽ عورتون اسپتال ۾ موجود آهن

دڙي پرسان ڪٽ تان ڪرڻ سبب 4 ورهين جو معصوم نينگر فوت

ڳوٺ روحل لاشاري ۾ ساجد لاشاري ڪٽ تان هيٺ ڪرڻ سبب مٿي ڪر ٽنڊ جي ڪري زخمي ٿيو

نينگر کي وارثن فوري طور تي سرڪاري اسپتال پهچايو، سهولتن جي کوٽ سبب ڪراچي منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت

فوتي جو مڙه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، وارثن جو رورل هيلٿ سينٽر جي سهولتن خلاف دانهون

دڙو (ن ع) دڙو لڳ ڳوٺ روحل لاشاري ۾ پورهيت مشتاق لاشاري جو معصوم پٽ 4 ورهين جو ساجد لاشاري ڪٽ تان هيٺ ڪرڻ سبب مٿي ڪر ٽنڊ جي ڪري زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن فوري طور تي دڙو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

دڙو : ڪٽ تان ڪري مٿي ڪر ٽنڊ سبب فوت ٿيل نينگر

لاڙڪاڻي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران مهانگائي ۽ بدامني خلاف احتجاج

ڪارڪنن ڪامريڊ اثر امام، گدا حسين بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جن ملڪ ۾ جنگ ڀڙي هلي پئي اتي به پيٽرول سستو آهي، اسان جي حڪمرانن عوام سان ظلم ڪيو آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي سٽي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، امن امان جي خراب صورتحال ۽ سنڌ ۾ غريب عورتن جي قتل عام خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ تنظيمي جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ اثر امام سنڌ جي تعليم ۽ تربيت سيڪريٽري گدا حسين بروهي، قادر پارو پروفيسر لياقت ميمڻ احمد علي جتڪ علي سمڪيري، ظفر بلوچ ۽ ٻين چيو ته مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڊي ايڇ او خيرپور جو هنگورجا آر ايڇ سي جو دورو، مدي خارج دوائون هٿ

ميڊيڪل اسٽور ۾ مدي خارج انجيڪشنز ۽ دوائون ڏسي سيل ڪرڻ جو حڪم

مريضن کي معياري ۽ محفوظ دوائن جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي ويندي: ڊاڪٽر ڪليم الله

خيرپور(ڊ ر) ڊي ايڇ او خيرپور جو هنگورجا آر ايڇ سي تي اوچتو چاپو، مدي خارج انجيڪشنز ۽ سرڪاري دوائن جي موجودگي تي ميڊيڪل اسٽور سيل،تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ پاران آر ايڇ سي هنگورجا جو اوچتو دورو ڪري ميڊيڪل اسٽور جو معائنو ڪيو جتي مدي خارج انجيڪشنز ۽ سرڪاري دوائون موجود هجڻ جو انڪشاف ٿيو جنهن تي ڊي ايڇ او اسٽور سيل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا ڊي ايڇ او لاڳاپيل عملي تي سخت برهمي جو اظهار ڪندي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڊياري وسان هائوس تي پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪنڊياري(رپورٽ: عقيل وسان) وسان هائوس تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فريال ٽالپر جي 68 هين سالگرهه جو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي: راشد محمود سومرو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي باوجود ملڪ اندر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عوام تي اضافي بار وڌو ويو آهي

سنڌ اندر بدامني، قبائلي جهيڙا، مهانگائي ۾ واڌ ٿي رهي آهي ۽ حڪمران صوبي جا معدني وسيلا، زمينون ۽ جبل وڪرو ڪري رهيا آهن

ايندڙ سال 21 ، 22 ۽ 23 مارچ تي سکر ۾ مولانا فضل الرحمان جي سرپرستي هيٺ عالمي امن اجتماع منعقد ٿيندو

ڪڪڙ (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام (ف) ضلعي دادو پاران سکر ۾ ٿيندڙ عالمي امن اجتماع کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڇڪيل تعلقن جي ذميوارن جو اهم اجلاس ڪڪڙ پرسان الرحيم ۽ سڄڻ ٻبر رائيس ملز ۾ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: مولانا راشد سومرو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

نصيرآباد ۾ شهري اتحاد پاران سپيڪو جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سينگار نوناري، خدا بخش سانگهڙو، زاهد تنيو ۽ ٻين علامتي بک هڙتال ڪئي

شهر بدامني جي ور چڙهيل آهي، ڏينهن ڏٺي جو ڦرون ۽ وارداتون وڌي ويون آهن

نصيرآباد(ن ع) نصيرآباد ۾ شهري اتحاد پاران تعلقا پريس ڪلب آڏو امن امان جي بحالي ۽ سيپڪو انتظاميا جي زيادتين خلاف ڪاڻون هال سامهون ٽن ڏينهن جي علامتي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ سينگار نوناري، خدا بخش سانگهڙو زاهد تنيو ضمير مغيري، بخش علي مغيري، غلام مصطفا ڪلهوڙو، ياسين ڦلپوٽو اعجاز شيخ قاري عثمان مغيري ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته شهر ۾ 14 کان 16 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب شهري سخت بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: شهري اتحاد پاران بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڻ سيدآباد ۾ منشيات وڪري، بدامني مهانگائي ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين علي رضا چنا، غلام شبير ٻرڙو، دريا خان لغاري، اصغر سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

وڌندڙ مهانگائي سبب عوام جي چيلهه چيپي ٿي وئي آهي پر بيحس حڪمرانن کي ڪوبه رحم ناهي: مظاهرين

عوام تي رحم ڪائي لوڊ شيڊنگ جو خاتمو آڻڻ سان گڏ ملڪ اندر امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي

پاڻ سيدآباد (ن ع) پاڻ سيد آباد شهر ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات جي سري عام وڪري، پاڻ شهر ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ ۽ ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بک بدحالي خلاف ايس يو پي پاڻ جي صدر علي رضا چنا، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شخص اسڪول جا بيگ وڪرو ڪري رهيو آهي

ناميارو صحافي اديب دانشور عبداش پنهور ڳلي جي بيماري سبب بستري پيل

غلام حسين خاصخيلي دڙو ويجهو ڳوٺ دولو پهچي عبداش پنهور جي عيادت ڪئي

صحافين، اديبن ۽ سماجي اڳواڻن پڻ عيادت ڪئي، مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌجو ناميارو صحافي اديب، دانشور ليڪڪ اڳوٽو شاگرداڳواڻ عبداش پنهور ڳلي جي بيماري سبب دڙو ويجهو پنهنجي اباڻي ڳوٺ دولو ۾ پنهنجي گهر ۾ بيماري جي بستري تي پيل آهي سنڌحڪومت سندس علاج لاءِ اڃان تائين ڪوبه رابطو ناهي ڪيو جڏهن ته حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳوڻي فنانس سيڪريٽري ۽حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ميمبر سخي غلام حسين خاصخيلي دڙو شهر ويجهو ڳوٺ دولو ۾ پهچي سينئرصحافي عبداش پنهور جي عيادت ڪئي ۽علاج بابت تفصيل ورتا بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اڏيرو لال ۾ پ پ ڪارڪنن جو نظرانداز ڪرڻ خلاف اجلاس

ممتاز ساهووال جي صدارت هيٺ هنگامي اجلاس، مختلف برادرين جي وڏي شرڪت

پراڻن ۽ قربانيون ڏيندڙ ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري نون ماڻهن کي عهدا ڏنا ويا

اڏيرو لال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ۾ ساهووال هائوس تي پي پي پي جي نظرياتي ۽ قربانيون ڏيندڙ ڪارڪنان ورڪرن کي متياري تعلقي ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف هنگامي اجلاس ممتاز ساهووال جي صدارت ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ الاهي بخش ساهووال عاشق ساهووال جميل چنه نظر حاجاڻو سالم ابڙو ۽ چنا برادري زرداري برادري خشڪ برادري ۽ ڀيل برادري جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي .ممتاز ساهووال ۽ ٻين چيو ته پي پي جي متياري ضلعي جي صدر پير امير علي شاهه ۽ پي پي سنڌ جي صدر نثار کهڙو متياري تعلقي ۽ ٽائون ڪميٽي اڏيرو لال اسٽيشن ۾ قربانيون ۽ نظرياتي ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري نون ماڻهن کي عهدا ڏنا ويا آهن جن جي پي پي لاءِ ڪابه قرباني ناهي ڏٺل ۽ سدائين هنن پي پي جي مخالفت ڪئي آهي

لاڙڪاڻي ويجهو شريسندن 11 ايڪڙ ڪڻڪ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، متاثرن پاران انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان آريجا ٿيڻو ٿاڻي جي حد لونڪائي ڳوٺ پرسان گڏريل چنچڙ ۾ آچر جي وچ ڏاري رات دير سان اڻڄاتل شريسندن آبادگار بشير احمد عباسي جي 11 جريب زرعي زمين جيڪا نادر شيخ آهي جي ڪڻڪ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نالي وارو اديب ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ياد ۾ منعقد ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻي تي پهتو

ٽورنامينٽ ۾ 16 ٽيمن حصو ورتو مجاهد اليون شاندار ونر ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي

بدين (ڊ ر) سنڌ انقلابي نالي وارو اديب شاعر شهيد ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ياد ۾ هڪ شاندار ۽ يادگار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتو جنهن ۾ علائقي جي رانديگرن ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ٽورنامينٽ ۾ ڪل 16 ٽيمن حصو ورتو جن مان زبردست مقابلي ڪان پوءِ "مجاهد اليون بدين" ۽ "گيليڪسي اليون" فائنل تائين پهتيون. فائنل ميچ ۾ مجاهد اليون شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري ونر ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي. کين 10 هزار رپيا ڪيش انعام ۽ ٽرافي ڏني وئي، جڏهن ته رنر اپ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊاڪٽر آڪاش انصاري ٽورنامينٽ ۾ ٽرافيون ورهايون پيون وڃن

نوري آباد ويجهو ٽرڪ جي ڇت ويٺل ڪي اين شاهه واسي پل سان ٽڪرائي ڪري فوت

نوري آباد (ن ع) گذريل ڏينهن صبح جو سوڪر روڊ تي ويندڙ ٽرڪ جي ڇت تي ويٺل ڪي اين شاهه واسي عابد چانڊيو پل سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري فوت ٿي ويو .فوتي جو مڙهه اسپتال منتقل ڪيو

هيراٿي ۾ انجمن تاجران جي گڏجاڻي، غيراعلانيا لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج جو اعلان

چانڊ نواز علي(ن ع) انجمن تاجران جي صدر رئيس غلام محمد سري جي صدارت هيٺ هيراٿي ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي، جنهن ۾ شهر ۾ حيسڪو طرفان جاري بدترين لوڊشيڊنگ خلاف سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ واپارين چيو ته بنا شيڊول جي ڏکي لوڊشيڊنگ سبب ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي ننڍا دڪاندار ۽ روزاني ڪمائيندڙ سخت بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ واسڻ جو والد ۽ پاڙن جي زيادتي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ عورت جو ٻارن سميت احتجاج، مڙس جي آزادي لاءِ انصاف جو مطالبو . ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي غريب آباد ڪالوني جي رهواسڻ پنجن ٻارن جي ماءُ ٻابرا چانڊيو پنهنجي والد ۽ پاڙن جي مبينا زيادتين خلاف ڄامشورو ميڊيا سينٽر پهچي ٻارن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ٻابرا چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندس مڙس رنگ جو ڪاريگر آهي ۽ هو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ ۾ مين هول کي ڍڪڻ نه هئڻ ڪري گڏهه ڪري پيو، ٽائون عملي ٽن ڪلاڪن بعد ٻاهر ڪڍيو

سکرنڊ (س ر) سکرنڊ شهر جي محرابپور روڊ تي مين هول کي ڍڪڻ نه هئڻ ڪري بي زبان جانور گڏهه ڪري پيو جيڪو ڪن ڪلاڪن تائين اندر ڦاٿل رهيو شهرين جي ڪافي ڪوشش باوجود نه نڪري سگهيو جنهن بعد ٽائون عملي پاران ڪوشش بعد ڪيس زخمي حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو ٻئي طرف شهري اتحاد جي سرپرست اعليٰ نياز لاشاري جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپور جي رابطا سيڪريٽري جي چونڊ ۾ ظهير لاڙڪ ڪاميابي ماڻي

خيرپور(ڊ ر)سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپور جي رابطا سيڪريٽري جي چونڊ پريس ڪلب خيرپور ۾ پُرامن ماحول ۾ ٿي گذري جنهن ۾ مختلف اميدوارن وچ ۾ مقابلو ٿيو چونڊ عمل سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ حضرت محمد خليل الرحمان نقشبندي رح جو 50 هون ساليانو عرس مبارڪ عقيدت سان ملهايو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناليواري مشهور درگاهه حضرت پير مٺا سائين رح جي صاحبزاده حضرت محمد خليل الرحمان نقشبندي رحمت الله عليه جو 50 هون بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

باڍهه: تعلقه موومينٽ وارن هفتيوار احتجاج ڪيو پيو وڃي

باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ رهواسين جو احتجاج جاري

رهواسين علي انور عسڪري، اصغر نوناري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بنادير باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏئي نوٽيفڪيشن جاري ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

باڍهه (ن ع) باڍهه تعلقه موومينٽ پاران لاڙڪاڻي ضلعي جي هٿين نمبر وڏي 14 وارڊن تي مشتمل باڍهه شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سٺن سالن کان هلندڙ جدوجهد کي برقرار رکندي تعلقه موومينٽ جي اڳواڻن علي انور عسڪري، اصغر نوناري ۽ ڪامريڊ محمد علي خشڪ جي اڳواڻي ۾ باڍهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن فدا حسين تنيو، ڪامريڊ مولا بخش ڦلپوٽو گل منير ڦلپوٽو غلام شبير حيدري، اصغر علي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ: حادثي ۾ ڦٽيل زخمي کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي ٻي طرف فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

سکرنڊ ويجهو ٽرالر مٿان ويٺل ٻه پائر پل سان ٽڪرائجي ويا، هڪ ڄڻو فوت

بينظير انٽرچينج پل سان ٽڪر سبب 25 ورهين جي رخسار جت ٽڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

فوتي حادثي ۾ زخمي سهيل جت کي نازڪ حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

سکرنڊ (س ر) سکرنڊ ويجهو قومي شاهراهه تي ڪراچي کان ساهيوال ويندڙ ٽرالر مٿان ويٺل ٻه پائر بينظير انٽرچينج پل سان ٽڪرائجي ويا، جنهن سبب ٻنهي ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ تعلقه اسپتال سکرنڊ آندو ويو جتي هڪ ڄڻو 25 سال رخسار جت فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته هڪ ڄڻي سهيل جت کي نازڪ حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنڌس پاءِ ڊرائيور احتشام جت ٻڌايو ته اسان ساهيوال کان ڪراچي وڃي رهيا هئاسين ته سکرنڊ مٿان ويٺل منهنجا ٻه پائر بينظير انٽرچينج سان ٽڪرائجي ويا.

ڊيپلو جي ڳوٺ لسيو ۾ خوفناڪ باهه، 50 کان وڌيڪ گهر سڙي راک

ڪيترائي غريب خاندان بي گهر، کليل آسمان هيٺ بي يار و مددگار ويٺل

زيور، سامان ۽ چوپايو مال باهه جي نظر، متاثرن جو فوري مدد فراهم ڪرڻ جو مطالبو

مٺي (ڊ ر) تعلقي ڊيپلو جي ڳوٺ لسيو ۾ اوچتو لڳل خوفناڪ باهه ڪيترن ئي غريب خاندانن جي زندگين کي اجاڙي ڇڏيو ڏسندي ئي ڏسندي 50 کان وڌيڪ گهر سڙي راک ٿي ويا، ۽ ڪيترائي خاندان پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي کليل آسمان هيٺ بي يار و مددگار ويٺا آهن جن گهرن کي باهه وڪوڙي وئي، انهن ۾ سيٺ آچار ولد ڪوبهي اجمل ولد لالو لالو تولو رام ولد لالو هاٿيرام ولد لالو ماسٽر چيتن ولد ساڌو بختو مل ولد ساڌو مل ڪيول ولد ويلو مل پوڳڙو ولد ويلو مل آتم ولد آچار توڳاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي غريبن جا گهر بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪنڊياري: وسان هائوس تي پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه واٽر سپلاءِ اسڪيمن ۾ ڪرپشن خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ويهه کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين پاڪ ڪتاب کڻي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

پيئڻ جو پاڻي جي کوٽ آهي ڳوٺاڻا ڍين جو ڪنو پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿي ويا آهن:مظاهرين

ڪٽڪ جي آبادي ڏه ٽيڻ برابر آهي، چونڊيل نمائندا عوام جي مسئلن کان لاتعلق آهن

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڪي اين شاهه واٽرسپلاءِ جي اسڪيمن ۾ لکين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ڳوٺن کي پاڻي فراهم ڪرڻ سان گڏ انڪوائري جو مطالبو ڳوٺاڻا قرآن پاڪ کڻي نڪري آيا، ڪاڇي جي دنگ ايف پي بند سان گڏ قائم ڳوٺ ماڏو ، قمبر ، ڪوٽو غلام الله ، ڪورحسين خان ، ستداڻي چانڊيا ، واه صوبدار، ڳچل، پنڪرسميت 20کان وڌيڪ ڳوٺن جا ڳوٺاڻا هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان وانجهيل ، 2010 واري ٻوڏ کان پوءِ سواءِ چند ڳوٺن جي بجلي جي سهولت ختم ٿي ويئي ، 2022 واري ٻوڏ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بدين: صوبائي وزير اسماعيل راهو تعزيت ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي جي درگاهه شاهه ڪريم تي آمد

عرس مبارڪ جي پڄاڻي تي سيد رياض شاهه شيرازي درگاهه تي حاضري ڀري

اوقاف کاتو درگاهه جي بهتري ۽ زائرين کي سهولتون ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندو،رياض شاهه شيرازي

ٻلڙي شاهه ڪريم(ڊ ر) ٻلڙي شاهه ڪريم اوقاف کاتي جي صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي جي درگاهه شاهه ڪريم تي آمد،حضرت ٻلڙي شاهه ڪريم رح جي 415 هين عرس مبارڪ جي پڄاڻي جي موقعي تي سنڌ جي اوقاف کاتي جي صوبائي وزير سيد رياض شاهه شيرازي درگاهه تي حاضري ڀري. هن موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صحافين پاران نشاندهي ڪيل مسئلن کي سنجيدگيءَ سان ورتو ويندو اوقاف کاتو درگاهه جي بهتري ۽ زائرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻبو ته جيئن ايندڙ وقت بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي لاءِ تياريون تيز

ڊي جي ڪلچر حبيب الله ميمڻ ٽيم سميت مختلف هنڌن جو دورو ڪيو

صفائي سٿرائي بهتر بڻائڻ ۽ رهيل ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري

مٽياري (ڊ ر) ثقافت کاتي پاران حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي جي سلسلي ۾ اڳواٽ تياريون شروع ڪيون ويون آهن ان سلسلي ۾ صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايتن تي ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر حبيب الله ميمڻ ٽيڪنيڪل ٽيم سميت ڀٽ شاهه پهچي ڪلچر ريسٽ هائوس ، شاهه لطيف ميوزيم ، شاهه جي راڳ جو اسڪول فنڪار هاسٽل، ڪراڙ ڍنڍ ، شاهه جو باغ ۽ ايڇ ٽي سورلي هال جو وزٽ ڪيو ۽ انهن تي مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪم ڪار جو جائزو ورتو ۽ صفائي سٿرائي جي حوالي سان ملازمن کي هدايتون جاري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي جي زوال جو وقت ويجهو آهي: سيد راشد شاهه راشدي

سنڌ صوبي ۾ وڏي سياسي تبديلي هاڻي اٽڪر بڻجي وئي آهي

پ پ جا اڌ کان وڌيڪ ايم پي ايز ۽ اهم سياسي شخصيتون مسلسل رابطي ۾ آهن

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي مرڪزي اڳواڻ سيد راشد شاهه راشدي چيو آهي ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي زوال جو وقت ويجهو اچي چڪو آهي، صوبي ۾ وڏي سياسي تبديلي هاڻي اٽڪر بڻجي وئي آهي، پيپلز پارٽي جا اڌ کان وڌيڪ ايم پي ايز ۽ ڪيترين ئي اهم سياسي شخصيتون مسلسل رابطي ۾ آهن پيپلز پارٽي جي اندر خوف، دٻاءُ ۽ بي اختياري وارو ماحول قائم آهي اهڙو اظهار هن ٽنڊوآدم ۾ فنڪشنل ليگ اڳواڻ رئيس حبيب خان سري جي والد جي وفات تي تعزيت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ايم پي اي راشد شاهه راشدي حبيب خان سري سان تعزيت ڪري رهيو آهي محمد خان جوڻيجو پڻ موجود آهي

لاڙڪاڻي ۾ 11 جماعت جي پرچي ۾ غلط سوالن جو بورڊ چيئرمين نوٽيس وٺي ڪاميٽي جوڙي ڇڏي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالوحيد چانڊيو طرفان يارهين جماعت جي سالياني امتحانن دوران يارهين جماعت جي انگلش پرچي ۾ غلط سوالن جي نشاندهي ڪندي پنهنجي فيس بوڪ تي وڊيو اپ لوڊ ڪرڻ واري معاملي جو تعليمي بورڊ جي چيئرمين پروفيسر خالد حسين مهر نوٽيس وٺندي ريجنل ڊائريڪٽر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس پاران ٻن جوابدارن کي گٽڪي جي باچڪن ۽ ڪار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس وارث ڏنو ماڇي ٿاڻي جي حد ۾ ڪارروائي دوران ٻن منشيات فروشن کي گٽڪي جي باچڪن ۽ ڪار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ وارث ڏنو ماڇي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن منشيات فروشن رضا محمد لهر ۽ محمد عرس کوسو کي گٽڪي جي 17 باچڪن ۽ ڪار سميت گرفتار ڪري سنڌ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي 30هين يوم تاسيس حوالي سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو

شهدادپور(ن ع) پاڪستان تحريڪ انصاف جي 30هين يوم تاسيس جي موقعي تي ملڪ ڀر وانگر شهدادپور ۾ به هڪ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جتي ڪيڪ ڪاٽيو ويو،تقريب دوران چيئرمين عمران خان جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، عورت ۽ مهمان ٿي آيل نوجوان قتل، ڪارنهن الزام جا ڇوڙيل

ڳوٺ ابل ميربحر سامهون هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مسمات حاجران قتل ۽ حنيف ملڪ زخمي ٿي پيو

علائقي واسين ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري سکر منتقل ڪيو پئي ويو پر هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي ماٿيلو ڦاٽڪ پرسان ڳوٺ ابل ميربحر سامهون گهر اندر هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت ۽ مهمان ٿي آيل نوجوان قتل ٿي ويا، واقعي ڪاڻئي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڪارنهن الزام ۾ قتل ٿيل نوجوان ۽ ناري جا لاش

نوشهرو فيروز لڳ پلاٽ جي تڪرار تان ونگاڻي برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو زخمي

نوشهرو فيروز(ع ر) پلاٽ جي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ڄڻو سخت زخمي خبر موجب شهر پرسان ڳوٺ نهال ونگاڻي ۾ پلاٽ جي معاملي تان ونگاڻي برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ مبينا ٽن ڄڻن قمبر علي، غلام ولد نبي بخش ۽ عرفان علي پاران زمين تي ڪم ڪندڙ اختر علي ولد پير بخش ونگاڻي تي حملو ڪري سڌيون گوليون هڻي کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا. اطلاع ملڻ تي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي علائقي ٺيڙي مان اٺ ڏينهن اڳ گم ٿيل نوجوان جو پتو نه پيو وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

خيرپور(ڊ ر)اٺ ڏينهن اڳ ٺيڙهي شهر ۾ گهر ٻاهران بيٺل نوجوان محمد معروف ميمڻ لاپتا ٿي ويو وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي عبدالقدير ميمڻ ، مسمات رشيدان ميمڻ ۽ عبدالرحمان ڦلپوٽو ڪري رهيا هئا هنن صحافين اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته اٺ ڏينهن اڳ اسان جو نوجوان محمد معروف ميمڻ گهر ٻاهران بيٺو هو ته لاپتا ٿي ويو آهي وارثن پاران نوجوان جي اغوا جو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ ڪتابن جي اسٽال تان ناري ڪتاب پسند ڪري رهي آهي

رتيديرو واسي واپڊا ملازم پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

بس اسٽاپ واسي 35 ورهين جي عبدالله شاهاڻي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

رتيديرو (ن ع) رتيديرو پراڻي بس اسٽاپ جي رهواسي واپڊا ملازم 35 سالا عبدالله شاهاڻي پاڻ کي مبينا طور پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ تي وڏي انگ ۾ شهري رهواسي سنڌس گهر پهتا، جتان سنڌس جو مڙهه ڪٺائي رتي ديرو اسپتال آندو ويو جتي سنڌس جي ضروري ڪارروائي بعد نوجوان جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته هن پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ پاڻ کي بند ڪري پاڻ مٿان فائر ڪيو فائر جو آواز ٻڌڻ تي گهر ڀاتين ڪيس جي ڪمري ۾ داخل ٿيا جتان ڪيس کي فوري طور اسپتال بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ويجهو ٽن ڳوٺاڻن جي گهرن کي باهه، الهه تلهه سڙي رک

ڳوٺ ڪوهه گيٽيو واسي محمود، مريد ۽ اسماعيل درس جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

ڳوٺاڻن سولر پليٽ مان لڳل باهه کي اڻ ذريعي پاڻي آڻي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ گهرن کي بچائي ورتو

ڪيرو(ن ع) ڪيرو جي اڀرندي ڀر جي علائقي ڳوٺ ڪوهه گيٽيو ۾ باهه لڳڻ سبب محمود درس مريد اسماعيل درس جا سڙي رک ٿي ويا ڳوٺاڻن موجب سولر پليٽ مان لڳل جي ٽار مان لڳل باهه گهرن وڪوڙي ورتو جنهن سبب پنج ڪڪاٿن جوپڙيون سڙي ويا رهواسين پاڻي اڻ ذريعي آڻي باهه تي ڪنٽرول ڪري ٻين گهرن کي بچايو

محمد علي ملڪاڻي جي ٻلڙي شاهه ڪريم جو دورو، غلام مصطفيٰ جت کي مبارڪون

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سميت اڳواڻن جي شرڪت، نيڪ تمنائن جو اظهار

سياسي قيادت ۽ مقامي معززين جي وڏي انگ ۾ موجودگي، جت برادري جي ڀرپور شرڪت

ٻلڙي شاهه ڪريم(ڊ ر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز سنڌ محمد علي ملڪاڻي پ پ اڳواڻ لطيف ميمڻ پيپلز يوٿ صدر زاهد حسين ڪنڊو پ پ تعلقي سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ۽ پ پ اڳواڻ محمد صديق ميمڻ سان گڏ پهچي پ پ تعلقي ٻلڙي شاهه ڪريم جي صدر ضلع ڪائونسل جي وائيس چيئرمين حاجي غلام مصطفي جت کي پ پ تعلقي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان جي مال پڙي تي پوليس جو ڪڙو چڪتاڻ، تشدد، چوپايو مال جون گاڏيون واپس، احتجاج

ٽنڊوسائينداد ۾ مال پڙي کي پوليس وڏا اٿالا گهرائي چئني طرفن کان بند ڪري ڇڏيون مزاحمت ڪرڻ تي پوليس جو تشدد

مال پڙي جي واپارين، سول سوسائٽي، سياسي سماجي تنظيمن طرفان پوليس جي ڪيل ڪارروائين خلاف مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

ڪيترن عرصي کان قائم مال پڙي کي بنا ڪنهن سبب ڪريه جواز ته چالاڻي بند ڪرائڻ جي ڪوشش انتقامي سياسي ڪاروائي جو حصو آهي:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي مال پڙي تي پوليس ڪڙو چاڙهي وڏي نفري طلب ڪري چوپايو مال کڻي ايندڙ گاڏين کي واپس ڪري ڇڏيو ، سالوندن سول سوسائٽي سياسي سماجي تنظيمن جو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: جماعت اسلامي پاران کير ۾ ملاوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

فريدآباد ۾ معصوم نينگر پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ۾ معصوم نينگر پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو ان ڏس ۾ فريدآباد شهر جي رهواسي جاويد علي چانڊيو جو 6 ورهين جو معصوم پٽ يوسف علي چانڊيو فريدآباد پل هيٺان پاڻي جي تلاءَ ۾ رهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو آهي شهرين تلاءَ ۾ گهڙي ڳولا بعد نينگر کي پاڻي مان ٻاهر ڪڍي وارثن ٻڏي ويل نينگر کي مقامي اسپتال کڻي پهتا، ڊاڪٽر پاران بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه ۾ عرفان ظفر لغاري جي صدارت هيٺ اجلاس، پاڻي مسئلن تي سخت نوٽيس

علائقي واسين پاران صاف پاڻي ۽ آڊرا واٽر سپلائي منصوبا بابت شڪايتن جو انبار

پبلڪ هيلٿ آفيسرن کي فوري قدم کڻڻ، نظام بهتر بڻائڻ جون هدايتون جاري

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي عرفان ظفر لغاري سيتا روڊ تي لغاري هائوس تي پبلڪ هيلٿ کاتي جي آفيسرن اي اين ڊولپمينٽ خواوند بخش ڏايو ايڪس اي اين آپريشنز صدام حسين کنيو اي اي اين عبد اللطيف سومرو (ميهڙ)، ۽ ايس ڊي او محمد سليم کنڊ ۽ علائقي جي معززين ڪائونسل دادو جي ميمبر شاهرخ طلعت مهيسر ميونسپل چيئرمين خليل سڪندر ڪوهارو سردار اصغر مغيري، فرمان خان چانڊيو خالد چنا، وڏيرو خورشيد ڪوهارو فدا حسين ڪولاچي عبد الواحد ڪلهوڙو شاهد خان قيبي عبد بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پوليس جون ڪارروايون، هٿيار ۽ منشيات هٿ، منشيات ڊيلر ۽ روپوش جوابدار گرفتار

ميهڙ (ن ع) ميهڙ پوليس جا ڇاپا، منشيات ڊيلر ۽ روپوش جوابدار گرفتار هٿيار ۽ منشيات برآمد ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ڏوهن جي خاتمي لاءِ ڪارروايون جاري ميهڙ ۾ ايس ايڇ او ٿاڻو اي سيڪشن محمد ابراهيم سومرو پوليس پارٽي سان گڏ ڪامياب ڪارروائي اي ڪيٽيگري جو منشيات ڊيلر نور محمد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نوجوانن کي راندين جون سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي: پارس ڏيرو

پ پ ڪارڪردگي ۽ عوامي خدمت جي بنيادن تي عوام جي دلين ۾ زنده آهي

مخالفن پاران پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن پاران ٻين پارٽين ۾ شموليت وارا بيان خوابي آهن

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر سردار پارس ڏيرو چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي ڪارڪردگي ۽ عوامي خدمت جي بنيادن تي عوام جي دلين ۾ زنده آهي، مخالفن پاران پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن پاران ٻين پارٽين ۾ شموليت وارا بيان خوابي بيان آهن جمهوريت آهي جنهن کي جيڪو وڻي سو پيو سوچي، ٽڪ ۾ بي پناهه ترقياتي ڪم ڪرايا آهن روڊن، گٽرلائن سميت ٻيا وڏا منصوبا جاري آهن ٽنڊوآدم کان حيدرآباد ۽ ٻين روٽن لاءِ پيپلز بس سروس لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن اهڙو اظهار بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان شرپسند عناصرن پاران ڪچين جي ٽوئن جي باردانـي کي باهه، لکين رپين جو نقصان

خيرپور(ڊ ر)خيرپور يوسي حاجنا شاهه ۾ نامعلوم شرپسند عناصرن شهمير ٻٽي جي ڪچين جي ٽوئن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن سبب لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي.ان موقعي تي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته شر پسند عناصرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽنڊوآدم: ايم پي اي پارس ڏيرو ڪرڪيٽ گرائونڊ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سکرنڊ سنڌي ادبي سنگت شاخ چونڊ ۾ خير محمد لاڪو بنا مقابلي ڪامياب

سکرنڊ (س ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ سکرنڊ جون ساليانيون چونڊون سال 2026- بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر پرسان باهه سبب 7 پورهيتن جا گهر سڙي خاڪ، متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل

سردار ڳوٺ ۾ غلام ياسين، خادم حسين، الله رکيو، خالد حسين، عزيزالله ، شمن ۽ زاهد مهر جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهرن ۾ موجود ڪاٺ ڪباڙ سميت سمورو الهه تلهه پڻ سڙي تباهه ٿي ويو آهي، سائتا ڪئي وڃي: متاثرين

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر پرسان سردار ڳوٺ جي علائقي منشي مينهون پٽ ۾ اوچتو لڳندڙ باهه وڏي تباهي مچائي ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ 7 پورهيتن جا گهر مڪمل طور سڙي خاڪ ٿي ويا، باهه سبب گهرن ۾ موجود سمورو الهه تلهه پڻ سڙي تباهه ٿي ويو آهي جنهن متاثر خاندانن کي بي يارو مددگار بڻائي ڇڏيو آهي باهه کان متاثر ٿيندڙن ۾ غلام ياسين مهر خادم حسين مهر الله رکيو مهر خالد حسين مهر عزيزالله مهر شمن مهر ۽ زاهد مهر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ ۾ صوفي بزرگ ۽ شاعر سيد تاج علي شاهه بوڙائيءَ جي 40هون عرس مبارڪ عقيدت سان ملهايو ويو

سکرنڊ (ن ع) سنڌ، عالمي امن ،رواداري ۽ ترقيءَ لاءِ پل جو ڪردار ادا ڪرڻ جي فڪري سگهه رکي ٿي پر ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌ وٽ دائمي خودمختياري هجي .دنيا هن وقت بارود جي ڍير تي بيٺل آهي انڪري اسان کي صوفي بزرگن جي پيغام ۽ فلسفي جي روشنيءَ ۾ دائمي امن لاءِ سوچڻو ۽ لوچڻو پوندو،اهڙيون ڳالهيون سکرنڊ ويجهو ڳوٺ دليل ديرو ۾ سنڌ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال ويلفيئر پاران 327هين مفت طبي ڪيمپ، مريضن جو بهترين علاج، 20 معذورن ۾ ويل چيئرون ورهايون ويون

ٽنڊوآدم (ن ع) اڏيرولال ويلفيئر پاران سنڌ حڪومت جي ريهيبليٽيشن کاتي جي سهڪار سان شهر جي سنڌي ميڊ پرائمري اسڪول ۾ 327هين مفت طبي ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران سوين مريضن جي مفت چڪاس، بهترين علاج، ٽيسٽن جي سهولت ۽ دوائون فراهم ڪيون ويون جڏهن ته 20 معذور ماڻهن ۾ مفت ويل چيئرون پڻ ورهايون ويون.ان بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ريڙهي تي پورهيت گرمي کان بچاءَ لاءِ پراڻيون ڪپڙيون وڪرو ڪري رهيو آهي

نصيرآباد سنڌي ادبي سنگت جي چونڊ ۾ مريد جميل شيخ کي متفقه طور تي ٻيهر سيڪريٽري منتخب

نصيرآباد(ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ نصيرآباد جون ساليانيون چونڊون ضلعي رابطي سيڪريٽري ۽ اليڪشن ڪميٽي چيئرمين لاکو شبير ميمبر بشير احمد آچر ۽ صحافي شيراز تنيو جي نگراني هيٺ ڪاميابيءَ سان منعقد ٿيون چونڊن جي عمل ۾ ميمبرن پاران ڪامريڊ جميل شيخ کي متفقه طور تي ٻيهر سيڪريٽري چونڊيو ويو،چونڊن جي نتيجي ۾ ٻين عهديدارن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حڪمران ڄاڻي واڻي سنڌ کي جهالت ڏانهن ڌڪي رهيا آهن: شازيه احمداڻي

روزانو معصوم نياڻين ۽ نوجوانن کي ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ ڪاروڪاري، سڱ چٽيون وڌي رهيون آهن: روبينه جي وارثن سان تعزيت بعد ڳالهيون

خيرپور(ڊ ر)سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر شازيا احمداڻي سيڪريٽري نصرت خاصخيلي سنڌي گرلز اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر فضا ملاح ۽ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف خاصخيلي ٽنڊومستي پرسان ڳوٺ هڪو چانڊيو ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ڪيل ناري خالده عرف روبينا چانڊيو جي والده ۽ ٻين وارثن سان ملاقات ڪئي ۽ واقعي بابت تفصيل ورتا،ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته روبينا چانڊيو کي ناحق قتل ڪيو ويو آهي هن چيو ته روزانو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ نوجوان ڪاٺ تي ڪٽائي جو ڪم ڪري رهيو آهي

مورو ۾ لوئر اسٽاف اليڪشن ۾ جيئي الخادم پينل جي اميدوارن ڪاميابي ماڻي ورتي

مورو (ن ع) مورو ۾ آل سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لوئراسٽاف تعلقه مورو جي اليڪشن بيلٽ باڪس ذريعي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ اشتياق احمد ڏهراج سجل جاٽ ۽ عبدالقيوم ٻرڙو جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ جيئي الخادم پينل جي اميدوارن ڪاميابي حاصل ڪئي جنهن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.